

پشو پاشا
۽ ٻيون
ڪهاڻيون
جمال ابڙو
روشني

# پِشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون

## جمال ابڙو

روشني پبليڪيشن

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(202)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون“** جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي نامياري ليکڪ **جمال ابڙي** جي افسانن ۽ ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

”پشو پاشا“ جو پهريون ڇاپو 1959ع ۾ زندگي پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو، ٻيو دفعو طارق اشرف پاران 1973ع ۾ ”بدمعاش“ جي نالي سان ڇپيو پر هڪ ئي ڏينهن ۾ سڀ ڪاپيون حيدرآباد ۾ ئي وڪامجي ويون. ٽيون دفعو هي ڪتاب ورستي پبليڪيشن ڪراچي پاران 1976ع ۾ ڇپايو ويو. سنڌيڪا پاران پڻ ڇپايو ويو ۽ آخر ۾ روشني پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو آهي.
جمال ابڙو، ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جو باني آهي، هن ترقي پسند تحريڪ جي عروج واري زماني کان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، هن ترقي پسند تحريڪ جي چڱن ۽ مثبت اثرن کي ضرور قبول ڪيو، پر هن ڪڏهن بہ ترقي پسند تحريڪ جي گهرجن کي مصنوعي انداز ۾ آڏو رکي ڪهاڻيون نہ لکيون. جمال ابڙي صرف 17 ڪهاڻيون لکيون جيڪي سنڌي ادب جون شاهڪار ۽ لازوال ڪهاڻيون آهن.
ٿورائتا آهيون سائين بدر ابڙي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.
اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | |
|---|---|
| مان مڙد | 5 |
| بدتميز | 11 |
| پِيراڻي | 13 |
| شاهه جو قَبر | 15 |
| بدمعاش | 18 |
| مُنهن ڪارو | 22 |
| هُو حُر هو | 26 |
| ڪارو پاڻي | 29 |
| مهرباني | 33 |
| خميسي جو ڪوٽ | 37 |
| لاري | 39 |
| پِشُو پاشا | 43 |
| پاشا | 54 |
| سِينڌ | 58 |
| فرشتو | 62 |
| ماءُ جي جهولِي | 64 |
| لاٽ | 66 |

# مـان مـڙد

مان تڏهين ننڍو جوانڙو هجان! ڳاڙهو ڳاڙهو ڳٽول، لڱ سڏول. ٻاڻ ڪي ٻاڻ ڏسي خوش پيو ٿيان. تيل ڦليل ڪري وارن ڪي سينگاري ٻاهر نڪران. پانيان تہ سيڪو پيو مون ڪي ڏسي.

ڪنهن ڇوڪريءَ جي مون تي نظر پيئي پڪ ٿي ويندم تہ ضرور مون تي فدا ٿي هوندي. ننڍڙي معصومڙي دل، پوءِ تہ وٺي پنهنجا منڙا ناٽڪ ڏاهيندي. ڳُل جهڙي نينگريءَ کي پنهنجو ساٿي سمجهي، ڇا ڇا نہ ساڻس خيالي رهاڻيون ڪندو هوس. چرچا پوڳ، ٺهڪڙا، ارڏائيون، دادلن جي دنيا.

طبيعت ۾ چلولائي اچي ويئي هئم. پائيندو هئس تہ ڪي رنگ رليون، من مستيون ڪجن. روح پيو اڏامندو هو. ڪڏهن جبلن جي چوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪڪرن جي مٿان، ڪڏهن ڇولين جي سيني تي، ڪڏهن تہ سمنڊ جي تري ۾ مرجان ڳوليندو وتندو هوس.

منهنجي چلولي طبيعت ۽ جوانيءَ جي رنگين نظرين مونکي هڪ هنڌ ٽڪاءَ ڪرڻ نہ ڏنو. ملڪ ملڪ مان ٿيندو هڪ اهڙي ملڪ ۾ اچي نڪتس، جتي بس مون سان ڪيس ٿي ويو. منهنجي ڪچڙيءَ وهيءَ کي جڻ تہ ڪنهن مُٺ ۾ نپوڙي، لڳڙو ڪري ڇڏيو. زندگيءَ جو نچڪو ٽپڪو جيڪو ٻُل پيو ڏيندو هو تنهن جڻ تہ ڪرنگهو پيچي، ڪنهن لولو لنگڙو ڪري وڌو. حياتيءَ جو هڳاءُ ۽ زندگي جي سرهاڻ سڀ چوسجي ويئي. اربين انسنا، ڪروڙين تمنائون، هزارين ذهني تجويزون سڀ دٻجي دفن ٿي ويئون. مون لاءِ دنيائي مري مليا ميٽ ٿي ويئي.

وچ آفريڪا جا گهاٽا اونداها جهنگل، ڏيٺين وارا ٻيلا، نانگ بلائون ۽ اجگر. گوريلن جهڙا شيدي، ڪارا رڍ، اڇيون عقابن جهڙيون اکيون، ڪِينئن جهڙا وار، ڦٽي پيئي اڇي. راتو رات ٻڌي ڪٽي قيد ڪيائون. ڊپ ۽ ڏر کان اک نہ کلي، " هنا_هوا!" جا آواز نغارن جا رانياٹ، ڀالن جا کڙڪا، هنيانءُ پيو ڦَرڪي.

ننهن چوٽيءَ ننگا، ڪٽاريون هٿن ۾. جان ڪٽي ڏسان تہ سڀ عورتون، مرد هڪ بہ نہ. هوش اڏامي ويم. عجب جهڙا آواز ٿي ڪڍيائون. ننڍڙا دڦ ٿي وڄايائون. ٹُلهي گگهي آواز ۾ ڳائي، ڳائي نچڻ لڳيون. خنجرن ۽ ڀالن سان مون کي ڌِڪا ڏينديون گهليندي ون هڪ غار ۾ آيون. اتي ڪن ڪمزور مردن کي ڏٺم. جي ٻارن جي ولرن سان، هيڏن سارن جانورن کي، ڪلن سوڏو ٻاهہ ۾ پچائي رهيا هئا. منهنجي تہ ڪَل مان نڪاءُ نڪري ويا.

اهيجاٽن مان سمجهيم تہ مون کي ضرور ڳُهنديون. نيٺ اهو وقت اچي ويو. شور مچائينديون، گوڙ ڪنديون، مون کي هڪ مندر جهڙيءَ غار ۾ وٺي آيون. اتي ڀيم جهڙي ڏاٿڻ مورت زائفان جو وڏو ٻوتو نهيل هو. ان جي اڳيان ڏٺم تہ رت جا ڳِيها لڳا پيا هئا. بہ ڇٽيون نينگريون ڀُوتٽيون، ڪٽاريون

ڪنيون ٻيئيون هيون. هڪ ڄٽيءَ ڳٽڙ ڪان جهلي، ٻوتي وٺ آندو. رڙ ڪري بيهوش ٿيڻ وارو هوس ته هڪ مَم جهڙي ڪُراڙي ڏائڻ اچي مون کي ڳرانڙي پاتي ۽ هڪ ٻڪري کي ڪتار هٽي اتي ڪنائون. پوءِ ته ناچ ڳاني جو هنگامو مچي ويو.

مون کي بعد ۾ اهو معلوم ٿيو ته اهو ٻوتو ماتا ديويءَ جو هو. ساٿ سوڻ ڪري مون کي هن ڪُراڙيءَ مَم جي حرم ۾ داخل ڪيو هئائون. مون کي ته ڏندڻ پئجي ويا. چيم خدايا ٻَڪر هجان ته چڱو هڪ وار ڪسجي وڃا ها، يا عمر جهنم جو عذاب ته نه ڏسان ها. ڪئين هن ڪُراڙي ڪوڳ سان عشق ڪندس!

ان محل پنهنجي سنڌ ديس کي ساريم. پاڙي واري رئندڙ نازنين ياد پيم، جنهن کي سٺ ورهين جي پوڙهي سان ٿي پرڻايائون. الا! جي هينئر منهنجي روبرو ائين ٿئي، ته سيني جا ميچالا پيچي پوڙهي جو نرگهٽ پٽي، ان نازنين کي جيئندان ڏياريان. ويچاري شاديءَ جي ڦَندڙ ٿي، مون وانگر ڪُسجڻ لاءِ تيار ٿي هوندي، ڪنوار ٿيڻ لاءِ نه. ائين پا+نيم ته ان نازنين کي به نڪاح وقت اهڙائي پوائتا جهنگلي، اگهاڙا نرلجا انسان نچندا ۽ واجٽ ڪندا نظر آيا هوندا.

گهڙي نه گذري ته ڏندري ڏائڻ مون کي وٺي پنهنجي پونگڙي ڏي ويئي. ڪاري رڏ، چپ پيا لڙڪنس، هڪ ٻچڙي ۽ پوائتي، پيو اگهاڙي، سڄي گهنج گهنج. منجهائنس ڏپ ٿي آئي. چپن جو ٻول ناهي، پيلا ڏند ڪيڏي ڪٽي چمي ڏنائين. لِڦ جهڙي لِڳڙي بدن ۾ ڪٽي جهليائين. مون سان چاچا نه ڪيائين. ڪپڙا ڦاڙيائين، لِڱ ڦاڙيائين، دل ڦاڙيائين، ڇيهون ڇيهون ڪيائين.

ٻڌو هئم ته 'وقت' ڦَٽ جو ملم آهي. پر هت ته ويران وير وَڏ هئي. جڏهن منهنجي جوانيءَ کي اپاري نه سگهي، تڏهن موچڙو ڪنيائين. هڻ جو لٺ ته رت ۾ ڳاڙهو. نه ڏٽي نه سائين، پنهنجا چڏي، وچي پراون ۾ پيو هوس.

هار مچي لچي ٿيڻ بدران، اٿلو مون تي نڪر پيچڻ لڳي. چي،"هڻڙو تهڙو، گهر سان سچو نه آهي، ضرور ڪٿي اک اڙي هوندس". مون واري سَس ۽ ساليون به اچيون چنبا هڻن ۽ پونڊا گهروڙي ڏين. چي،" ڪاريءَ تي پير پيو سون، جو پنهنجي وسن جهڙي مومل جو هِن نياڳي سان پلئه اٽڪايوسين!"

منهنجي زال کي صلاح ڏنائون ته ڪُهينس، پر هن پوڙهيءَ ڪوڳ جو مڙئي ڪو مون تي هرک هارجي ويو هو. سا آنا ڪانا ڪرڻ لڳي. نيٺ مون واري سالي تيار ٿي ته مان ٿي ڪُهانس.

ڪاوڙ ته ڏاڍي لڳيم هيءَ ٽياڪڙ ڪير، پر هوءَ چوي غيرت جو سوال آهي. مون کي اکين ۾ پاٽي پرجي آيو. پنهنجي پياري ديس ۾ مون ائين ڪڏهن نه سوچيو هئو ته زائفن کي به غيرت ٿيندي آهي، ۽ هُو به مڙسن کي ڪارو ڪري ماري سگهن ٿيون.

هڪ رات وجهه وٺي ڪڙي ڪنيم. نو عمر ٻلڙو، اڻجاڻ، پتو نه پوي ته ڪاڏي وڃان. مٿان وري بادشاهي زائفن جي، جتي جيڪا مليم، سا ڪٽيو قابو ڪريم. جڻ ته مان انسان نه، پر ٻي جان ڪسرت گاهه هئس. منهنجي جسم جو ذرو ذرو لُڇي چڙهيائون. پاڻ ڪان ٻچان اچڻ لڳم.

ٽڪن تي وڪامجڻ لڳس. مٿان وري قهر اهو ٿيو، جو معاملو برادريءَ ۾ پيش ٿيو. اوڙي پاڙي جون سردارڻيون پڳڙ ٻڌي گڏ ٿيون. مون کي موچڙا هڻي اصلوڪيءَ زال جي حوالي ڪيائون.

خدا خدا ڪري منهنجي گهر واري، جا هونئين قبر جي ڪنڌيءَ تي هئي، مري پئي. مون لک شڪرانا بجا آندا. پر اڃي ٻيو ممڻ متو. سندس ننڍيون وڏيون وارثاڻيون اچي اٽڪيون ته هن جوان تي حق منهنجو آهي. جڻ ته مان ڪا ملهه ڳڏي وستو هئس. نيٺ مون کي ٻه ورهائي ڪنيائون. جنهن ساليءَ جي حصي ۾ آئون آيس، تنهن مون کي وڪڻڻ چاهيو. پر مون کي ڪو وٺي ڪونه! پوڙهيون پوڙهيون جي پاڻ چار چار مڙس رکيو ويٺيون آهن، سي به ڪٽيو نڪ چِبو ڪن، چي " ڪنوارو ٿو روئي آهي، نه مائي نه، ڪير وٺندو!"

مون کي ته باهه وٺي وئي، پاڻ ڪهڙيون ڪنواريون هيون. هار سينگار ڪريو لوفرن وانگر ويچارن شريف گهر ويٺل لچاڙن چوڪرن کي خراب به ڪن، ۽ مٿان چون ته هيءُ چورو خراب آهي، اسين نه وٺنديوسين! پوءِ به سيڪو پيءُ، ڏاڙهي تنگيون پيو اهڙين لوفرياڻين کي منٿون ڪري ته اسان جو نينگر قبوليو. منهنجو شان هيءَ به عزتي برداشت ڪري نه سگهيو. ڪو ويچارو معصوم نينگر هڪ وار پُلجي پيو ته عمر لاءِ چٽو! پاڻ پيري ٻٽاڪ پيون هڻنديون ته اسان سان هيترا ڪي هيترا چوڪرا ٺهيل آهن. ڀلا جي هڪ هڪ کي سريت هوندا ته ڪهڙو چوڪر بچيل هوندو؟ ڳن به پاڻ ته پڏرن به پاڻ! ڪهڙو نه ملڪ جو انڌو رواج هو. جهنگلي ڪنهن جاءِ جا، مونکي ته هن ملڪ جي ماڻهن تي جُوجڪيون ٿي آيون. چيم ته چُوچڙي ڏيئي ڪٽي ساڙيان! منهنجو منڙو ملڪ ... مان چپ ٿي ويس. منهنجا لِڱ ڪانڊراجي ويا. هن جهنگلي ملڪ جون زائفون ته هيئن چونديون هيون ته اسان ٻَنِي آهيون ۽ اسان کي حق آهي ته پنهنجي پسند جو سنو ۽ سهڻو ٻِج وٺون. منهنجي ملڪ جي مَڙدن کي ڪهڙو عذر هو؟ منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو!

هڪ منبڙيءَ گابو ڏئي مون کي خريد ڪيو. ڪيس سَڱ نٿي مليو. سدائين مون کي چوندي هئي ته، "ڏس ته مان ڪهڙي نه پهلوان آهيان ... مون هيئن ڪيو مون هونئن ڪيو!" مون کي به همت نه ٿئي جو ڪٽي چوانس ته ڳسيرو به ڪونه لهين، يا ڪٽي سندس وِڏ جو ذڪر ڇيڙيان. پاڻ پيري مون کي اٽي ويني پئي لوئيندي هئي، چي، ڪو ڪر نه اٿيئي، ڪو لڇڻ ئي نه اٿئي! جڻ ته مون کي نڪا دل هئي، نڪا پنهنجي عزت.

ٻيھر پڳس. ساڳي ڪار جنھن جي ھٿ چڙھان، سو چار ڏينھن رھائي وڪٽيو ڇڏيم. انڌير ننگري ھئي. ڏڪا ڏاڍا کائيندو. ڏورن وانگر وِڪامندو اچي ھڪ نئين قبيلي ۾ نڪتس. اتي جي سردارڻ جان تان چگيري نندي نيٽي ھئي. ھن کي مان وٽي ويس. ڪٽي نڪاح ۾ آندائين. مان نہ رلي رلي ٿڪو ھئس. بغاوت ۽ ڪشمڪش ڇڙھيون ھٽي مري ويئي. مٿي ڇانوَ ڪري ويھي رھيس.

ھوريان ھوريان منھنجي بہ دل ساڻس ٻجھي ويئي. ھيترين سارين ڪارين پوتٽين ۾ ھوءَ مور ھئي. مون کيس خوش رکڻ جي ھر ڪا ڪوشش ڪئي، ڪين گھٽايم. ماني پچائڻ، چنڊ ڦوڪ ڪرڻ، پاڻي ڀرڻ، جوءِ جا پگھر ھاٿا سِنگھن لڳل ڪپڙا ڌوئڻ. رات جو کيس زور ڏيڻ. سڄو ڏينھن ھڏ ھٽندو ھوس. تڏھن بہ ھُوءَ مھٽو ڏيئي ڪيندي ھئي، ڇي ”گھر ويني کائو!“ اندر ۾ وَڍ پئجي ويندا ھئم. پيار جو اھو قدر ڏسي روئي ويھندو ھوس.

ڪڏھن ڪٽي ناز ڪيم تہ مون کي بہ شڪار تي وني ساڻ ھل! تہ ننائي ڇڏيندي، مورڳو ڇڙٻ ڏيئي ڪيندي. بس! ان مھل دل ٽڪر ٽيندي ھئم. پلا ڪيئن سمجھان تہ ھن جو پيار سچو ھو.

پاڻ ڀيري ڳالھين ڪندي، ڳالھ ڪندي، ”فلاڻو تہ ڏس ڪھڙو نہ ناھوڪو جوان آھي!“ ڪڏھن وري پنھنجي نندي ھوندي جي عشق جو ذڪر ڪندي ھئي. ھاءِ الله! نٽي ڇاتائين تہ منھنجي پيار پريءَ دل تي ڪيڏا نہ زخم تي ڪيائين. مان گگدام پلا ڇا تي ڇئي سگھيس! منھنجي جذبن جو وٺس ڪسيرو بہ قدر ڪونہ ھو. جنسي مُڳ تي ڏريائين. ساڙ ۾ پچرندي مون بہ ھڪ لڱا ڇئي ڏنو مانس تہ ”. تنھنجي فلاڻي ساھيڙي ڪھڙي نہ ناھوڪڙي آھي! “ڪاوڙ ۾ ڪاراٽجي ويئي، لٺ ڪٽي اچي ورتائينم. ڏاڍا ويڻ ڪيپائين ۽ ڀيڪ ڏنائين. روئي، روئي ڪٽي چپ ڪيم. ڪيئن نہ پنھنجي ملڪ ۾ اسين مڪمل آزاديءَ سان زالن جي زخمن تي اٿين لوڻ ٻُرڪيندا ھئاسين.

سال گذري ويا، ڪئين بار ڇاوم. ڪٽو نٽي پڳس. ڏينھن جو ھڏ ھٽڻ، رات جو اوجاڳو ٻارن جو روڄ ۽ راڙو. مٿان بيگم صاحبہ جو مزاج رکو ٽيڻ لڳو. ڳالھ ڳالھ تي چِڙڻ، کھرو ڳالھائڻ، گھر ڇڏي وڃڻ. مان تہ منجھي پيس. تيئن ڪم تي زور رکيم. وقتي زال جي دل ونڻ جا جتن ڪيان تہ ٺوڪ ھٽيم. ڇي ”ھن عمر ۾ نخرا!“ چڙ تہ پاڻ مون کان نندي ھئي.

پتو تڏھن پيو جڏھن ھڪ نندي نيٽي نينگر سان شادي ڪري آئي. بس اھا رات مون لاءِ قيامت ھئي. ماندو ماندو پي ٽيس. اڪين آڏو منھنجي دل گھري زال ٻئي سان سيج تي ويني آھي!

مٿان تي ڪِريس. پاڻي وجھي تي ڏندڻ ڀَڳائون ۽ سھرا بہ ڳائيندا تي آيا. ھُجي ھا پنھنجو ملڪ تہ سيج تي گلن بجاءِ بہ لاشا ھجن ھا!

ڏينهن اهو ٿيو مان نئين نينگر جو مُلهہ ڳڌو نوڪر ٿي پيس. هئو تہ هڪ ٺقڙ جو ڪاڄ، پر منهنجو اندر ڪاڏو پيو هو. روح ۽ جذبن ڪي ڪنڊا لڳل هئم. هٿ سان سينگار ڪرائي وڃي ڪيس زال اڳيان ويهاريندو هوس.

منهنجي ٻارن لاءِ بہ آزار مچي ويو سارو ڏينهن موچڙن ۾. ڪين ڏارئي هٿان ڪُٽبو ڏسي هنيانءُ پيو گهٽبو هئم. ڇوڪرا نوڪر ٻڌجي ويا. ڇوريون پاڻ زوريون لوفرن وانگر رُلنديون ٿي وتيون. مان بہ اڇي پوڙهو ٿيس. ٿُڪ لعنت پئي وسيم. هيٺا هَڏ، ڪم نہ اچيم تہ ٺُڪر نہ مليم. ڇوريون ٻہ ٻہ مُڙس ڪري هليون ويون، مون ڪان پڇيائون بہ ڪونہ. باقي ويچارا ٻہ ڇوڪرا، منهنجي حال تي ڳوڙها ڳاڙي بس ڪيو ويهن. چيم تہ ڪنهن چڱي هنڌ سندن سَڱ ڪيان، پر منهنجي زال ڪٽي اکيون ڦوٽاريون. چي، ”مان سردار، اهو منهنجي شان وٽان آهي، جو مان نينگرن کي اٿاريان!“ منهنجا تہ تاڪ لڳي ويا. رت جو ڍُڪ ٻيري ماٺ ڪري ويٺس.

منهنجو وڏو ڇوڪر تہ جواني ڪائي ويو. اڇي ٻريا ٻيس. ننڍي تہ هڪ ڏينهن روئي اچي ڳراٺڙي پاتم. دل جو حال ڪري ڏنائينم تہ فلاڻي مون کي ڇڪي پيئي. مون بہ ڪيس ٻچائي ڪڍيو. منهنجي زال اچي ڪاوڙي تہ منهنجو نڪ وڍجي ويو. مون کي پئي ڪِل اچي تہ ڇوڪرو جواڻ جماڻ، وڃي شادي ڪيائين، هن پوڙهيءَ رن جو ڪهڙو نڪ وڍيو! چڱو ڪيائين، وڃي گهر ناهيائين. ها البت، اسان جي ملڪ جي ڪا ڇوڪري ٻچي وڃي تہ ... واقعي نڪ ڪپجي وڃي... مان ڪياڙي ڪنهڻ لڳس.

هڪ ڏيهن منهنجو وڏو نينگر رئندو اچي پيرن کي چنبڙيم. چي ”ابا سيگهہ ڪر ٻچ! امڙ کي خبر پئجي ويئي آهي تہ تو ادي کي ٻچايو آهي. ڪهاڙي کنيو ٿي اچيئي!“ منهنجو من جهجي پيو. ٻُنڙي کي نرڙ تي چمي ڏيئي ڪاٽنس هميشہ لاءِ جدا ٿيس.

پوڙهو ڪک ٿي ويو آهيان، ستر سالن جو. چمڙو پيو لڙڪيم. ڳل پيهي ويا اٿم، پرون اڇا، در در جون نوڪرون ڪائيندو وتان. پنهنجي اولاد ڪان جدا. ڳوڙها بہ سُڪي ويا اٿم. پيشانيءَ تي هٿ رکيو لٺ کنيو دور دور ڪنهن کي پيو ڳولهيان. پاروٿو ساروٿو ٻن جو ٺُڪر ڪڏهن ميلم ڪڏهن نہ ... اهو آهي ٻچاڙيءَ ۾ حال. ٺُڪر ڳيي لاءِ دڙڪا، ٿاپا ۽ ڌڪا. جنهن ٻار پيدا ڪيا ۽ پاليا، جنهن سڄي عمر پيار ۽ خلوص سان خدمت ڪئي، جنهن پنهنجي سونهن ۽ عصمت ڏني، جنهن ڏک سک ۾ ڳوڙها ڳاڙي صبر ۽ شڪر ڪيو، جنهن پنهنجو خون انساني گُلڙن کي پياريو، ڇا ان لاءِ سندس پنهنجي ملڪ ۾ ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ وٽ بہ جاءِ ڪانهي! ... ملڪ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو سندس خدمت ڪري تہ بہ هن جي ڳڻن جو بار لاهي نہ سگهي.

ملڪ جو خيال ايندي، منهنجي دماغ ۾ جوالا ڦاٽي پيو. نہ نہ! منهنجو منڙو ملڪ اهڙو ڳڻ چور نہ آهي، ستر ورهين ۾ ضرور مَٽيو هوندو. ڪو جهنگلي پوٽن جو ملڪ نہ آهي. منهنجي جي ملڪ جي

مٽيادار ماڻهن ضرور ڪوپن وانگر ڪنڌ ٻہ ڪپائي پنهنجين گگدام مائرن، ڀينرن ۽ نياڻين جا نير تونڙيا هوندا. پر جي نہ، تہ ... منهنجون پوڙهيون نسون ڦُندڻ جي ٻيون. هزارن ڪوهن تان ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهيس! نشتر هڻي رت ڪڍيم. رت جي ڏار سان هيءُ پيغام لکيم. ”جي توهان تائين پهچي وڃي تہ پوڙهي جي رت جو قدر ڪجو! مڙس ٿجو! “

# بدتميز

مان مئجسٽريٽ آهيان. پئسي وارو آهيان. مڇيءَ ماني وارو ۽ ڪجهه هلنديءَ پڇنديءَ وارو. منهنجي ڪِڪڙي بيمار ٿي پيئي. سچ پئي لڳو پڇندو ڊاڪٽر ڏي ويس.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪمائيءَ جي سيزن. موسم هئي، ڪُتو نہ ٿي پڳو. نرڙ ۾ گُهنج. چِڙيو چِڙيو ٿي ويو. مريض پچ پچ ٿي، هي دڙڪن ٿي. مون کي ڏسي مشڪيو "اچو سائين!". دلداري ڏيئي چيائين،"اجهو ٿا هلون!". تڪڙڪانہ هئي. ويهي رهيس. چيو مانس، "پلي ڪم اُڪلائي وٺ!"

هڪ ڏڦي گاڏي ڇِيڪٽ ڪري اچي بيٺي. ٻلال جي تيلن تي، ڪتل ۽ گريءَ رليءَ ۾ بيمار پيٺو ٿيو پيو هو. جوڙس ٽيڪ ڏيئي وٺي آيس. اڌڙوٽ عمر جو ڪڏون پئجي ويون هئس.

اتر پئي لڳو پر هن جي قميص کي پيڙا ڪونہ هئا. ماس ڪوريل پاسيريون، مثان انساني 'چمڙو '... سيءَ جو بچاءُ ... الله سائينءَ جي عنايت جو ڪليل اظهار.

ڏاڍي لوچ پوچ هئس، زبان تارونءَ سان پئي لڳس، " ڊاڪٽر صاحب باهہ!" ڊاڪٽر بہ ڏانهنس ڪجهه ڌيان ڏنو." سوڊا پيءُ! " مائيءَ مڙس ڏانهن ڏنو مڙس زال ڏانهن. گهٽو ئي ڪجهه ان گهڙيءَ ۾ نظرن سان ڳالهايائون. مائيءَ کي جيئن نہ ڪو سخاوت جو غلبو اچي ويجي، " ڊاڪٽر، مني سوڊا پئي؟" ڊاڪٽر هو ڪم ۾ رڌل، چيائين، " هائو!" مائيءَ پنهنجي وڏي گگهي جي ننيڊڙي کيسي مان بہ ٽي آنا ڪڍي ترِيءَ ۾ جهليا.

مائيءَ جي ڪڇ تي، بيمار جي ولي عهد، خالي چولڙي ۾، هونگڙون ڏيندي، پيشاب ڪري ڏنو. ڦينگون ٿي ويون. پار بہ رنو. ڊاڪٽر بہ خفي ٿيو. مائيءَ پاهر وڃي چولو نپوڙيو ... مني سوڊا رهجي ويئي. ڪنهن نہ ورجائي.

مريض ڪُنبڊ ۾ ڊنو پيو هو. اٽيي ڏاڙهي، اٽيا وار، اکيون پيئل، وحشت پريل منهن جي روءِ دونهاٽيل. جڻ تہ حياتيءَ هٿ پير هٽي دنگ ڪيو هو. موت جي هڏائين پڃري جا ٽڏا چنبا جڻ تہ وڌندا، وڏا ٿيندا، هن جي ڪمزور جسم کي وڪوڙيندا، نپوڙيندا ٿي ويا ... سندس نديڙو پٽ ريڙهيون پائيندو، سڌو اچي ٿي نڪ ڪان جهليائينس. ماٽس ڪٽي ٿي پري ڪيس.

ڊاڪٽر سندس پيٽ کي لُتاڙيندي چيو " چا ٿيو آهي؟"

" ڏهون ڏينهن ٿيو آ، هنيانءَ ۾ چڪ ..." چپ چباڙيندي، مٺ پڪوڙيندي، انتهائي ايذاءَ جو اظهار ڪندي، مريض چيو " اهڙي ڪا دوا ڏي، هنيانءَ نري پوي!"

" سُئي هڻان، سُئي هڻان؟". ڊاڪٽر واپاري انداز ۾ چيو " چار روپيا لڳندا".

بيمار ۽ سندس زال وري هڪ ٻئي کي ڏٺو. ٻئي چپ رهيا. ڊاڪٽر کي جواب ملي ويو.

نسخو لکڻ شروع ڪيائين. عينڪ جي مٿان نهاريندي پڇيائين، ” گهٽ‌ڻ ڏينهن جي دوا ڪپي، ستن ڏينهن جي ڪيان؟“ ڊاڪٽر، گگهي واري ننڍڙي ڪيسي جي ٻاڙائي چڳيءَ طرح تاڙي ويو هو.

” چئن ڏينهن جي ڪرينس!“ مريض ٻاڻ چيو. ڊاڪٽر نسخي تي ڪجهه ترڪيو ۽ ڪمپائونڊر ڏانهن اماڻيائين.

مائيءَ دوا ورتي، پيسا ڳڻي، وري ڳڻيائين. ڪليل هٿ ڪٽي ڪمپائونڊر ڏانهن ڪيائين. ذري گهٽ هڙئي پئسا ميڙي ويس. مائيءَ جي منهن تي اعتراض، پوءِ منٽ ۽ آخر ۾ روئڻ جهڙا اهڃاڻ اچي ويا. سئي نہ لڳي تہ بہ … …

”ڊاڪٽر، کائي ڇا؟“

”کير، ڪشمش، نارنگيءَ جي رس.“

مائي ويچاري چپ ٿي ويئي، ” ڊاڪٽر ٻَت کائي!“

ڊاڪٽر باهہ ٿي ويو ” جيڪي وٽيس سو کائي. توهان نہ مڙندؤ مري تہ مري پر ٻَت ضرور کائو!“

مائيءَ مڙس کي ٽيڪ ڏني. سَهڪندو ڪِنجهندو وڃي پلال تي ڪريو. سئي ڪانہ لڳي، ۽ ڪائڻ لاءِ ڪنگڻيءَ جا داڻا پاڻيءَ ۾ ٽچڪندا نظر آيا.

گاڏي ڇِيڪٽ ڪندي رواني ٿي. مٺيءَ سوڊا ۽ نارنگيءَ جي رس ڪان پري. مائيءَ جو سرتاج، ابهم جو ٻيءُ، هن ننڍڙي نظام شمسيءَ جو مرڪز اوندهہ ۾ غائب ٿيندو ويو.

ڊاڪٽر مون سان گڏجي هليو. ننڍڙيءَ کي تپاسيائين، اڌمنو ڪلال وينو. سُئي هنيائين، دوائون ڏنائين، دوائون لکيائين ۽ پوءِ ٻاهر نڪتو.

مان ساڻس گڏجي ٽانگي تائين آيس، ڏهين روپين جو نوٽ ڪٽي هٿ ۾ ڏنومانس. کِلي واپس ڪيائين، ”واهہ صاحب، مان اهڙو بدتميز آهيان!“

ٽانگو روانو ٿي ويو. ڦيٿا ڦِرندا ويا، سنبن جي ٽاپ ٽاپ، ٽانگي جي ڪڙڪڙ ۽ …ٻيل گاڏيءَ جا ڇِيڪٽ ملي هڪ ٿي ويا … ”بدتميز… بدتميز … بدتميز …“

# پِيراڻــي

ٿَڪر تان بِروهين جي لَڏ ٿي لٿي. سياري جي شروعات هئي، جابلو ڀِٽن تان خشڪ هوا سنهڙيون ٻِٽريون گهليون ٿي ويئي. ٻـ ٽي ڏاند هئا، جن تي سامان لڏيل هو. هڪ اُٺ جنهن تي بانس جون لٺيون ۽ ڏنڊا سنڌ ۾ وڪري لاءِ ڪنيل هئا. ٻنيان ٻـ ڪتا پچ لوڏيندا پٺيان ٿي آيا. مَڙدن جا پير اگهاڙا، سٽون ڦاٽل ۽ لُنڊيون. مٿن ۾ عاليشان ٽڪڙن وارا پرت پريل ميرا ۽ گندا ٽوپ. وڏا وار خشڪ، اٽيا ۽ ڇِيڙهه پيل. زائفن کي سهٽي ڪٽل پرت سان ڍڳها ڳگها. ڏاندن تي وڏا ٻورا رکيل، جن ۾ ڏاس جا وٽيل رسا پيل. ننڍڙا ٻار ڏاندن تي چڙهيل، ماڻٽن کي سنها لڪڻ هٿ ۾ جن سان ڏاندن کي هڪليندا ٿي آيا ۽ سريلو "هي- هون" جو آواز پئي ڪيائون. شڪلين جا سهڻا ۽ شاندار بدن جي بيهڪ ناهوڪي.

هڪڙي هنڌ مانجهاندو ڪيائون. گودڙيءَ مان سُڪل مانين جا ٽڪر سيني کي ملي ويا. ٻئي ٻُجڪي مان سڪل ڏڌ جا اچا ٽڪر ڪڍي، پاٽيءَ جي جَمن ۾ وڌائون ۽ سيني ٻـ ٽي ڍڪ پريا. ننڍڙي نون سالن جي پيراڻيءَ چيو "سنڌ ۾ شيون ڪوڙ ۽ سنيون سنيون!" پٽس ٽوپ لاهي جُوئن هاٿو مٿو ڪنهيو. ماٽس خفي ٿي ڏانهس نهاريو. ٻين ٻارن جي آڏو منين منين شين جون خيالي قطارون گهمي ويون.

سنڌ ۾ ٻلال جي جهوپڙين ۾ وينا، ٻلال تي سمهيا ۽ ٻلال جا جو تا ناهي پاتائون. بانس جون لٺيون ۽ ڏاسن جا رسا وِڪيائون. ڪڍيون ڪيائون ۽ ڪيٽون ڪڍيائون.

سيارو گذريو ۽ موٽڻ جا سانباها ٿيا. ٻارڙن کي شيون ڪونـه مليون.

وچڻ ڪان اڳ ۾ پيراڻيءَ جي پيءُ زال جي منهن ۾ ڏنو. سندن اکيان سچ ۽ بک ڦِري ويئي. جوٽس هيسجي پيراڻيءَ جي چولڙي کي ڏنو جو اجان هاٽي ڏوئي وڌو هئائين. سندس خاموش بيوس اکين ۾ انڪار ڪين هوا

پيراڻيءَ جو پيءُ ٻر واري ڳوٺ ۾ آيو. "سلاماليڪ!" ڪيائين. "ادو ڪو 'سنگ' ڪپي؟" پيءُ جو مطلب ڏيءَ کي وڪڻڻ جو هو. سنڌ ۾ سَڱن جي اٽاٽ. ڪيترن جا ڀڙ باسيل هئا. 'شل بادشاهـ پِير سپ جي پُڄائي!' لالوءَ جي پيءُ پٽ ڏي ڏنو مڇن جي ساول. آواز ڳگهو ڏاڙهيءَ جا چڊا چڊا ڪنپ ٻـ نڪتا هئس. ٻـ ٽي جٽا بروهيءَ سان گڏجي ويا.

بروهين جا ڪتا سنڌين کي ڏسي چِتا ٿي پيا. هوءَ ها مچائي ڏنائون. پيراڻي ٻنيءَ اگهاڙي جُنڊا ڪليل، ٻجي وچي ماءُ جي چولي کي جهليائين. لالوءَ جي پيءُ ڪيس هٿ لاءِ ڏنو.

پيراڻيءَ جي پيءُ پڪائي ڪندي چيو ”ڏُبرو (ڏٻري) ناهي!“ ڪتن ڀونڪ نہ ڇڏي. ڳوٺ جي ٻاهرئين رستي تائين ڀونڪندا ڊوڙندا آيا. ڪين ٻاهر ڪڍي ڀُڇ لوڏڻ لڳا ۽ بدن کي ڏُوڻي ٽِڙي پکڙِي ويا. هنن پنهنجو فرض پورو ڪيو.

ڳوٺ جي ٻاهران ’سٽ‘ روپين تي فيصلو ٿيو. اڄ بروهين پنهنجا تڏا پٽيا. مڏي ويڙهجي سيڙهجي، ڏاندن تي پئجي ويئي. ٻارڙن ڳوٺ جون ڳالهيون ٿي ڪيون. تَڪر جون ۽ تَڪر جي ٻيرن جون. لالوءَ جو ڳوٺ واٽ تي هو. پيراڻيءَ جي ماءُ پيراڻيءَ سان بلڪل لڳي ٿي هلي. پڙس بہ ڪيس اڱر ڏني هئي.

”ابا هاڻي ڳوٺ ٿا هلون!“ پڙس ڪنڌ سان هائو ڪئي. سندس اندر ڪاڏو پيو هو. ماڻس محسوس ڪيو تہ ڪا وڏي شيء سندس ڇاتيءَ ۾ اٽڪي بيٺي آهي، جا ٻاهر نڪرڻ لاءِ اُڌ ما پئي ڪائي. لالوءَ وارا اڳيئي بيٺا هئا. ماڻس مشين وانگر سٽ ڏيئي پيراڻيءَ کي ڪٽي ورتو ۽ ڇاتيءَ سان چنبڙايو. ماءُ ۽ ڏيءُ جون دليون ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳيون. ماٺهو مڙي ويا. پڙس ڏڪندڙ هٿن سان پيراڻيءَ جي ٻانهن کي ڇڏايو. ماءُ جو هنيانءُ ڦِسي پيو آنڊا وڃي پيا، دل دانهن ڪئي، ”اڙي، منهنجو پيراڻي ننيڙڙوا!“ ڇوڪريءَ هيانءُ ڦاڙي دانهن ڪئي. پکي پڙڪو ڏيئي اڏاميا.

پَٽ ۾ پيل پيراڻيءَ کي لالوءَ جي پيءُ جهليو. پيراڻيءَ جي پيءُ جي نڪ ۾ اکين جو پاڻي سندس ڏاڙهيءَ مان ٿي ٽميو ۽ ڦٿڪندڙ زال کي جهليائين. لَڏ رواني ٿي، پيرٽيءَ اوباسين ۾ ”ابا ۽ اما“ پوڪاريو. ماڻس کي گهليندا ويا ۽ پري ڪان آواز ايندو رهيو ”او جي خدا، منهنجو پيراڻي ننيڙڙوا! ... او تڪر کي ٻاهه لڳي ... ، سنڌ وسي ... ، منهنجو پيراڻي ننيڙڙوا!“ هن وار پئي پٽيا.

ڦٿڪندڙ پيراڻيءَ کي گهر کڻي ويا. هن ٻُل پٽي ڪاڏا، چڙهيون ٿي هنيون. ڀڳي ڀڳي ٿي ويئي. لالو ڊوڙيندو شيون وٺي آيو. زور سان سندس وات ۾ مصري وڌائون جا اجهڪي سان نڪري آئي. ٻاراڻيءَ ڪچيءَ نڙيءَ مان گگهو آواز اچڻ لڳو اوباسين ۽ سُڏڪن ۾ ڀڳل، ٽٽل،” ابا...، امان...“ ٿي نڪتس. ڪنهن ڪيس سڏ نہ ڏنو. لالوءَ کي ٻاهه وٺي ويئي، ڪاتي کڻي آيو. اکيون ڦوٽاري چيائين، ” بس ڪر نہ تہ ڪُهندوسانءِ“.

مٿي ۾ پيل پيراڻيءَ سڄي رهيل طاقت سان چيخ ڪئي ... ... مائي ياڳل پنهنجي ننيڙيءَ ڏيءَ کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتو. ٻڪريءَ ڪن اُڀا ڪري ٻيڪاٽ ڪيو ۽ ڦَر کي چٽڻ لڳي.

پيراڻي اڄ بہ جيئري آهي، سندس هڪ پُٽ پوليس وارو آهي ۽ ٻيو جيل ۾ آهي.

# شاهه جو ٿَر

مريم ڏاڍي وڻندڙ هئي. سڀ کي چوندي هئي، ” ماما!“ پنجن ڇهن سالن جي ٻارڙي هئي. وار ڪڪا، گلابي رنگ، ۽ ننڍڙيون ٻانهون اهڙيون گول ۽ وڻندڙ جو چا ڳالهه ڪجي، پير اگهاڙا، مٿو اگهاڙو، سنهڙي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهيون پيئي ڊوڙندي، کلندي ۽ ڪڙڪندي هئي، جهڙو فونو. ڪنهن ڪان نه ڊڄندي هئي. ڊوڙندي ڊوڙندي ڪنهن کي پنيءَ ۾ مڪ هڻي ويندي، وڃي ٺهڪڙا ڏيندي، سڄي پاڙي لاءِ وندر هئي. سڀ ڪيس چيڙائيندا هئا، چوندس، ”ممڙ يا!“ هوءَ وري وات ڇٻو ڪري، اکيون ٽرڏائي، چيلهه تي هٿ رکي، چوندي، ” ممڙا!“

دوڪان ڇڻ ڳوٺ جي اوطاق هو. جيڪو ڪم ڪان واندو ٿيو سو اچي دوڪان تي وهندو هو. ڪو صندل تي، ڪو ڪٽ تي، ڪو پير جي هنيان پٽ تي. ڪنهن کي ڇڄي لوهي ڪرسي هٿ ايندي، ته ڪو سِر هيٺان ڪري ويهي رهندو. پوڙها حقي تي، ته ننڍڙا ٻيڙين تي پيا ڪنگهندا ۽ ڪانگهارا اڇليندا. ڪي گهٽي ڪم جا نِپوڙيل، ته ڪي ڳِٽتين جا ڳاريل. ڪنهن جو رت چوسيل ۽ رڳون ڦونڊيل ۽ ڪي وري اٽپوريءَ خوراڪ جي ڪري ڪٻاٽيل. ڪنهن جا پِرون پورالن وانگر مٿي چڪيل هوندا. ڪو ڪاوڙيو ايندو، ڪو بيگر وهي آيو هوندو، ته ڪنهن تي تازي پوليس جي سمن آئي هوندي، ڪي بنا ڳالهه جي پيا کِلندا ۽ ٺوڪون ڪندا، ۽ ڪي هِيسيل ڪُوئي وانگر اکيون پيا مِڇڪائيندا، ڪي ته نفرت مان ڪنڌ پاسيرو ڪيو، پُنيرا وينا هوندا، ڇڻ ته جيڪي ٿئي پيو تنهن سان واسطو ئي ڪونه اٿن.

مَمڙي سڀني لاءِ بنا پئسي ناٽڪ هئي. ڪنهن موڙهل جي منهن ۾ جُوهه وجهي وڃي ٺهڪ ڏيندي، ڪڏهن ڪنهن ڪاوڙيل جي ڪلهن تي ٽپو ڏيئي وڃي لوڏيندي. ڪڏهن لِڪي لِڪي ڪنهن جو نڪ ڪٽي جهلندي. سڀ ڏند ٽيڙي وڃي کلندا، ممڙي وڃي پڇندي، جنهن سان حرڪت ڪئي هوندائين، تنهن جو هوريان هوريان پاسو اچي وٺندي چي، ” ماما پئسو ڏيا!“ جي پئسو نه هوندن ته به پنهنجي ڪنڌي ڪيس شيءِ وڃي ڏيندا.

سندين وڏين دلين تان ڇڻ ته ڪو ڳورو بار ممڙي پنهنجي ننڍڙن هٿن سان ريڙهي ڪٽي پري ڪندي هئي. ممڙي هار اصل نه مڃيندي هئي. جي ڪو پئسو نه ڏيندس ته چوندي، ” ماما جونءِ ڪيانءِ!“ پوءِ ته پنهنجن ننڍڙن نهن سان وار پٽي ڪيڊنديس. ڪو دڙڪو ڏيندس ته ويچارا ڪيڊندي، خالي هٿن سان الرون ڪندي، پڇاڙيءَ روئي به وهندي. جنهن وقت چَپ ٻاهر ڪيڍي، هٿ اک تي رکي سُڏڪا ڀريندي هئي ته ڳوناٽن جي رُڪي، ٽوٽ زندگيءَ جي سموري محبت ڳڏ ٿي اُڇلون ڏيندي هئي.

ممڙيءَ کي بي اختيار جهلي، هوا ۾ جهپي ڪٽي هيٺ رکندس. ممڙي شرمائجي، مشڪندي ۽ پرچائيندڙ کي هوريان ٿڦ هڻي ڪيندي. اهو سندس فتح جو اظهار هو.

پيءُ لاءِ ته بي بها خزانو هئي. ماڻ ڪيو وينو مشڪندو ۽ خوش ٿيندو هو. ٻين جي چوڻ تي پيءُ کي به چيڙائيندي هئي. کيس ڏک هڻندي، نڪ پٽيندي ۽ ويچارا ڪيندي هئي. جي پڻس ڪاوڙجي شوڪي نهاريندس ته ڊوڙي وڃي ڪنڌ ۾ کيس چنبڙندي هئي. سندس هار مڃڻ جي اها خاص نشاني هئي. پيءُ کي به چوندي، "ماما"!

پيرل شاهه ڪو شهر جو چڱو مڙس ڪونه هو پر سڀ کيس سائين پيرل شاهه چوندا هئا. سيد ڄو سڏائيندو هوا! ڳوٺ جي پرئي مڙس کي ته ڪو ليکيندو ئي ڪونه هو. هُو غريب پنهنجي مٽي کنهڻ ۾ پورو هو. پيرل شاهه کي ڄڻ سرڪار دو جهان وٽان سرٽيفڪيٽ مليل هو ته تون افضل ۽ اعليٰ آهين. بوڪڙو مُلا به سندس هٿ چمندي ڏاڙهي پيا ڏڪائيندا هئا. عام رواجي ماڻهو ته سندس موچڙي سٽيا هئا. سيني جو ڪم هو کيس' پيرين پوڻ' . سندس چڊي ۽ بي ڊولي ڏاڙهي ڪاڏيءَ طرف وريل هوندي هئي. سدائين سُرمو پائي تيل هڻي نڪرندو هو. ڪنڌ مٿي جهلي، پولهه ٻاهر ڪڍي، ٻانهن جي لوڏ سان پاڻ کي ڏڪيندو هلندو هو. سپاٽي جي ڪُڙي پير سان نڪاءُ ڪندي ايندي هئس. ڪنڌ مٿي هوندو هوس پر اکيون نور وانگر قِرنديون ايندڙيون هئس ته ڪو مون تي ڪلي ته ڪونه ٿو.

شاهه لنگهندو هو ته ممڙي به ماڻ ٿي ويندي هئي. سندس وڃڻ کان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪري، پير مٿيءَ سان گسائي، ٻانهن کي پوئتي سَٽي، ڌُڏڪ ڪري هلي ڏيکاريندي هئي. جي شاهه ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسندو هو ته منهن ڦيرائي وات تي هٿ رکي کِل کي روڪيندي هئي. ان وقت سندس شرارت ڏسڻ وٽان هئي.

اڄ ممڙيءَ ويچاريءَ کي پئسو ڪونه مليو هو. پريان پيرل شاهه پئي آيو. ڀريائين ته هيسجي وئي پر پوءِ ٻانهن سڌي ڪري، ننڍڙو هٿ وڌائي، ڪنڌ لاڙي، ايلاز سان چيائين، "ماما پئسو ڏي!"

شاهه کي ڄڻ ته ٽاڀو اچي ويو! ٻانهون لوڏيائين، مٿو لوڏيائين، ڪنڌ اڃا به مٿيرو ڪيائين. "ماما!" شاهه کي ڳِڦ وهڻ لڳي، ٻاهه ٿي ويو "ڪتي جي ڌيءَ ... تنهنجي ته ..." ممڙي هار مڃڻ تي هريل ئي ڪونه هئي. هڪدم ٺونشو ٺاهي، هيئنئين چپ کي چڪ هڻي، اکيون ڦوٽاري بيهي رهي. چيائين، "ممڙا!"

پر اڄ سندس مقابلو ڪنهن ٻئي جانور سان هو. بگهڙ واري رونڀ ڪيو سڌو هليو آيو. "امتڻ ٿي اهلبيت کي مامو ڪري؟" هڪ ئي لت سان ممڙي ليٽڙيون پائيندي وئي. ڪانئس هڪ دانهن نڪتي، "شائين!" شاهه سچو ڪاوڙ ۾ پئي ڏڪيو. چئن ڄڻن تي جهليس. چي، "... اهلبيت کي مامو! ... اهلبيت کي مامو!" جيئن تي شاهه ان تي غور ڪيو، تيئن تي کيس اها گار وڏي نظر آئي.

ٻيءُ پنهنجي ڏيءُ جي مٿان وينو رهيو. ممڙيءَ اکيون کولي ٻيءُ کي دانهن ڏني، ”ماما ... شائين ... پيشوا!“ ٻڌُس ممڙيءَ جي مٿي تي هٿ رکيو. سندس وار وار ڪڙو ٿي ويو. هن اصل نہ رنو. سندس بدن مان چٽڪون ٿي نڪتيون. هن جون ناسُون ڦوڪارجي ويون، مُکون پيڙجي ويون، ڏند ڏندن سان ملي ويا، اکيون هڪ هنڌ کپي ويون. ويون ننڍيون ٿينديون، ويون ننڍيون ٿينديون جڻ تہ ڪاٽ هئا ۽ چيائين ”شاهہ جو ڦرا!“

# بدمعاش

هُو وڏو بدمعاش هو. پهرئين نمبر جو. ڪوڙ دغا، فريب، چوري، ڌاڙو هن جي ڏائي هٿ جا ڪيل هئا. چپٽين ۾ ڏوهه ڪري وٺندو هو. حرام جو قياس پويس. خار ۾ چپ ڪيو ٻيٺو ڏسندو. هڪ پيرون هيٺ، اک چنجهيل، ٻيو پيرون مٿي، ڏند ڏند سان مليل، ناسون ڦوٽاريو چيتي وانگر شڪار کي تاڙيو ٻيٺو هوندو. بس بس ڪري وٺي حملو ڪندو. آنڊا ٻاهر.

ڏائڻ جهڙي ڪماڙي ڪلهي تي ڪنيو. شينهن وانگر جهنگ ۾ ڦرندو وتندو هو. شل نه ڪير ڪيس للڪاري! ماٺ ڪري ڳاٽ اوچو جهلي، ڪيس ڏسندو. پيرن ڪان مٿي تائين ٻه، ٽي دفعا. وٺي گجگوڙ ڪندو. واگهه وانگر ڇال ڏيئي، اچي شڪار تي ٽٽندو. ڪماڙين جو شپڪو سيڪنڊ تي ويندا.

چيلهه سنهي، ڇاتي ويڪري، ڪلها اُڀا. مڇن کي تاءُ ڏيو اکيون ڪرڙيون ڪيو. پير پير ۾ مست ٿيو وتندو. ڪنهن تي فلڪ نه آڻيندو. ننڍي ڪان ئي نود هو. پٽس ڪُتي هڏ ڳڏ پيچي رکندو هوس، حرام جو سڌو ٿئي. برڙاٽ پيا پوندس. لٽون مڪون، چنبا، گهل گهلان. هجيس ماءُ ته ڇڏائيس! نيٺ رڙيون ڪرڻ بند ڪيائين. پيو مار کائيندو ڪڇندو نه. پانئيندو ته پيءُ جي ڏاڙهي پٽي رکي، پر ڏيو هوس. اوڙو پاڙو تپائي ڏانائين. پاڻ جيڏن کي ستيو ڪُتيو هليو ويندو.

ٻارن جا ماءُ پيءُ رڙيون ڪندا ايندا. هٿ ايندن ته ڪُتي رکندس. پنهنجو ٿورو ئي هئن! نه ته به پٽس کي دانهن ڏيندا. پٽس پاڻ مان ئي ڪڪا! سڀ سُور ساڙَ هن مان ئي ڪيندو هو. ڏوهه ٻين جا مار هن تي، " ڪو انهين تي ڪونه آيو هو." اهڙو ساڙ ٿيندو هوس، اهڙو ساڙ ٿيندو هوس ... ڏاڍو ساڙيندو هوس.

چوندو هو "ٻيهه وڏو ٿيان!"

ڪيئن نه واٽئي جي چلڪٽي ڪپڙي کي هٿ لاتو هئائين! واٽئي چماٽ وهائي ڪڍيس. پٽس به ڪٽي چنبو هنيس. پيءُ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيس.

"پيٽسان سُوئرا!" ننڍو هو سُور پي ويو.

ڇورو ڇِنو ميرو چولو ڦاٽل پٽڪو. ان لپ ڪاڻ جو شيءِ وٺي. ٻيا ٻار جهول پريو چوس چوس ڪيو. گُگهڙا وٺيو پيا پورائيندا هئا. هيءُ اڪيلو مٿي تي ٻانهن رکيو اکيون ڦاڙيون، ٻيٺو ڏسندو. ٺڪر جو جنڊ، ٺڪر جي گاڏي، ٺڪر جو اُٺ، ناڪيليءَ سان. دل چوندي هيس ته هٿ لائي ڏسان. پر

ڪير ٿو ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏئي! نڪ جي چوٽيءَ ڳاڙهي ٿي پونديس. وٺي هڪ پاسي ڀڄندو. ڪنڊ ۾ منهن ڪري، پيٽ تي لڪا پائيندي، ٻيو چَپ ڪيندو ۽ سِنگهه اگهندو.

سِڪي سِڪي رانديڪو چورايائين. سانديو پيو سانديندو هوس، لڪي لڪي راند ڪندو هوس. ننڍڙو ڪافور جو گُڏڙو. وڏين اکين سان، جڻ ته پاڻ هوس. ڪيئن نه پٽس کسي ورتس! سڏڪا ڀريندي، مار ڪائيندي ڪائيندي، ٽپا ڏيئي ڏيئي، رانديڪو ڇڏائڻ جي ڪيائين. ويچارو گڏڙو پٽس جي پيرن هيٺان چيپاتجي ويو. هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون. پيءُ کي ”حرامي“ به چيائين. پٽس لتون به هنيس. ان ڏينهن ڏاڍو رنو. ٻچل گڏڙو ڪٽي پنهنجي منهن وري به رنو. ٽُڪرا ميڙي، اڳڙيءَ ۾ ويڙهي، پاري ۾ وجهي ڇڏيائين. ڏينهن اهو وري نه رُنو.

پيءُ ته ڏٺي نه وٽندو هوس. پلا لِڱن جو کهڙو ٽُڪر هوس. جنهن تي پٽس جا پادر نه وسيا هئا. وڏو ٿيو ته لٺ ڪٽي ڪنيائين، چي، ”متان آيو آهين! “ پِٽس سمجهي ويو. وري نه ڪُڇيو. ٻين ماڻهن سان ته ازلي وير هوس. پلا ڪير ساڻس ڇڳيان هليو هوا! اندر ۾ ڌڪار جون ڀريون، ساهه ساهه سان نفرت ڦوڪون ڏيئي نڪرندي هيس. ماڻهن کي ماريندي، ڦِريندي، ڇيچلائيندي ڪجهه خيال نه ٿيندو هوس. ساڻس ڪو گهٽايو هئائون! نفرت سان ٽمٽار. ڪيتري به ڪڍي، ته به اوتري جي اوتري، نه گهٽجي، نه وڌي. ڪيس هڪ ڪتو هو. گلر ڪري پاليو هئائين. اهو مئو ته روئي وينو.

هڪ وار جهلجي پيو. گهلي آيس ٿاڻي تي. اجا ڪچو هو ڊجي ويو. چي، ”الله سائين هي پيرو ڇڏاءِ ته توبهه ڪيمر! “ پر جڏهن ڪيس مرچ وڌائون ۽ مُٺ پياريائونس، تڏهن ڊپ لهي ويس. اهوئي هڪ پيرون هيٺ، اڪ چنجهي، ٻيو پيرون مٿي. پوءِ ڪئين پيرا جهليو. لوڏو ئي نه اچيس. اڪ ڪٽيو نهاري ته ساهه سُڪيو وڃي. جهڙي تهڙي پوليس آفيسر جي چاتي نه ٿئي، جو ڪجهه چويس. ڇڳي مڙس جي چوريءَ ۾ جهليو. پوليس تي بار پيا. چيائونس، ” مال موٽاءِ! “ . وٺي آيس گهر. پيٽس کي اگهاڙو ڪيائون، چي، ”وار پٽينس! “

ڪيس مان چُٽي نڪتو. پيڻ جي منهن به نه چڙهيو. ڇڳي مڙس کي ماريائين. اهي پوليس جا آفيسر ماريائين: روپوش ٿي ويو. ڪهڙو روپوش ! اتي ئي هو پر پوليس کان ڏاڍو هو. ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيائين.

ماڻهو مئو. جڻ ڪتو مئو. جڏهن ماڻهن جي ڳچيءَ مان رت نِينديون ڪري وهندو هو جڏهن ڪپيل نڙگهٽ مان گرڙات جا آواز نڪرندا هئا. جڏهن وڍيل رڳن مان رت ڇاٽون ڪري نڪرندو هو ۽ رت جي گپ ۾ ڇڙهيون هٽندا، ٻُل ڪائيندا هئا تڏهن هُو بيهي ڏسندو هو. هڪ پيرون هيٺ، ٻيو مٿي ۽ اڪ چنجهي.

ڇڄون ڦريائين، گهوٽ ڪنورا ماريائين، نوٽن جون ڍِڳيون ڪري ساڙيائين. ڇپيءَ کي ٻيهي ڏنائين. هڪڙو پرون هيٺ، ٻيو مٿي، اک ڇنجهي.

هڪ دوست تي ڪاوڙيو، هٽي آنڍا ڪڍي رکيائينس، ٽُڪر ٽُڪر ڪري وڌيائينس. پوءِ وٺي ڪُوڪون ڪيائين. اٺ پهر ماني نہ کاڌائين. موٽي اچي فاتح پڙهيائين. مڃون هيٺ لڙڪي آيس. رت ڀريل ڪهاڙي کٽي، خون واريءَ جاءِ تي پُوري ڇڏيائين. ڇرڻ تہ پنهنجي ڏاڏي ۽ مستيءَ کي دفن ڪيائين.

... ۽ پوءِ... جهلجي پيو. هڪ ڪيس نہ ٻٽيس. سو ڏهين ۾ ڏنائونس. اڙجي ويو. مٽيءَ جي ماني، موبل ۾ رڌل دال. چرس، ڀنگ جو واپار. ٻڇي ٻازيءَ تي جهيڙا، سپ ٻِٽ، قيدي توڙي ڪامورا. گار جي رئي. ڪتي واري ڪار. هُو گڏهہ وانگر وهندو رهيو گُهنڊ هنيو. چپ چاپ ڪنڌ هيٺ ڪيو پيو ڳهندو هو. ڏينهن ئي ٻہ چار گذريا. جيل کان ٻاهر، پٿر پچندي، هرو ڀرو جمعدار صاحب ڏنڊيون وهائي ڪڍيس. هن ڪنڌ ڦيري، ڀِرون چڪي، ڏانهنس ڏٺو. جمعدا صاحب تي زهر چڙهي ويو. گارين جو ڏوڙيو لاهي ڏنائين. چي،" ڏسين ڇا ٿو؟" هن جون ٻئي اکيون چنجهيون ٿي ويون. ڏند ڪُرٽجي ويس. وٺي گجگوڙ ڪيائين. ٽپو ڏيئي ڳڙ ڪي پيو. جمعدار جي ٻانهن ڪڍي وڌائين. هنگامو مچي ويو. قيدين جي ٻيگهي مٽي. سپاهين جون بندوقون ڇڏائجي ويون. هُو پڄي ويو.

هن وڃي پنهنجي ڪهاڙي کوٽي ڪڍي. ڇتائي ان کي ڏنائين ڇرڻ تہ انساني مٿن جا گيها ٿي ڳٽيائين. سندس واڇ چبي ٿي، نڪ گُهنجيو ۽ اک چنجهي ٿي. ڌڪار مان مشڪيو. ڪهاڙيءَ کي مٿي ڪري چمي ڏنائين، سندس ڦَر جي تِک کي آڱوٺي سان جاچيائين. نئين سر ڪوس شروع ٿي ويا. ستلن کي ماريائين. ٻي ڏوهين کي ڪٺائين. گهر ساڙيائين. زائفن جا پار، ٻارن جو رودن. ٻاهہ جون لاٽون ... ڏسندو ڏسندو هليو ويو. وري وري ڏسندو، نہ خوشي نہ خار. اها ئي اک چنجهي، واڇ لڙيل، ڀرون هيٺ مٿي. پچڪ ڪري کٽي ٽڪ اچليندو.

هڪ لڳا ڏينهن ڏني جو ڏاڙو هنيائين، سڄي گهر کي کٽي مٺ ۾ ڪيائين. جو جتي سو تتي هيسيل ۽ چُپ. هي ڳاٺ اوچو ڪيو. ڀرون تاڻيون. پئي آيو ۽ ويو. اڱڻ ۾ هلندي پير هيٺان ڪو رانديڪو اچي ويس. اڍائي سالن جي ٻار ماءُ جي ڪڇ تان دانهن ڪئي، "ڪِنو حلامي!" هن مُڙي ڏٺو. ماءُ جهٽڪو ڏيئي ٻار جي وات تي هٿ ڏنو. کٽي ڇاتيءَ سان چنبڙايائين. ويچاريءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. ٻار کي اجا ٻہ ڇاتيءَ سان سوگهو ڪيائين. اکيون کٽي هن ڏانهن نهاريائين. ڇا تہ هو ماءُ جي اکين ۾! هُو پنڊ پاهڻ ٿي ويو. ٻار کي ڏٺائين، ڀڳل رانديڪي کي ڏٺائين، ماءُ جي ڀاڪر کي ڏٺائين. ڪيئن نہ ٻارڙو ماءُ جي ٻڳچيءَ ۾ ٻانهون ورايو، چپ هنيو پيو هو. هُو ڏسندو رهيو.

هن جا ڇِڪيل ڀرون هوريان هوريان سڌ ۾ اچي ويا. هن جُهڪي ڀڳل رانديڪو کنيو. ٽُڪر ميڙي اڳتي وڌيو. وڃي مائيءَ جي هٿن ۾ ڏنائين.

انهيءَ ئي ڏاڙي ۾ هو جهليو. سندس ڪي ساٿي ماريا، ڪي مٿس ٻاڪُو ٿيا. مائيءَ شاهدي ڏني، پڳل رانديڪو پيش ٿيو. ڪيس جنم ٽيپ آئي. هُو ماٺ هو. صاف ماٺ. سندس ٻرون سڏ ۾ هئا. اکيون هڪ ڪريون هيس. چڙ تہ ٻري ٻري ٻي ڏنائين. مائيءَ ڪي، ٻارڙي ڪي، سندس ٻاڪر ڪي... ۽ ٻاري ۾ ٻيل گڏڙي ڪي. سندس ڪنن ۾ آواز اچي رهيا هئا. ”ڪنو... حلامي...“

ڪيس سنٽر جيل تي موڪليو ويو. لولو جمعدار جيلر ٻڌجي چڪو هو. هن ڪيس چوڪنيو ٻڌايو. ڪيس اگهاڙو ڪرايو ۽ ڪيس ڏنبي لنگهائي. هن کي اونڌو ڪري سنٽر جي وڻ ۾ لڙڪايو ويو. سندس ڏنڊ ڪڍي ويئي. رت وهي هليو. چيائون تہ سوري هيس. لولي جيلر ڪيس ٽڏو هنيو. چيائين، ”بدمعاش!“

# مُنهن ڪارو

دين محمد جو منهن ڪارو ٿيل هو. اڌ مٿو ڪوڙيل، مڇون پَٽيل، ڏاڙهي مروٽيل، ڇَڳون وڍيل، هِيسيل اکيون ٻاهر ڦوٽاريل، منهن سڄيل، ڪپڙا ڇيهاڙيون. لڱن تي مار جا ڊٻڙ. پُٺي ڏڙڪ ڏڙڪ. ڏنن تي رت جا ڦڙا، چمڙي رهڙيل ۽ ڇليل. بس سڄو ڪنيپيل هو. سنهو هڙٻانيون ڪٽل ڳيري وانگر. چهرو ڀيانڪ، اکيون ٻاهر، ڳل اندر، وات ڦاٽل. هر هر سُڪل زبان سان چپ پئي آلا ڪيائين.

سندس ٻُت اندان ۽ ٻاهران هڪ جهڙو ڇيهاڙيون ٿيل هو. ڳچيءَ ۾ اجا بہ پادرن جي ڪنڌي پيل هئي. ڪنهن پيتڪندڙ روح وانگر اچي سامهون بيٺو. جهڙو ڀوت. لڱن مان ٽڙڪات نڪري ويا. هيبت وٺي ويم.

تپ ڏيئي اٿي بيٺس. سپاٽو هٿ نہ اچيم. رڙ نڪري پيم، ” اڙي دينو تون!“ جڻ تہ پڪ ئي نٿي آيم. دينوءَ دانهن ڪئي، ” سائين منهنجو ٻچڙو!“. ڪيس اجهڪو اچي ويو. سندس ڏکويل اکين ۾ سورن جا سٽ اپري آيا ... ۽ ٻوڙ ۽ گهم ۾ پاٽي. نڪ جو ٺمڻ، ڪاڏيءَ جو لڏڻ، ڇپن جو سسڻ ۽ وڌڻ، ڪائنات تي ڏڏي منهنجا لڱ تي ڦڙڪيا. دينوءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن ڪٽي ورايم. ڇيومانس تہ ”دينو شهر هل تہ هلي فرياد ڪريون!“

دينوءَ جو ساهہ سُڪي ويو. اکيون ڊپ ڀچان ٻاهر نڪري آيس. وٺي ڪنڌ سان نہ! نہ! ڪيائين. چي، ” پوليس تہ گڏهہ تي چاڙهيو اٿم!“ مون ڪان ڊرڙي نڪري ويئي. جڻ تہ وچ ڪري، ”پوليس! وچ شهر ۾! ويهين صدي! ... دينو ڇتو تہ ڪونہ ٿيو آهين؟ متان ڪَل ٽڙي اٿئي!“

دينوءَ مون ڏي رڳو نهاريو. چي، ” سائين مان دين محمد آهيان!“ جڻ تہ ياد تي ڏياريائين. مون ڇتائي ڪيس ڏٺو. هُو واقعي دين محمد هو. نرڙ تي سجدن جو ڪارو نشان، پيڏيون گنل، پيرَ ڦٽل، نيڪ نمازي، نہ ڪنهن جي ٻن ۾ نہ ٽن ۾. مون کي جلوو اچي ويو. ڇو سندس سونهاريءَ کي پَٽيو ويو؟ ڇو سندس نمازي نشان تي ٺٺو مليو ويو؟ ڇو سندس انساني وقار کي چيڀاٽيو ويو؟ ڇو سندس عزت کي لتاڙيو ويو؟ مون دينوءَ جي انساني جسم کي ڏٺو. مون ان ’احسن تقويم‘ کي ڏٺو جنهن کي ڏوڙ ۾ ڏونڌاڙيو ويو هو. جنهن کي گڏهہ تي چاڙهيو ويو جنهن کي ’اسفل سافلين‘ بنايو ويو هو. هُو ننهن کان چوٽيءَ تائين ڇِتيل، لُبيل ۽ پيليل هو. هن کان رکي رکي چرڪ تي نڪتا. هن ڪُوڪون تي ڪيون. جيئن ڪا ڪنيپيل سرڻ اجڙيل چانگن تان زيلون ڪندي هجي.

بدن مان سيسرات نڪري تي ويا. لڱن جا اکيچار وار. هزارن سوالن جون نشانون ٻڻجي، اڀا تي بيٺا. ڇو؟ ڪنهن؟ ڪيئن؟

دينوءَ سڏڪا ڀريا. چي، ”سائين ڊمب ماڻهن جا هئا! “ منهنجي نظرن جي سامهون ماڻهن جا ميڙ ڦري ويا. شهري ماڻهو پڙهيل ماڻهو امت-رسول. هنبوچيون هڻندا، شور مچائيندا، ڍولڪيون وڄائيندا، چونڪن ۾ گهٽين مان ڦرندا، پوليس سرپرستيءَ ۾، گڏهه تي چڙهيل دينوءَ تان ڪِلون ڪندا، هُوڪرا ڏيندا، پٿريون چُٽيندا، ٺُڪون هڻندا، لعنتون ڪندا ٿي آيا. دينوءَ تي، دين محمد تي، ماڻهوءَ تي، ماڻهوءَ جي ٻچڙي تي، انسان تي، آدم جي اولاد تي! گڏهه پُڇ مٿي ڪري هِينگ ڏني. ڏند شيڪي، ڳاٽ اوچو ڪري، مٿي نهاريائين. ڄڻ تہ آسمان جا ويچارا ڪيڀائين ... دينوءَ جو ڪنڌ هيٺ، رتو رت لاش ٻٽيو ٿي ويو. انسانيت جو لاش گڏهه جي ڪلهن تي، گڏهه پستيون ٿي هنيون، ماڻهن ٺهڪ ٿي ڏنا.

منهنجا ڏند ڀڪوڙجي ويا، منهنجون منيون ڀڪوڙجي ويون. وچي دينوءَ جي پرسان ٻينس. پانيم تہ ڪٽي پاڪر پايانس. اکر نہ اُڪليم. چيومانس، ”دينو تون شهر وئين ڇو؟“

”سائين مُجاور گهلي ويا!“

”مجاور؟“

”سائين مون مٺل پير جو پَڙ لاٿو!“

مون کان دانهن نڪري ويئي، ”دينو!“

دينو سجو سائو ٿي ويو. منهنجي منهن کي ڏنائين. وٺي ڀڳو. مون سَٿ ڏيئي کيس جهلي ورتو. دينوءَ کان دانهن نڪري ويئي، ”الاڙي“! ٻانهن ڪٽي منهن کي ڏنائين. ڄڻ تہ مان کيس چماٽ هڻي رهيو هوس.

” سائين پَڙ ريشمي هو ۽ جيڪو اترادي وڏيري وڌو هوا“ دينو سجو ٽڙڪڻ لڳو. ڄڻ تہ ريشمي پَڙ کي ياد ڪري، وري چوريءَ تي سنپريو هو.

مون کي ياد آيو اڃا ٽيون ڏينهن. پِير تي اهو پڙ وڌو ويو هو. مسين مسين وڏيري جي مراد پُني هئي. ورهين کان پوءِ پير سائينءَ ماڙ ڪري پنجن ڏيئن مٿان کيس پٽ ڏنو هو. پِير ڏنو ملڪيت جو وارث. وڏيرو وڏي ٺاٺ ۾ ڊمبر سان ريل جو گاڏو پرائي، ٻارين ٻچين اچي نڪتو هو منڊل لڳي ويا. دهلن جو زيپٽ، شرنائن جي ڏم، ڏمالون ۾ ڪڳيون، سهرا ۾ راڳ. وڏيرو وڏي چوج ۾ هيج مان پٽي هليو. دل کولي خرچ ڪيائين. ٻڪريون ٿي ڪُنيون، ڪجريون ٿي نچيون. گهور ٻہ گهور هئي! وڏيري جي ڳِچن ۾ ڏاڙهيءَ تان، ڪجري ڏهين ڏهين جا نوٽ. پٽيو ڪنيو ٿي ويئي. ڀنگ جي گهرڙ گهوٽ، چرس جا سُوٽا. موالين جا ٺوٺڪا، فقيرن جو ڏمچر، لٽ لڳي پئي هئي. زائفن جا سهرا، يارن جا مُچن تي هٿ، قبي ۾ اونداهہ ۾ ڳاهٽ، گس گسان لڳي پيئي هئي. ديڳيون پئي لٽيون ۾

چڙھيون. ڪتن بہ اُلٽيون ڪيون. پڙ تہ نہ ھوا! جرڪا پي ڪيائين. ريشمي، بخملي، زريدار. دينو ھاٽي لُڇڻ لڳو. وٺي ليلڙاٽ ڪيائين، چي، ”سائين مون کي ڇڏ. منھنجو ٻچڙو الائي ڪيئن ٿيو!“

” اڙي ڪير، گلاب؟ ڇا ٿيو اٿس“ مون کي دينوءَ جو ٽن سالن جو گلاب جھڙو معصومڙو ياد پيو. الھہ ڏنو اسين ڪيس گلاب ڪري سڏيندا ھئاسين. ڪپھہ جو ٽوپ مٿي ۾ وجھون، چولڙو پايو ڪانيءَ کي گھوڙو ڪيو ڊوڙيندو وتندو ھو. منھنجي اوچتي ھمدرديءَ تي دينوءَ جو ڦٽڪڻ بند ٿي ويو. ھيڏو سارو مڙس، چَپ ڪٽي ڪديائين. اکيون بہ عجب آھن. سُوريءَ تي سڪيون وجن، ھمدرديءَ سان ڇُلڪيو پون. ويچاري انسان جو ٻاھريون ڏکو ھمدرديءَ جي ھٿڙن سان پرڻ ٿيو پئي. پوءِ تہ ٿورائتو ٿي دلڙي کڻيو ٻاھر ڪڍي.

دينوءَ سان بہ ساڳي ڪار ٿي. ٿمندي ٿمندي چيائين، تہ ”سائين ڪالھاڪون ٻڙ ٻُٽ پيو آھي. چون ٿا تہ خناق اٿس. سرڪاري ڊاڪٽر سُيون ٿو گھري. بہ ويھون لڳنديون!“

ڳالھہ ٻڌي منھنجا ڪپاٽ کُلي ويا. دينوءَ پنھنجي ڏاڙھي گلاب جي خوشبوءَ لاءِ پَٽائي ھئي. دين محمد پنھنجو منھن ڪارو الھہ ڏني کي بچائڻ لاءِ ڪرايو ھو. انسان پنھنجي عزت، ڦل کي سانڍڻ لاءِ لٽائي ھئي. دينوءَ پاڻ کي رتورت زنجير– حيات جي ڪڙين کي ڳنڍڻ لاءِ ڪرايو ھو. ھُن، پادرن جي ڪَنڍي، انسان جي ازلي فرض، قانون–پيدائش کي قائم رکڻ لاءِ پاٽي ھئي. ھُن ڦِٽ لعنت ۽ ٿُڪون، ماءُ جي ھنج کي پريل ۽ پرپور رکڻ لاءِ سٺيون ھيون. مبارڪ ھئا دينوءَ جا ھٿ، جن سوَن معصومن جي رت ۾ ٻوڙيل پڙ کي لاھي، وھم، جھل ۽ ظلم کي نانگو ڪيو ھو. سندس پاڪ ھٿ اتي وچي ڪپيا ھئا جتي صدين جي بي جان ھڏن تي جاندارن جو رت ھاريو ويو. پر مشڪندڙ مکڙين لاءِ ٽتو پاٽي نہ ھو. جتي ٽتي پاڻ کي پٽ پٽيھر ۾ ويڙھيو ٿي ويو. پر ٽڙندڙ غنچن کي ولھہ ۾ ساڙيو ٿي ويو. بانس ۽ ڏپ کي کنديڙيو ٿي ويو. پر گلاب جي سرھاڻ کي ٻوساٽيو ٿي ويو. مئل کي جيئاريو ٿي ويو ۽ جيئري کي ماريو ٿي ويو. الله مارئي کي اٿاريو ٿي ويو. الھہ ڏني کي ليٽايو ٿي ويو. پٿر کي پوڄيو ٿي ويو. روح کي ڪُنو ٿي ويو. گابي کان رنيون ڪرايون ٿي ويون ۽ لات ۽ منات کي ڪڙو ڪيو ٿي ويو. مبارڪ ھئا دينوءَ جا ھٿ جن سپ کان پھريان اھو پليتائيءَ جو پڙ لاٿو ھو. دينوءَ جا ھٿ جن سپ کان پھريان اھو پليتائيءَ جوپڙ لاٿو ھو. دينوءَ جي ھٿن پنيان سوين ۽ ھزارين، لکين ۽ ڪروڙين ھٿ ڪڇندا نظر آيا. جي ھوائن کي چيريندا، فضائن کي وڍيندا، زمينن کي کوليندا، آسمانن کي ڦاڙيندا، لکل خدائن کي گھليندا، سندس پانڊو ڦوڙيندا، سندس چنبا ٽوڙيندا ويا، اھي ڪوڙا ۽ ھٿرادو خدا جن صدين کان پتلين جو ناچ ٿي ڪيڏيو. دين محمد جي ھٿن ڪانئن واڳون کسي وتيون.

مون دين محمد جي رتورت جسم ڏانھن ڏٺو. سندس پالي پولي منھن ڏانھن ڏٺو ۽ سندس لڪل قوتن جو اندازو لڳايو. ڪيس ھڪ ئي اون ھئي. گلاب جي ۽ گلاب جي سرھاڻ جي.

منهنجي دل، دينوءَ جي دل سان گڏ لڙهڻ لڳي. دل ۾ دهڪو ٿيو. ڪٽي دينوءَ جي هٿ جهليم. ٽنگون ٿڙڪڻ لڳيون، ساهہ روڪجي ويو. گهڙي ڪن هڪ ٻئي کي ڏٺوسون. چُپ چاپ سهڪندا، وسوسا ويڙهائيندا، ڪنڌيءَ اندر ٿيا سون. چوڪر ماءُ جي هنج ۾ اوٻاسيون ٿي ڏنيون. ماٽس ڪان رڙ نڪري ويئي، ” گلاب پيءُ!“ ٻارڙي وٺي دانهن ڪئي، ”ابا!“ دينوءَ دانهن ڪئي، ”منهنجا ابا!“ پوءِ تہ حشر مچي ويو. ماءُ پيءُ ٻاڪارڻ لڳا. دين محمد دانهون ڪيون. ڪتي رومڙ ڪئي. هوا گهوگهٽ لائي ڏنا. نم پن ڇاٽي نانگي ٿي ٻيٺي. ماءُ وار چوڙي ڇڏيا. گلاب ڪومائجي ويو. الله ڏنو لُٽجي ويو. ماءُ لٽجي ويئي، دين محمد لٽجي ويو.

پري وٽن جي وچ ۾، قبي جي اندر، پٿرن مٿان ڏيئن جي جهومر ۾ قيمتي پڙ تجلا ڏيئي رهيو هو. سنها سنها تجلا! چڻ تہ سُيون هيون، خناق جون سيون! ٻاهر موالين جا ٽڪڙا پئي پيا. پِير ڏني جي جم ٿي، الله ڏني جي موت ٿي. سلفين جا دگاڙا ٿي لڳا، پيرسائين منل جا دنبها ٿي هنيائون. دين محمد جا نالا وٺي لعنتون ٿي موڪليائون.

# هُو حُر هو...

هُو حُر هو. مشهور حر، خيرُو خاصخيلي. سندس رت نئون هو. پير صاحب پاڳاري کي انگريزن قيد ڪيو. حرن ۾ ڳُهرام مچي ويو. خيري جي رڳن ۾ جنسي باهہ ٻري. سندس بدن ۾ جڻ تہ پيٽرول پئي وهيو صرف چڻنگ جي ضرورت هئي، جا لڳي چُڪي هئي. سندس گهر ۾ ماءُ ۽ ننڍڙي ڀيڻ هئي. انهن بہ ڪيس چيو تہ ”وڃي فقيرن سان مِل!“

سنڌ سُونهاري جهنم جو ٽڪرو بڻجي وئي. ريلُون ڪِريون، ڌاڙا لڳا، خون مٿان خون، مٿان اچي ملٽري ڳڙڪي. باهہ تي گاسليٽ پيو.

خيري جو واهٽي منهن ڦِري هيبتناڪ ٿي پيو. اکيو ڳاڙهيون، ”ڀيج پاڳارا!“ چوندي منجهائن رت ٿي ٽِميو. خشڪ چپن خُون ٿي گهريو.

ڪيئين مقابلا ٿيا. گولين جا مينهن ٿي وسيا. ڳوٺن کي باهيون ڏنيون ويون. ملٽريءَ جا مڪڙ اچي لٿا. ملڪيتون ۽ لجون لُٽيون ويون.

خيري جي ننڍڙيءَ ڀيڻ کان پُڇيو ويو ”ڀاڻين ڪٿي؟“ مضبوط جواب آيو ”ادو مري ويو!“ ڪيس زوم مان چماٽ لڳي، ۽ وڃي ڦهڪو ڪيائين. ماڻس کي ماريو ويو. پوڙهيءَ نٿي ڏَسيو تہ سندس پُٽ ڪٿي هو. سندس اگهاڙي جسم مان گوليءَ کي پار ڪيو ويو.

لوڙها پرجي ويا، زائفون ۽ ٻار ـ ملٽري جوان، هندو سک، مٿن پهريدار هئا. اڻ پرٽيلون مائرون مائرون بڻجي ويون. اخلاق جون ڪمزور جو ٿيون!!

پير سائينءَ جي ڦاسيءَ جو احوال آيو.

ائين ڪو ٿيڻو هو؟ ڪنهن کي اعتبار ڪونہ آيو چي، ”اهي سڀ انگريزن جون چالبازيون آهن.“

فقير کي ماٺ ڪرڻ وارا هئا؟

خليفن کين ٻڌايو هو تہ پير سائين سندن جنازي نماز بہ پڙهي ويو هوا ”انگريزن جو تڏو پَٽينداسون، جاسوسن جا سر لُٽنداسون!“

ڪيئي گرفتار ٿيا، ڪيئي ماريا ويا.

مُلڪ ۾ هيبت ڇانئجي وئي. حيدرآباد مان ملٽر حُر ونيو پئي وئي.

”اڙي هي تہ ماٺو آهن!“ هڪ هراس مان چيو. ڪيترا ئي شينهن مڙس مارجي ويا. سردارن مان هڪ خيرو نہ جهليو. تحريڪ ڪُچلجي وئي، ۽ هاڻي هُو رهزن ٿي پيا. شل نہ ڪنهن جي پويان

پون! ٻڌ ئي ناس ڪري ڇڏيندس. نياپا هلندا هئا. "فلاڻيءَ رات تنهنجا مهمان آهيون. بس پار به نه ڇڏيندس!"

سال لنگهي ويا. خيري مُلڪ ۾ ڌهڪاءُ وجهي ڇڏيو. ڪيس ۽ ڪلُور ڪري ڇڏيائين. وڏيرا وڙا گهر ويني ڏڪندا هئا. پوليس جو نڪ ۾ دم اچي ويو. خونن پنيان خون- ڌاڙي پنيان ڌاڙا! اڪيلي سر پوليس جي دستن سان مقابلا ڪندي نڪري ويندو هو. ظاهر ظهور نعرو هڻي گهيري ۾ ڪاهي پوندو هو ۽ پوليس هٿي ڪيس جاءِ ڏيندي هئي. چون ٿا ته گولي ڪيس اثر ئي ڪونه ڪندي هئي.

... ۽ آزادي آئي. انگريزن بسترا گول ڪيا. پاڪستان ٿيو ۽ اسلامي راج آيو. عجيب تبديلي هئي. سيني ٻڌو ٿي، ۽ مڃيو ٿي، سمجهه گُم هئي.

پنهنجي حڪومت جو آواز دل ۽ دماغ ۾ گهر ڪندو ٿي ويو. خيري کي به ٽڏائي اچي وئي. خون ڌاڙا بند ڪيائين. خُونين کي چند ڪيڙڻ لڱو پر مجال جو خيري جو رعب گهٽجي! اجا سندس حڪم هلندو هو. ڏهن هزارن جي چِٽي ويندي، ته پُورا ڏهه ڪيس گهر ويني ملندا.

شادي ڪيائين، هڪ ڳوناڻي حسينه سان. راڄن کي سڏُ ڏنائين. سڄي ٽَر جي ماڻهن سڏ پريو باقاعدي ڪاڄ ٿيا. پوليس کي خبر هئي، پر ڪير پڳهارن تي سر ڏيندو! شادي خير سان گذري.

هن دلير مڙس ۾ وڏي تبديلي آئي ... 'فرسٽ ڪلاس' ڳاڙو رِزرو ٿيو. هڪ بارعب شخص ڪراچيءَ ڏانهن سفر ڪندو نظر نه آيو. ڪير چوندو هُو مشهور ڌاڙيل خيرو خاصخيلي هوا! وڏن وڪيلن سان سندس ملاقات ٿي، "ڇا پيش پوڻ سبباب سندس ڏوهه معاف ٿي سگهيا ٿي؟"

"خوني ۽ معافي؟" پوڙهن قانودانن پنهنجي ٽَڪل منهن ۾ گُهنج آڻي چيو.

"قانون ۾ اهڙي ڪا به گنجائش ڪانهي.

قاعدو ڦِري نٿو سگهي. خدا توبه قبول ڪري سگهي ٿو، سرڪار نه.

اڄ خيري تي گهيرو هو. بندوق، بم، مشين گنون ۽ اسٽين گنون- چاليهه ملٽريءَ جا جوان، هوا.ي فير ڪري خيري کي اطلاع ڏنو ويو. چڙ ته سُتل شينهن جاڳيو. گولين جا مينهن وسي ويا. خيري حسينه جي منهن تي محبت جي آخري مهر هڻئي ... گوليءَ جو جواب گوليءَ سان ۽ بم جو جواب بم سان. حسينه مُشڪندي کيس ڳوليون ڏيندي رهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ مقابلو هليو ... ۽ هڪ آخري بم خيري جي بدن سان ٽڪر کاڌو... حسينه گنڀير ٿي وئي ۽ ڇهن مهينن جي ولي عهد زور سان زمين تي ڇڙهيون هنيون.

هڪ پوليس آفيسر خيري جو احوال ٻڌايو "ڇهه ڪان ڏيڊ فُٽ مٿي ويڪري ڇاتي، سيني تي گولين جا به پٽا، رائفل ڪُلهي ۾، بغل ۾ پستول، قد پُورو پُنو بدن مضبوط، سنهڙيون وٽيل مڇون، ۽

گهنڊيءَ تي ڏاڙهي، رنگ جو ڳاڙهو. نهايت شاندار همت جو مجسمو. مردانگيءَ منجائس اُڇلون ٿي ڏنيون. هزارن سنڌس منهن ڏٺو. اخبارن ۾ سڀ احوال آيو- ملڪ ٿري پيو.

پوليس ڪِلي ڪِلي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون. مون کي الائي ڇو افسوس ٿيو.

# ڪارو پاٽي

مان ننڍو هوندو هوس. امان ڳالھ ڪندي هئي تہ اڳي ڪارو پاٽي ايندو هو. ڪشمور ڪان ڪڙڪات ڪندو ايندو هو. ماڻھو، جانور، نانگ، اڳيان پڇندا ايندا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ ناس ڪندو، اوڏڪا گھر ڍاهيندو، زمينون ٻوڙيندو، ڪاهيندو ايندو هو. مِرون، بگھڙ، نانگ، ڪتا ماڻھن سان گڏ دڙن تي اچي ڳاهٽ ٿيندا هئا. ٻڪ ڪان ماڻھو ڪبڙن جا پَن کائيندا هئا. پيٽ اُيامي ايندو هئن، وات مان اچي گجي وهندي هئن ۽ مري ويندا هئا. شهرن جا ڊاڪٽر وري ڪين چريندا هئا. مان ڊپ ڪان اکيون ڪٽي بند ڪوندو هوس. ڪشمور کي هڪ پوائنٽو غار سمجھندو هوس، جنهن مان هڪ وڏي ڪاري ڪاري بلا، ڏند ڪڙڪائيندي، چينگھات ڪندي، ڦوڪون ڏيندي نڪرندي هئي، ۽ ماڻھو جيتامڙن وانگر ٽڙندا ٿاٻڙندا لڪندا وتندا هئا. مان اٿي گھر جو ڪڙو اندران بند ڪري ايندو هوس.

پوڙهو سومر بہ اهائي ڳالھ ڪندو هو. سچو ڏينھن حقو ٽيڪيو وينو هوندو هو. نہ هئس ٻار نہ ٻچو، نہ زال نہ زنب، نہ گھٽو ڳالهائيندو هو نہ شڪايت ڪندو هو. رڳو نڙ سان ڪڏهن ڪڏهن ڪڪڙ کي ڏڪ هڻندو هو، ۽ ڪڏهن ڪانون کي هڪليندو هو. پَٽڪو لاهي ڪانپ ڪيدي، چنل ڪٽ تي وينو ڪنگھندو هو. سندس اچي مٿي، اچي ڏاڙهيءَ ۽ اڇين مُڇن جي وچ ۾ ننڍڙيون گُھنجيل اکيون ٽم ٽم ڪنديون رهنديون هيون. ٻاڙس جي گھران مانيءَ ڳيو ايندو هوس. اٽيي چانورن جي مانيءَ کي ڏڪندڙن هٿن سان ٻوري، وات ۾ وجھي، مٿان ڪٽي لسيءَ جو ڍڪ پريندو هو– چڙ تہ ڦَڪيءَ کي ڳيت ڏنائين.

ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌائيندو هو– اڳين لڙائيءَ جون، جرمن جون، انور پاشا جون ۽ ٻوڏ جون. مان پڇندو هو سانس تہ، ”نانا ٻوڏ ڪڏهن ايندي؟“ چوندو هو تہ، ”ابا خير گھر!“

ٻار سڀ مري ويا هئس. عرس ننڍو ٻاءُ هوس. ڪڏهن نہ ننڍي ٻاءُ ڪان ڪجھ گھريائين! ويلو تري وجيس تہ بہ گُھر نہ ڪندو. عرس ٻيو زال کي ڳَن مهٽ ڪندو هو تہ، ” ادي جو خيال رکجانءِ!“ پوڙهو سومر، دنيا ڪان بي نياز، وينو رنگ ڏسندو هو. هٿ ٽنگڻ ڪان عار هوس. ڪانچ ليڙون ليڙون ٿي وجيس، چادر ڦاٽي وجيس، تپ سيڪاٽي رکيس، اصل ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪيندو. ڪڏهن نہ ڪجھ طلبيائين، ڪڏهن نہ ڪجھ ٻاءُ سان حال اوريائين.

بيمار ٿيندو هو تہ رلي ويڙهيو ٻيو ڪِنجھندو ۽ ڪٽڪندو هو. جي چئبو هوس تہ، ”نانا تون تہ خوش آهين!“ تہ ڏک ٿيندو هوس، ڪٽي ماٺ ڪندو هو. جي چئبو تہ، ” نانا مارا! توکي تہ ڏاڍو تپ آهي!“ تہ دعائون ڪندو هو. حياتيءَ جي هيڏي ساري لمبي سفر ڪان پوءِ، بس انهيءَ کي همدردي سمجھيو هئائين. آڙاهہ تپ ۾ پائيندو هو تہ مٿن ڪان ڪو اُلڪي ۾ وينو آهي. اعتبار نہ هوندي رليءَ ڪان منهن ٻاهر ڪيدي، آسروَند اکين سان نهاريندو هو. ڪنهن کي بہ نہ ڏسي، گھوماٽجي منهن ڪٽي

اندر ڪندو هو. سندس وڏي مضبوط دل ان وقت جنسي ڦاٿندي هئي. ڪيڏي نه ڳُنئرائي هئي هن جي وڏيءَ دل ۾! ڪڏهن ڏک نه ڪيڊيائين، ڪڏهن نه حال ونڊيائين!

هڪ ڏينهن ننڍڙي پاٽيس، لُڇائي ڪري، متل چلم جي توبيءَ ۾ ڪٽي پاٽيءَ جو ٽِپو ليٽايو. سومر ٻيوس ٿي کيس نڙ وهائي ڪڍيو. پوءِ ته ڇوڪر وٽي ڇَپ ڪڍيو. سومر جي دل کي جَهٻي اچي ويئي. لٺ کي وٽي اٿڻ جي ڪيائين- جيئڻ رئندڙ ٻار کي ڇاتيءَ سان لاءِ هيانءُ ٺاري. پر ائين ڪري ئي ڪري، تنهن کان اڳ ڇوڪر جي ماءُ وٽي ڪڙڪو ڪيو ڇي، " ڏاڻڻ ماريو ههڙو تهڙو نه مري ٿو نه منجو ٿو ڇڏي! ابهم کي اولو سولو هٽندي ڦياس ئي نٿو پويس .... هجيس پنهنجو ته آندڻ کي جر ٻه اچيس!"

مائي وئي سومر کي ڇِهير ڏيندي ۽ لوڻ ٻُرڪيندي. وئي سندس دل کي ويڻن جي ڪانياٽيءَ سان ڇُتيندي. ويچاري سومر کان لٺ ئي ڇڏائجي وئي. ڏڪندو ڏڪندو ويهي رهيو. ان ڏينهن سندس دنيا اوندهه ٿي وئي. ڪنڌ ڦيرائي لڪي لڪي، نڪ مان وهندڙ ڳوڙها آڱر سان اگهي ڇندي ڇڏيائين. نيٺ لٺ ڪٽي اٿيو. ڪنڌيءَ کي ٽيڪ ڏيندو گهر ڇڏي نڪري ويو. مقام ۾ وڃي پنهنجي زال ۽ ٻچڙن جي وچ ۾ وينو ۽ دل کولي رنائين.

شام جو عرس گهر آيو. جوٽس ماني آٽي اڳيان رکيس. گرهه ٻيجي وات ۾ وڌائين. ٻاڻ کي نه ڏسي، ٻڇيائين. ڳالهه ٻڌي، ڳيت ڏيئي نه سگهيو. ماني ڇڏي اٿي کڙو ٿيو. زال کي ڇڳي ڇند ڪيائين. ٻاڻ کي ڳولي وڃي لڌائين. ٻَٽڪو لاهي وڃي ٻيرن تي رکيائينس. ٻاجائيس ٻه رئو لاهي بخشايس. ٻئي ٻاڻر هڪ ٻئي کي ڇُهتي ٻيا. ٻيار سندس ڇاتين مان رُوڻ ڪري ڦٽي نڪتو. هڪ ٻئي کي آٿت ۽ آڌر ڏيندا اچي گهر ٿائينڪا ٿيا.

ٻوڏ ٻيهر آئي. ٻيگار ٻڳو. مون پاڻ ڏٺو گهر گهر کان جدا ٿي ويو. مائٽ وڇڙي ويا. ڇون ٽا ته پاٽي موٽر کان ٻه تکو ٿي آيو. ڪوهه ٻنڌ تي سندس ڪڙڪات ٿي ٻڌو. ماڻهن ۾ ٻاڪر-ڪتو هو. سرڪار ۽ وڏيرن، ماڻهن کان بند ٻڌايا. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو ٻه ويا. ٽَر جو وڏيرو ونگار وٺي ويو. ويچارا رات ڏينهن وهيا. اوجاڳو ۽ ٻک، ٻچن جو اُلڪو ۽ اٽنڻ ڪوڏرون هٽي هٽي شل ٿي ٻيا. ٻر قدرت جي هن تخريبي طاقت اڳيان، ويهين صديءَ جي مشيني دور ۾، انسان جون ڪمزور ٻانهون، براج جي هن بي انداز پاٽيءَ کي روڪي نه سگهيون. ڪچا بند ٻُري ٻيا.

روڪيل پاٽي مست هاٿي جيان زنجير ٽوڙي انڌا ڏنڌ ڪاهي ٻيو. مزورن ويچارن جا ڇهه ڇجي ٻيا، حوصلا خطا ٿي وين، اڳيان پاٽي، ٻنيان پاٽي، وٺي ٻڳا. ٻچڙن کي ٻاهر ڪيڍٽو هئن. وڏيرن ته اڳيئي وڃي شهر وسايا هئا. مزوريءَ جا ٻئسا ٻه انهن کي ڦٻيا. ٽڙ تڪڙ ۾ ٻارڙن ۽ زالن کي، ڏڙن ۽ ڪڙن تي ڪڍيائون. پاٽي ويو وڌندو. جهٽ گوڏي جيڏو ٿي ويو. چار ڇٽا موتي ڳوٺ آيا. سنها

سنها ٽپڙ متن تي رکي موٽيا. پاٽي مڙس تار تي ويو. تري جند ڇڏيائون. مڏيون وجائي سر سلامت ڪٽي موٽيا. واهه جي ڪڙ سان ڪئمپون لڳي ويون. اها ڪاني نه هجي جو ڪٽي دونهي دکائجي. ڪُني ڪانه چڙهي. بکايل ٻارن ٻمچر مچائي ڏنو. مائرون ويچاريون ماٺ, ملول ۽ هيسيل. سڀ ساهورا اچي هڪ هنڌ ڳاهت ٿيا. مال جي ڍڪ پئي پيئي. چوڌاري پاٽيءَ ئي پاٽي هو.

ماڻهو ويچارا دربدر ۽ بي گهر ٿي ويا. سرڪار تقاوڀون ڏنيون. وڏيرن شهرن ۾ وينئي ئي ڳوناٽن جو حصو ورتو. ڪامورن ڪمدارن جاوا ڪيا. سندن ٻيگهي مچي ويئي. ويا ڏکويلن کي ڏکائيندا, ۽ مئلن کي ماريندا.

ٻوڏ راڳا ڪري ڇڏيا. گهر گهر کان جدا ٿي ويو. مٽ مائٽ وچڙي ويا, ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. ڪو ڪنهن جو نه رهيو. پوڙهي سومر کي به اچا ڪي ڏينهن جيٽو هو. پيريءَ ۾ اباڻا اجها ڇڏي, وچي ڏولاون ۾ پيو. پاٽس ٻچڙا وئيو لڏيو ٿي ويو. سومر جي وک ئي نه کجي. سندس دل ڳوٺ جي ڪنڍن ۽ ڪکن ۾ اٽڪي پيئي. وري وري مڙي, پنهنجي ڪکن ڏانهن پئي نهاريائين. متن مائٽن کان موڪلائيندي هنيانءُ ڦسي پيس, جڻ ته وجڻ ڪاڻ ٿي ويو. گهر ۽ گهٽيون, جت چولڙو پائي, اگهاڙو ئي اگهاڙو رانديون ڪيون هئائين, جهنگ ۽ لَيون, جت لوڙائو ڳائيندي, مينهو چاريون هئائين; ٻنيون ۽ ٻارا, جت جوانيءَ جا امنگ ۽ پگهر هاري ساوا ساوا ٻوٽا پيدا ڪيائين, ۽ اهي ڪبڙ ۽ ڄاريون جن هينيان سندس عائشه ۽ ٽي معصوم پوريل هئا. سڀ ڪيس سڏ ڪرڻ لڳا. ڪيڏي نه آس هيس ته سندس پوڙهي ٿڪل متي عائشه جي پاسي ۾ پوندي; ٻچڙن جي وچ ۾ ٿَڪ ئي لهي ويندا; سالن جي ڏکي ۽ ڏکهي جدائي پوري ٿيندي! سومر وري ٻيهي رهيو. سندس جسم جو ذرو ذرو ڳوٺ جي متيءَ ۾ ڳوهجي وجڻ لاءِ آتو هو. سندس اچو متو اچي ڏاڙهي ۽ اچا ڀِرون ڪنبڙ ونبڙ ٿي, واٽڙن وانگر اڏامي التجائون ڪري رهيا هئا. سندس دل ۾ چريائپ واري ڪوڪ اٿي – جڻ ته ڪل ٽِڙي وئي هئي. پانيائين ته ٽٻيون هٽي, اندران ئي اندران, وچي عائشه جي قبر کر جهليان; وچي ڪو ٽائينڪو ٿيان; وچي آرام وٺان! .... پاٽس ڪٽي ٻانهن کان جهليس. سومر گهلبو ويو. سندس قدم ڳوٺ جي متيءَ سان چنبڙندو ٿي ويو. جڻ ته ڪاغذ جا ٻه پتا ڪَونر سان چنبڙيل هئا; زوريءَ ڏار ڪرڻ ۾ چچرجي, ڦاٽي ليڙون ليڙون ٿي ويا.

مهيني کن کان پوءِ ڏاتر ڏنو مليو. ڳالهه ڪيائين ته سومر مري ويو!

”چا ٿيس ؟“ چي, ” ڪارو منهن آ عرس جو... ويچاري کي سِڪائي ماريائين! ايمان کان ئي نڪري ويو مانيءَ ٽڪر جيڪي ٻار ٻچائن سو به لڪائي رکي, حياءُ نه پويس جو ڳيو ڪٽي پاءُ کي ڏئي! ويچاري چار پنج ڏينهن اَن نه ڏنو, ٻُکون ڪيڌي مئو! “ ڏاتر ڏني شد مد سان ڳالهه ڪئي; چي,”پوئين

ڏينهن پوڙهي سومر پاڻ اٿي وچي ڪاري هيٺان پاروٿو ٺڪر ڪنيو. عرس جي زال ست ڏيئي ڪسي ورتس! عرس بيني ڏٺو. ويچارو .... وڏو ڀاءُ محتاج ٿي مئو... هڏا ئي رلي ويس! “

اسان عرس کان پڇيو. سندس پيٽ خود پنيءَ سان لڳو پيو هو. اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس، منهن تي وحشت. ڇڙ ته ڪٺو نه چڪيو هئائين. ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. سندس اکين مان پاڻي ٿي ويو ... ڏسندڙن جي اکين مان پاڻ ٿي ويو ... ٻڌندڙن جي اکين مان پاڻي ٿي ويو. پاڻي ڪٿو ته رت وهڻ لڳو. نارا هئا، نيسارا هئا_ نديون ٿي ويا. اڏون ۽ ڍڪيون ٽپي ويا. بند ۽ ڪوٽ ڊاهي، ٻوڙي وڏائون. گنبذن ۽ مُنارن جا بنياد نڪري ويا. هيٺاهيون، مٿاهيون هڪ ٿي ويون. زمين ٽري ڳگ ٿي پئي. هيءَ ٽين ٻوڏ هئي ... ڳاڙهو پاڻي!

# مهرباني

هڪ ڏينهن شام جو اسين چار يار ٺاڪ ٺاڪ ڪري، نمي نُڪي ڪاليج مان ٿيندا، ايلفيءَ ۾ گهمڻ وياسون. ڪارا چشما، ڪاريون پتلونون. اڇا بوٽ ۽ شينهن گهوڙي واريون قميصون. وارن جا موڙ مٿي تي لُڏندا پئي آيا. ڪنهن کي بہ مَٽ ثاني ڪونہ ٿي سمجهيوسين. ڊاڙ نڪاءَ هٽندا، آئي وئي تي ٺوڪون ڪندا، ٺهہ ٺهہ ڪندا ٿي ويا سون. زمين تي پير ٿي نہ ٿي ٽڪيو. ڏرتي کي ڏوڏيندي، آسمان تائين پهچندي اچي ايلفيءَ ۾ نڪاءُ ڪيوسين.

گهٽيئي اسان جهڙا شريف زادا اتي ڊيل وانگر پئي ٽِليا. ٺانءَ ۽ ڦُونڊ ۾ هڪ ٻئي جي ڪپڙن ۽ وارن تي رشڪ ڪائيندا، هڪ دوڪان ڪان ٻئي هنڌ اچي ڪارنر تي بيناسون. اچي ڳالهين ۾ چٽياسون. ٽائين، ڪوٽن، جئڪيٽن ۽ ڪٽنگ جي ذڪرن کي ولوڙي، اچي موٽرن تي پياسون. قيصر، ڪيڊلڪ، بيوڪ ڪانہ ڇڏي سون. پنجونجاهہ، ڇاونجاهہ جي ماڊل تي اچي بحث ڇِڙيو. وڏي دلچسپيءَ سان پنهنجي علم جو اظهار ڪيوسين. اچي هڪ ٻئي سان اٽڪيا سون. چي، ” هل ڙي ٻُڏُو! توکي ڪهڙي خبر. مان اڃا هاڻي هڪ آمريڪن رسالي ۾ ڇاونجاهہ جي ڪيڊلڪ جو اشتهار ڏِسيو تو اچان!“ گهٽو ئي ڦنڊياسون ۽ ڦوڪياسون، اُپاماياسون ۽ سُڃياسون. نيٺ ناچ گهرن ۽ ڪلبن جو ذڪر نڪتو. ”هاءِ ڙي آمريڪا! لائيف اتي آهي. پر يار هي ’پال رابسين‘ ڇا آهي؟ ڪنهن فلم جو نالو ٿو ڀانئجي. پوءِ ڀلا آمريڪا ۾ ان تي بندش ڇو وڌي اٿن؟“ پنهنجي اڻڄاڻائيءَ تي ويچار ڪرڻ مناسب نہ ڄاتوسين.

”سئنيمائن ۾ رکيو ڇا آهي؟“ نفرت ڪان نَڪ ڇِڀو ڪيوسين. ”ٿرڊ ڪلاس ماٺهو اچيو گڏ ٿين. مخصوص سوسائٽي هئڻ ڪپي، ڊريس جي پابندي هئڻ ڪپي.“ مون انهن ڳالهين تي زور ڏنو. ڊانس ڪئبري، لمي گور ۽ ميٽرو پول جي ڳالهين ۾ هڪ ٻئي ڪان گوءِ کٽڻ جي ڳِڻتيءَ اچي ورتو. رَميا سَنيا، فاڪس ٽرات جا نالا ڪنياسون. حقيقت ۾ اسان کي پُورو قدم کڻڻ خيرڪو ايندو هو پر تڏهن بہ اهڙي پُوڪپائي ڪيئن ظاهر ڪبي؟ پوءِ تہ ليڊي پارٽنر جي ڳالهہ نڪتي. آها! عورتن جو ڇا ڇا ذڪر نہ ڪيوسين. سندن انگ انگ کي ياد ڪيوسين. مائن ڀينرن کي تہ عزت ڏيندا هئاسون. پر هر ڪا عورت ماءُ َ ٿورو ئي هئي! بس، بوري بازار وجڻ جو خيال ٿيو.

ڪوڙ ساريون عورتون، ننڍيون وڏيون ٻارڙن کي ساڻ ڪيون گهرن ۽ ٻچن لاءِ ضرورت آهر خريداريءَ ۾ رڌل هيون. ٻئي دوڪانن تي چڙهيون ۽ لٿيون. ڇِچ مِڇ ڪنديون، ٺهڪڙا ڏينديون ٿي ويون. ڪمبخت ڪيڏيون نہ دلفريب آهن! ڪنهن موهٽيءَ سان اکيون ملائي، منهنجي دل ۾ هڪ افسانو نهي ٿي ويو. جنهن جو ’هيرو‘ مان تي بٽيس ۽ ’هيروئڻ‘ ان پدمٽيءَ کي ٿي ڪيم. پر هي ٻي

وقوف ڪيڏيون نہ بيقدر آهن، ڪنگهن بہ ڪونہ. مئنرليس! يورپ ۽ آمريڪا جون ڪيڏيون نہ فضيلت ڀريون آهن، ضرور اينڪريج (encourage) ڪنديون.

اسان جو هڪ دوست ڏاڍو فارورڊ آهي. جهٽ ۾ کُلهو گسائي، ڪٽي ٻٽون کولي، دڪان واري کي چيو ڏي، "اسين تہ هر قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيون." پر يار عورتون بہ اهڙيون مڪريل آهن، جو خدا پُڇين! چڻ تہ وڏيون شريف زاديون آهن. اهڙيون آهن تہ گهر مان سينگار ڪري نڪرن ڇو ٿيون؟ سينگار تہ اسان بہ ڪيو هو مان ڪياڙي ڪنهڻ لڳس. خير تڏهن بہ مڙد، مڙد آهي. پاڪستان ڪونہ سڌري. هاءِ ڙي يورپ ۽ آمريڪا! يار ڏاڍي فاسٽ لائف آهي اتي. هر ڪو سمارٽ آهي. هتي تہ رڳو ٻوگهلا ۽ ٻُڏُو اچي ڦاٿا آهن. مسلمان تہ ائين ئي دقيانوسي آهي.

مان دوستن کي وٺي ڪرستان محلي ڏي ويس، پر يار هتي جو ڇوڪريون تہ اڪيون ڦوٽارڻ ۽ ڪتيون ٻُڏائڻ لڳيون. چي، " مائينڊ يوئر اون بزنيس!" هونهہ! بيوقوف ڇسيون. ڀلا اسان ۾ ڪهڙي گهٽ هئي؟ پڙهيل ڳڙهيل ، شريف خاندان جا اَپٽُو ڊيٽ اچا ڪو ڦاهو ڪپين؟ هونهہ! منهنجو معيار انهن ڪان گهٽو متي آهي. اسين پڙهيل آهيون، چاٽُو آهيون، پارڪو آهيون، منهنجا مائٽ جاگيردار آهن، وزير آهن، سِي ايس پي آفيسر آهن. سيڪريٽري آهن ۽ سفير آهن. مان بہ جلد ئي هنن جهنگلي ماڻهن مان نڪري، ٻاهرين ملڪن ۾ سرڪاري آفيسر ٿي ويندس. اسين اوچي ڳاٽ سينڌون وڄائيندا، پنهنجي شخصيت ۾ گم سم، ٻين تي نفرت ڪائيندا، وري اچي ايلفيءَ ۾ نڪتاسون.

اسين ڪيترو نہ اوچا ۽ مٿانهان هئاسون ٻين ماڻهن ڪان! جاهل، بدتميز، گدلا. غليظ هٽي اسان جي ملڪ جي صحت خراب ڪري ڇڏي اٿن. سدائين بيمار، ڪم ڪرڻ ڪان ڀَرو پيو چڙهندن. بڪواسي، جهڳڙالو جهنگلي ڪنهن جاءِ جا! شڪر جو پاڻ ۾ ئي جُنبا پَٽ لڳي پئي اٿن، نہ تہ هٽي اسان جي سڌريل سوسائٽيءَ کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏين. اسان جي حڪومت، جيڪا اسان کي ولايت موڪلي، ۽ واپار جو پرمٽون ڏئي ٿي، تنهن جا هُو تہ تختا ڪيڍي ڇڏين. گونڊا، لوفر، چيٽن جاوا، چيٽن ۾ نپنا، گڏهہ، سيني کي واڙي ڊڪ ۾ ڏيئي ڇڏجي. بلڊي سوائينس!

ڏسو تہ سهي، اسان جون مٿن ڪيتريون نہ مهربانيون آهن. ڪارخانا کولي ڪين ڪم سان نہ لڳايون تہ هوند مري ڳري وڃن. ڪين هارِي ڪري نہ رکون تہ تباهہ ٿي وڃن. اسان لاءِ هاري ۽ مزور ڪو ڪُتا آهن! جيستائين اهي ڪمبخت بڪيا آهن، تيستائين هاري مزور ڪوڙ. هڙتال ڪري ٿا اسان کي ڊيڄارين! اسان کي چاهي اسين ڀڃاڙي ڪارخانا بند ڪري پنهنجو سرمايو ڪٽي ولايت ۾ وڃي وهنداسين. هن ملڪ سان اسان جو ڪو نڪاح تہ ڪونهي، اها اسان جي مٿن ڪيڏي مهرباني آهي، جو هھڙي ملڪ ۾ پنهنجا قيمتي دماغ ۽ پيسا لڳائي ڪين جيئرو رکي رهيا آهيون. مرضي پوي تہ

ڪين جيلن ۾ بند ڪري گوليون هلائي سندن ٻڻ ٻچو ناس ڪري ڇڏيون. اسان جا سائنسدان زهري گئس ۽ ايٽم بم پيدا ڪري چڪا آهن. اها اسان جي مهرباني نه آهي جو اسان اهڙا اوزار ڪم نٿا آڻيون! جڏهن مٿن رڳو گوليون پئي هليون ته ڪيئن نه ٿي ٽپڪا، وڏا آيا آهن رستم جا پُٽَ! هليا آهن حق وٺڻ. گيدي!

مون سان سڀ دوست شامل راءِ هئا. اسان سندن گيدپڻي تي وڏا ٺهڪ ڏيئي کِلياسين. دل ۾ آيم ته اهڙو ڪو ڏور منهنجي سامهون اچي ته مَنڊي مروڙي رکانس. جلد پنهنجن ڪپڙن ۽ پنهنجي پوزيشن جو خيال آيم. انهن گندن کي هٿ لائڻ به بيعزتي! ڪير انهن سان ميل جول رکندو؟ ماڻهوءَ جي ته ٻُوءِ ڪونهين.

اسان جون نظرون وڃي هڪ فقيرياڻيءَ تي پيئون. جِست جو وڏو وٽو هٿ ۾ ڪنيون، اگهاڙو ٻار ڪڇ تي لڙڪايو. ڏوڙي ڏوڙي پئي آئي ويئي جو اڳ ورتائين. وار اَٽيا، لِڱ ميرا، ڪپڙا ڦاٽل، ڀڙو ڪٽل. هئي ننڍي نيٺي! منهنجا دوست چَپ چَٽڻ لڳا. ميري چولي، ڪير لڳڻ سبب سٽيي ۽ گري ٿي پئي هئي. جهوني پُراڻي چولي، ڪير ڏيندڙ ڇاتيءَ جي شدت اڳيان بي وس ۽ مجبور ٿي لڳي. ڪتان ٿيون اهي نياڻيون ايترو ڪير آڻين؟ سو به ٻُڪ تي! اسان جي سڌريل عورتن وٽ ته سدائين ڪير جي ٻاڙائي– ”جو ڪير گهٽو ڏي، سو ته پلو ڇٽبو مينهن به پيار سان ڪيئن نه ڪير کٽي لاهيندي آهي.“ اهو خيال ايندي ئي مان البت منجهي پيس. ڪير ڪهڙي نه چڱي شيءَ آهي. هي عورتون ڪيئن نه رَت کي ڦيري ڪير ڪريو ڇڏين. حياتي ڏيندڙ ڪيرا! نر ته بيڪار آهي. رڳو چَري ڪائي وتي ساڻَ وانگر زيان ڪندو. مان جلد ئي پاڻ سنڀالي ويس. هي پينو ۽ مفلس ته جانورن کان به پري آهن. ماڻهوءَ جا ته ڦَر ئي ناهن. شيطان جا ڇاڙتا!

اها ميري گدلي فقيرياڻي ڦيرو ڏيئي، اچي اسان جي اڳيان بيٺي، ”بابُو صاحب پيسو!“ مار پويس چڱي ٺاهوڪڙي هئي! آواز ته ڪهڙو هئس! سانوري پر سندس وڏيون ڪاريون اکيون ڏاڍيون وڻندڙ هيون. پِنبڙ ته غضب جا هئس. ڪيئن نه پئي انهن کي هيٺ مٿي ڪيائين.

جواني سندس انگ انگ ۾ پئي ٿَڪڪي، سندس ميرا لِڱ ڪيڏا نه چڱا هئا. وات ۾ پاٽي پرجي ٿي آيو. سندس ٻار مون کي اصل نه وڻيو. ڪِنو گدلو. ڏٻي جهڙي شڪل، چَپ ڏُولا، اکيون چنجهيون، نڪ بينو. سنگهه پئي وهيس. ڪِيچڙ ۾ پيدا ٿيل ڪينئون! مون کي ڏاڍي ٻُڇان آئي. موڳو چسو گڏهه جو اولاد ضرور پيءَ تي ويو هوندو. بلڊي سُوائين! مون نظرون ماڻس تي وڌيون.

اسان جي فارورڊ دوست ڪانئس سوال ڪيو.

”تون پِنين ڇو ٿي؟“

”ڇا ڪجي صاحب؟“ هن سڌو سولو جواب ڏنو.

”تنهنجو مڙس ڪٿي آهي؟“

”منهنجي شادي ڪانہ ٿي آهي. بابُو صاحب، پيسو!“

اسان جي اکين ۾ شرارت ٻرجي آئي. سڀ مُشڪڻ لڳاسين. ”پوءِ تو هي پُٽ ڪٿان آندو؟“ هن ڪنڌ لاڙي نماڻين اکين سان اسان ڏي نهاريو. ”اها اوهان صاحبن جي مهرباني آهي، بابُو صاحب!“

اسان کي ڄڻ تہ ڪنهن ٺـﻘـﮍ هڻي ڪڍي، ڪپڙا لاهي وڌا. ننگو ڪري ڇڏيو. مٿي ۾ ڦيريون اچڻ لڳيون تہ اسين بہ بدبودار گند ۾ سرڪندڙ ڪينئان هئاسون. سُرهاڻ مان بي خبر، انڌا، ٻوڙا، جهل جا ابا!

# خميسي جو ڪوٽ

مان تن ڏينهن نماز پڙهندو هوس. ته سيارو هوندو هو. هنڌ ۾ ويٺي ئي سئيٽر پائيندو هوس. مٿان مفلر، ڪوٽ ۽ اوورڪوٽ. نِڪر جي ڪونئري کي اڌ تائين ڪلر لڳو پيو هوندو هو. پاٽي اهڙو جو اصل پارو، ٿڌيءَ هوا جا سوسٽ بدن کي چڙهي ته چيريندا ٿي ويا. ڪيڙو ٿي، ڏڪندو ٿڙڪندو مسجد ڏي ويندو هوس. هيترين تڪليفن کان پوءِ خدا کي البت پنهنجو ڪري سمجهندو هوس. پائيندو هئس ته بي نمازي ڪهڙا نه بيڪار آهن. در کولي ٻاهر نڪرندو هوس ته ٿڌ جو طوفان منهنجو فخر زوريءَ مون کان کسي ويندو هو. زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ٿڌ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو هو.

ننڍڙو يارهن سالن جو خميسو اڳيئي مال وٺيو ٻوڙن ۾ بيٺو هوندو هو. ڪيس قميص ڪانه هئي، پر هڪ ٽنگڙين نڪتل گرم ڪوٽ پيو هئس. ڪاري گوڏ ۽ مٿي تي ميرو ڪپهه جو ٽوپ. مٿر به ماڪ سان چانيا پيا هوند هئا. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ وجهي، پيرن اگهاڙو پاڻ کان ڊگهي لٺ ڪنيون، سوڙهو ٿيو بيٺو هوندو هو. سندس ڪاڏي ڪڙڪندي هئي. مونکي ڏسي دانهن ڪندو هو ”ها مُلان! “ هُو مون کي چيڙائيندو هو مان تڪڙو وڏي ويندو هئس ۽ هو پنيان چوندو رهندو هو ” مُلان! ... مُلان، او ... مُلان!“ مان اوور ڪوٽ جي ڪالرن کي ٺاهيندو الله ڏي ويندو هئس ۽ هو ڍورن ڏي. مان وجي شڪر ادائي ڪندو هئس ۽ پنهنجي صحت ۽ خوشحاليءَ جي دعا گهرندو هئس. هو فصل جي سنڀال ڪندو هو ۽ ٻيل ڪرائيندو هو. ته سڙي نه وڃي.

”ها مُلان! “ هُن سُر سان لانڍ ڪري چيو. اوندهه ۾ سندس ڪارن چپن مان اڇا چمڪٽا ڏند ظاهر ٿيا ۽ هو ته ته ڪري کلڻ لڳو. ”بيهه ته سهي، تنهنجي خبر ٿو وٺان!“ مون ائين چئي پير وڌايو ۽ زور سان زمين تي هنيو. هو چرڪ پري وڃي پڳو. ٽپا ڏيندو، مٿر لتاڙيندو يڪ ساهيءَ ٽيهارو گام پجي ويو. مُڙي مون ڏي نهاريائين. وني ٿهڪ ڏنائين، ”آ ته خبر پويا “ پوءِ ته ” مُلان . مُلان “! ڪري وڏيڪ چيڙايائين.

هڪ ڏينهن نيٺ مون ڪيس ٿڦ هٽي ڪڍي. ڀهريائين ته واٽڙو ٿي ويو. سمجهه ئي نه پيس ته چو ائين ٿيو. سندس ڪاڏي ٿورو جنبش ۾ آئي، چَپ ٻاهر نڪتا ۽ .... هُو ڏاڍو رنو .... پٽي سڏڪا ڀريائين. مون ڪيس اڳي به وڙهندو ڏٺو هو. ڪيس ڪو ماريندو هو ته هي به گاريون ڏيندو هو. ٻُجا ڏيندو هو ۽ پري پجي پٿر هٽندو هو. ماءُ ۽ پياءُ کي به پٿر هٽندو هو. مون کي نڪي گاريون ڏنائين، نڪي پجي ويو. بيٺو رهيو ۽ رئندو رهيو. مُلان الله اڪبر چيو. مان نماز پڙهي موٽيس ته به پئي رنو.

مون گھڙي ڪن ٻيھي ڪيس ڏٺو. ھن ٺونٺ آڏو ڏيئي پنھنجو مُنھن لڪائي ڇڏيو. منھنجي دل ۾ ٿي تہ جيڪر مون سان بہ وڙھي، ڀڄي ۽ پٿر ھڻي!

ٻئي ڏينھن وري ساڳي ڪار. ٻاھر نڪتس ۽ خميس رڙ ڪئي، ”آ مُلان!“ ۽ وٺي ڀڳو. خبر نہ آھي ھن کي مُلان ڪان اھڙي نفرت ڇو ھئي. ٻھر سج ڏاري مان خميسي جي گھر وٽان لنگھيس. ڇنل کٽ تي اس ۾ پراڻيءَ رليءَ ھينيان ويڙھيو سيڙھيو پيو ھو. ماڻس ڇيٽا ڪيڍندي چيو ”مال وٺي موٽيو آھي تہ ٻيٺو ٿي ڪِريو آھي، ٽُڪر بہ نہ کاڌائين. مھيني کان بيئڙ ٿو اچيس، مُلان نورل کان ٻَڌايو بہ ھو مانس!“ مون بہ رلي مٿي کڻي ڏٺو. انھيءَ ڦاٽل ڪوٽ ۾ ٻيرين اگھاڙو خميسو پيو ھو. سندس ڪارو رنگ اڃا بہ ڪاراٽجي ويو ھو. اکيون ڳاڙھيون ۽ مغز باھہ. سندس ڪليل وات مان گجي ٿي وھي. اکيون ڦري ويون ھئس ۽ سندس اڃا سھٽا ڏند ٻوائتا ٿي لڳا. مون دانھن ڪئي، ماڻس ڀڄندي آئي.

ٻڻس کي گھرايو ويو اسپتال ڇھہ ميل پري ھئي. ڊاڪٽر خرچي بہ وٺندو ھو ڇوڪر گھڙين جو مھمان ھو. مون پنھنجو ڪوٽ لاھي مٿانئس وڌو. ڪيڏي نہ ھمدردي!

خميسي کي مُلان وھنجاريو. ميرو ڪوٽ لاھي نئون ڪپڙو ويڙھيو. مون عطر بہ آندو. سندس ننيڙا ڏند اڃا بہ ٽڏ جي شڪايت ڪري رھيا ھئا. ڪيس سڌو سنئون کٽ سمھاريو ويو. سيني قطار ٻڌي ۽ مُلان الله اڪبر چيو.

مون وارو ڪوٽ مُلان ڪنيو.

ٻئي ڏينھن خميسي جو ننيڙو ڀاءُ مھر وٺيو بيٺو ھو. ڪيس اھوئي خميسي وارو ڪوٽ ٻيل ھو.

# لاري

شل نہ ڪنهن کي لاريءَ جو سفر پلئہ پوي. هڪ گرمي ٻيو گُهٽ! مٿان وري ماڻهن جي پيهہ پيهان! دانهون پئي پيون. "او لاريءَ وارا! يار هَل ساهہ ٿو نڪري!" ماڻهوءَ مٿان ماڻهو. پگهر پئي وهيو. لاريءَ جي ڇت تي بہ ماڻهو هئا. صوبيدار صاحب اڃا ڪونہ آيو هو. خدا خدا ڪري هُو صاحب تشريف فرما ٿيو ۽ ماڻهن جي پيٽ ۾ ساهہ پيو. لاري هلي. ڪجهہ هوا لڳي، لوڏن تي ڪجهہ خلاصائي بہ ٿي. باقي مٽيءَ جا بہ ڪکر هئا. ناسون ئي ڀرجي ويون.

اڳئين خاني ۾ وهڻ بہ ڏاڍو شرف وارو آهي. پويان خانا گهٽ درجي وارن لاءِ آهن. سيڪو ٻيو چاهي تہ مان اڳي هجان. پوءِ ڪٽي پيٽرول جي دٻي تي ويهجي. جي ڪنهن واقفڪار کي اڳيان جاءِ ملي ويئي تہ پنيان ويٺل جو ڪنڌ شرم کان هيٺ ٿيو وڃي. ڪو تہ ڦڪائي کان چوندو تہ، "چا ڪجي يار! مڙيئي مسافري تہ ڪرڻي آهي تون تہ ٺئين زور." ائين شرم کي پرچايو ڇڏين. غريب تہ پاڻهي وڃي پنيان ويهن.

آفيسر تہ هڪ چوري، ٻيو سينہ زوري، اڳيان جاءِ نہ ملين تہ مشير نامو ٺاهين. پاڙو تہ سندن سالا بہ ڪونہ ڏين.

لاريون پراڻيون، رستا آلو نور. ائين پيون لڏن جيئن ڪجاوا. پاسا پيا پچن. آنڊا وات ۾ اچيو وڃن. ڇِيڪلي واري چين چين بہ هلي اچي. هيٺائين ۽ مٿاهينءَ تي ائين پئي لُڏي ۽ لمي جيئن ڍڪي زئفان. اڌ ڊزن معتبر بيگر ۾ ڪنيو هلي، باقي بيمار سيمار، زئفون ۽ ٻار ڇڏيندي هلي. پيٽ پريائي، پاسينگر ٺيٽا، پاڙا ٻيٺا. لارين وارا ڊئجي پيا آهن. ماڻهن کي سهولتون ڏين ڇو؟ رهائي پڪائي وارا آهن. ڳڙي ڪاموري سان رسائي اٿن، باقي ڪاڻ ڪنهن جي ڪڍن؟

اسان جو ڦريون پگهر ويو سڪي. جهولي اچي ورايو. جنسي باهہ ٿي ٻري. جڻ تہ ڪوري مان ڄَر ٿي نڪتي. ڳَن ٿي سڙيا. خشڪيءَ اچي ڪنيو. چمڙي ٿي ٺِڙڪي، پاڻيءَ لاءِ ساهہ ٿي نڪتو. ڳيت نہ آئي. نڙي ۾ ڄڻ تہ ڪڙا ۽ پٿر ٿي ڪڙڪيا. جهاڪن ۽ جهوٻن آنڊا اکيڙي وڌا.

خبر تڏهن پئي، جو لاري چيڪٽ ڪري بيهي رهي. شل نہ ڪنهن سان اهڙي ٿئي، پنچر ٿي چڪو هو. سو بہ سج ۾. هڪ جهولي جو لڳاتار حملو ٻيو ڪلر جي تپش! توبہ، الله ڏئي بندو سهي. وڻ نہ ٽڻ. ڪانوَ جي ٿي اک نڪتي. جهولو بہ سمنڊ جي لهرن وانگر پوئتي تان ڪڙڪاٽ ڪندو ٿي آيو. "سرڪار ويچاريءَ جو ڪهڙو ڏوهہ!" لوڪل بورڊ جي هڪ ميمبر صاحب چيو. "وٽن جو خرچ بہ منظور ٿيل آهي، ۽ پهريدار بہ رکيل آهن." اسان کي پنهنجي بورڊ کان شڪايت ڪانهي. هنن تہ پنهنجي فرض ادائي ڪري ڇڏي هئي! باقي رهي اسان سان تعدي، سا تہ اسان جي اعمالن جي شامت

هئي! پر يار جي ٿا هٿ پير هٽي ڪو ممڻ مچايون ته موچڙا ٿا کائون. چي، "اوهين ته ڪي ڦڏئي آهيو!" چڱو سائين. پر اهي الزام به ڪيستائين؟ موچڙا به ڪيستائين؟ نيٺ ته ديگ تپندي. نيٺ ته اسان جو وارو به ايندو. نيٺ ته ڪاري ڏاند جا مالڪ به ايندا. تيهئي راتيون ڪو چور جون ڪونه آهن. اوهان جي به اوٽيهين آهي. دکي دکي نيٺ ٻري. رجهي رجهي نيٺ ٻڙڪي. هلڪي سلڪي ٻاڦ به جبل ڦاڙيون وجهي.

جهولي لڳن ۾ چوچڙي وجهي ڇڏي. سچ جنسي ساڙيو ٿي. نڪا اوٽ نڪو اجهو. لاريءَ جي ٻاڇي ۾ سوڙها ٿياسون. ڪن ته ويچارن هڪ ٻئي کي ئي ٿي اوٽ بنايو. شڪر جو ڪڙيو ويجهو هو. پاڻي پي پيٽ ٿي ڦاٿو. پر اڃ لهي ئي نه. مس وڃي ڦَٽيل پير جي ملم پٽي ٿي، ۽ اسان جي اميدن جو مرڪز نعرو هڻي اڳتي وڌيو. هڪ گرمي، ٻيو پاڻي جو اوپر. ساهه جون نليون ڪم ئي نه ڪن. هوا ڇڻ ته آڪسيجن هئي ڪانه. ملڪ پاڻي ئي پاڻي، ڪارو ڪلر اٺو پاڻي. ڳوٺ جهڙا ٻيٽ، زمينن جو ته منهن ئي ڪارو ٿي ويو هو. رڳو ڪي ڪي ٽڪر رتل هئا. باقي سڀ ٻاڙو. ڪنگ ڳچيون ڪڍيو وينا هئا. سيڪ ته نه هوا! بس سيلاب هو. ڪُميون پي رستي تي آيون، ويون. ابا خبر تڏهن پئي جڏهن هڪ ٻارڙو ڪُوٽيون هٿ ۾ ڪيو رستي جي هن پر پڳو. لاري به سرڙاٽ ڪندي تي ويئي. بريڪ ته مورڳو هئس ئي ڪونه. پٽو تڏهن پيو جو شپڪو ٿيو. ابهم ويچارو اڏامندو بولاٽيون کائيندو وڃي پاڻي ۾ ڪريو. لاريءَ وارو لاپرواهيءَ سان ڏوڪيندو ويو. ڇڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. صوبيدار ڏٺو ته ٻوهٽي تي وڃي، سو ڪچيون گاريون ڏيئي لاريءَ کي موٽاياٿين. ٻارڙو صفا ٻَڙهه ٻُٽ پيو هو. پر سرڪار کي ان جو الڪو ڪونه هو. مئو ته سودو هٽئون سٽيو ٿيندو. ڇا جي اسپتال، ڇا جو علاج! باقي مشير نامي جي وٽ ونان ٿي ويئي. گار جي رئي پي پئي. لاريءَ وارن سان ڳن ڦُسڙاٽ به هلي آئي. مشيرن کان زوريءَ صحيحون ورتيون ويون. سڀ ڪو ڊجي چوي، "ڪورٽن جا رولڙا ڪي سُترا ته ڪونه آهن، پوليس سان ڦِتائڻ به چڱو نه آهي" ڪُوڙيون سچيون صحيحون ڏنيون ويون، ڪلاڪ لڳي ويا. ٻارڙو پيو رهيو. سندس ماءُ پيءُ اچي ويا. ويچارن ڪِيهون تي ڪيون. گاريون انهن کي به مليون. دڙڪا، دهمان، ڏاڙهي پٽ. ويچارن صوبيدارن کي پلاند وڌا. چي، "اسان کي ٽاٽي تي نه رول، اسپتال ۾ ٿابا نه کاراءِ. اسين غريب ٻچڙيوال. ڊاڪٽرن ۽ ڪمپائونڊرن کي منهن ڏيڻ جي سگهه ڪانه اٿئون. هَٿ به ڦُرايون. ڦڪي به ڪانه ملي. اسان جي ٻچي جو لاش نه رولاءِ. ٻچي پيو ته واهه واهه. نه ته ڪَٿي اسان جي قسمت! ڪورٽن جا پاڙا خرچ ڪٿان آڻينداسون؟ ششدار ۽ نائڪ جو وات منو ڪرائڻ جي وسعت ڪانه اٿئون. ماجريٽ جي به ڏائڻ لڳا وينا آهن. اسين مِشڪين ڏتڙجي ويندا سون، ابو ٿيءُ!" وڏيرو وچ ۾ پيو انهيءَ سان به ڳن ڦُسڙاٽ ٿي. ريڙهه پيڙهه ٿي. نيٺ صوبيدار صاحب آنا ڪاني ڪندي، ٻئي ڏريون ڦُري، اچي لاريءَ ۾ جاءِ نشين ٿيو. الٽو ٿورو به مٿان ٿڦيائين.

لاريون پيگل، رستا ڦِٽل، نہ وڻ نہ ٽڻ. مٿان مڏيءَ ڪاٽيءَ سان ڪوس. هڪ ننڍي نيٽي ڪان رهيو نہ ٿيو. چي، ”يار وزير وڙا پنهنجا تہ بہ هھڙو ويل!“ هڪ ڳوناٽي سندس هٿ ڪي وٺي زور ڏنو. چي، ”زور آوار! ياندبو ئي نہ ڦوڙ. وڏيرا، وزير واپاري، ڳالهہ مڙيئي ڳنڍي پئي اٿئي!“ ائين چئي ڪٽي اک پڳائين.

ڳوناٽا تهہ تائين پهچي رهيا هئا. لچائيءَ جا بخيا تيزي سان ادبڙي رهيا هئا. سيني ڪي وات ۾ مگ، ”گونگو پاٽي نيٽ ٻوڙي!“ مان مشڪي وينس. سچ لهڻ وارو هو اچي هڪ ڳونڙي ڪي اوڏو ٿياسون. ڪتا بہ ڪافي دلير تا ٿين. هاٿيءَ جيڏيءَ لاريءَ تي ٽٽي پيا. ڪِن تہ منهن ۾ چڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪيس. شابس هجي ڪتن ڪي پونڪي پونڪي ڪيڏو نہ سبق تي ڏنائون! ننيڙا ٻارڙا آواز ڪندا، اُڪير مان پچندا آيا. ڪي اگهاڙا، ڪي رڱي چولڙن ۾. پرسان اچي مٿن تي هٿ رکي بيهي رهيا. ڪي وري چولڙن جي پلون کي هيٺ مٿي ڪري لوڏڻ لڳا. مردن ۾ زائفن ڪم ڪرڻ ڪٽي بند ڪيو. ڪِن تہ ويني ئي ڪر ڪٽي نهاريو. پوڙهين، مٿي ڏي هٿ ورائي، رئي ڪي اڳيرو ڪيو. نندين، نظرون چورائي پي نهاريو. ڪي تہ بيباڪ ٿي، دونالِيون سامهون ڪري، بہ جهلي بيٺيون رهيون. چا جي هبڪ، چا جو حجاب! ڪير ٿو ڪنهن کي سڃاڻي. هت حياتيءَ جا اهڃاڻ جهلڪي ڏيئي رهيا هئا. مٿيءَ مان ۽ ٻوٽن مان، سرهاڻ تي آئي، انهن قديم سنڌين جي، جي هزار سالن کان مهراڻ جي ماٿريءَ ۾ لوڙائو ڳائيندا، نڙ وڃائيندا، ڏمال هڻندا، ’هو جمالو‘ نچندا، ڳاڙهي ڳئون پاليندا ٿي آيا. صدين کان هنن پي اپايو ۽ نپايو. ڪين سڀ ڳُر ياد هئا. جهار جهرڪي، سُوئر سهي، ڦورولٽيري ڪي چاٽندا سڃاڻندا هئا. وٽن ڪانياٽيون هيون، ڏَڦا هئا، ڪهاڙيون هيون. ساوا ساوا کيت هيج مان پي ل ڏيا ۽ لميا. مخلوق جو خالق اڳيان لاڏ ۽ ناز! ڳوناٽن جي ڪاميابيءَ جي پڪي ۽ پختي نشاني! هُو تہ پشتان پشت اپائيندڙ هئا. پلا ڪير هوندو جو اپائيندڙ ڪي مِٽائيندو؟ اجايو کل خراب ڪندو، مٿو ڦوڙيندو. هي تہ آب حيات جا چشما هئا، جتان سيني سرڪون ٿي پريون. جي انهن کي سڪائيندا سي پاڻ نرهہ ٿيندا. هو تہ خالق آهن. مخلوق وارا محنت جا مالڪ! انهن کي ڪپڻ وارو ڳاٽي پر ڪرندو. مٽڪو ٽٽي پوندس، چپ لڙڪي ايندس. وڻ جون پاڙون آهن.

اتر جي ڳُهٽ ۽ هوا بنهہ بند. هڪ مٿي بيو پگهر. بدن ۾ ڪسمرو ۽ چِڪ چِڪ. لاري بيني تہ هلڻ جو نانءُ نہ وٺي. مٿان مڇرن جو حملو اصل روڙي ڪٽي رک. ڳوناٽن پاٽيءَ جا وٽا پري پري پيا رهيا. مڇرن ڪي تہ ٽاري نٽي سگهيا. لاريءَ ڪري گذاري، انڌ جي گهوڙي تي سوار. اڪيون ٻوٽي، بوجهہ ڪٽندي، حرام ستيندي، پرائو پگهر ڪيندي، ڏوڙ اڏائيندي، انڌيءَ مک وانگر، واءُ مٿي ۾، وڃي ٻوهي ۾ پئي. پنهنجي ئي بار هيٺ ڪنجهڻ لڳي. سڀ ڪنهن کي ساڙ اندر ۾ اڏما، اڪين ۾ الا. سندس ئي اٿاريل ڏوڙ باهہ جو ٻيڙ بڻجي ڪيس وڪوڙي ويئي. دريون بند ٿي ويس، مٿيون منجهي

ويس. پوءِ ته ڇتي ٿي پئي. ٽيئن ونئي ٽڪ ڪيائين. وٺئي ڇتيندي ۽ ڇپيندي، پيپڙ ويو وڏندو. سندس ڏکهي رسي، تيزيءَ سان ننڍي ٿيندي وئي.

گگهه اونداهي، حال بڇڙا، منهن ۾ ڏوڙ. لڱ لڱ ٿي ڏکيو. پر اڃي گهر پيپڙا ٿياسين ته ڏاڪڙا ئي لهي ويا. صبر جو ڦل مٺو! رضا تي راضي.

... پر سپاٽي ساڳي لاري ۾ موٽڻو هئم. منهنجو ته هنيون ڪاچي ويو. باهه ونئي ويم. پانيم ته انهيءَ 'صبر' ۽ 'رضا' کي ڳنڍڙ ڪان ونئي وڍي ڪُٽي، ڇُورڻ ڪري، ڪڙين هينيان چيپاٽي چڏيان. رڳن ۾ چوچڙيون ٿي دکيون. لٽا لاهي، لنگوٽ ٻڌي، ميٽ ٿڦي ڪوهه تي آيس. نار ڦيٽي وانگر ٿي ڦريو. خالي لوٽيون ٻڌي ٻڌي، پرتو ٿي ٿئي نڪتيون. حرام جو همت هارين. مالهه ۾ ٻڌجي، پاڻ ۾ گڏجي قرب سان اڳتي وڌيون. ٿمتار ٿي، طاقت ونئي، مٿي اپريون. هڪ ئي ناليءَ ۾ ڪٽي پنهنجون سپ قوتون وڌائون. اوجل شفاف پاٽي، اڳتي وڌي سڄي ڪيڙيءَ تي ڇانئجي ويو. پيندبه ۽ ڦوڙ ڳري پهت ٿي ويا. لس ئي لس ٿي وئي. ونئي گل ڦل ٽڙيا. چوڌاري سڳنڌ ۽ سرهاڻ ٿي وئي. سيني لاءِ هڪ جهڙي، هڪ جيتري!

# پِشُو پاشا

رياست جي عدالت عاليہ جون شوخ ۽ ڪرڙيون پٿيون، شهر کان پري ٽڪريءَ جي پرسان اڏول ٿيون بيٺيون هيون. عمارت جون ڏگهيون پٿريليون پٿيون، ويڪرا چپٽرا منارا ۽ وڏا شاهي در نهرائيندڙ جي ارادن ۽ منصوبن جو پورو پورو نقشو چٽي رهيا هئا. ٽڪريءَ جي اوچائي، عمارت جي بي رخي ۽ وچ واري پوٺي جي رڪائي جڻ تہ پاڻ ۾ ٻٽ ٿي، جاٽي واٽي هن انصاف جي گهر کي عام بستيءَ کان ڇني ڌار ڪري رهيون هيون. ويتر ڪارو لوهي ڪڙن وارو غير ملڪي جهنگلو جڻ تہ مڪون الاري دڙڪا ڏيئي رهيو هو.

هن عدالت عاليہ ۾ ملڪ جي قانون جي پيچ گهڙ ڪري ڇپي، ڇٽي، فتوائون ثابت ڪيون وينديون هيون. هت قانون جي تشريح ٿيندي هوئي. قانون کي وٽ— وڪڙ ۽ وَر ڏنا ويندا هئا. اهي چٻيل، چٽيل ۽ مروٽيل سروٽيل قانون معصوم شهرين جي مٿان پنجوڙ وانگر اڇلايا ويندا هئا. لوهي جهنگلي ۾ جڪڙيل ۽ پٿر جي ديوارين ۾ بند ٿيل دماغن جا گول مول جملا ڳوٺڙن، ماٿرين ۽ چراگاهن جي کليل هوائن ۾ ڏنڊي جي زور سان هلايا ويندا هئا. عدالت عاليہ جي چوٽين مان اهي قانونن جا زنجيرن جي نڪري، وچي ملڪ جي سرحدن ۾ ڪپندا هئا ۽ سڄو ملڪ زنجيرين جي ڪڙن ۾ جڪڙجي لوهہ ٿي ويندو هو.

اجوڪي ڏينهن عدالت عاليہ جي ٻاهران حشام ماڻهن جا اڃي گڏ ٿيا هئا. ڏگهين ڏاڙهين ۽ ڊگهن وارن وارا ٽاڪرو جوان، جڻ تہ الائي ڪٿان اڃي ڪڙڪيا هئا. گرم هوا ۽ لَڪ جي ڪري سيني جون ٻُٽون ٻڏل هيون. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ سندن زبانون خاموش هيون. سندن اندر ۾ اڏما هئا. ڪوسي جهولي ور ور ڪري عدالت عاليہ جي پٿين سان ٽَڪر پئي کاڌا.

ان ڏينهن"جا بلو شينهن" تي ڪيس هلٽو هو. سچ پچ بہ شينهن جهڙو مڙس هو. ڊگهو ۽ قداور، لڱ مروڙ رڪ جهڙو چيڙهالو. سندس ڏاڙهي، مٿي ۽ مڇن جا وار ڪڪا هئا. سندس سڄي بدن تي ٻُوري ٻَج هئي. ماڻٽن سندس نالو " پِشُو" رکيو هو پر جابلو ماڻهو کيس " پِشُو پاشا" ڪري سڏيندا هئا. سندس چاتي ويڪري، ٻانهون مضبوط ۽ ڳچي مضبوط ۽ ڳچي پريل هئي؛ ٽنگون جهڙا پيپل پاوا، سندس ڪارين اکين مان شوخي، ضد، ارڏائي، صاف گوئي ۽ لاپرواهي ظاهر ظهور ڇُلڪي رهيون هيون.

عدالت ۾ غير معمولي چرپر هئي. سپاهين جي اچ وڃ، هٿيارن جي ڇڻ ڇڻ، قانون دانن جا ڪارا جبا ۽ اڇا ڪالر— ٻوتن وانگر اچ وڃ لڳي پيئي هئي. پوليس عملدار شاهدن کي وري وري سمجهائي ۽

سيڪاري رهيا هئا. عدالت جي پٺين جي اوٽ ۾ سيني جي سامهون ڪليو ڪلايو دڙڪن ۾ دٻاون جي ڏمر ۽ اڪرن جي ٻيچ ڊاهه تي رهي هئي. ڏنو وائنو ثابتيون ناهيون ۽ بنايون ٿي ويون. قانون جا رکپال قانون کي مروڙي ۽ گُهٽي رهيا هئا. ائين ٿي ڏنو ته عدالتي مشينريءَ جي هڙني پرزن انصاف کي ڪمڻ لاءِ ٻڌي ڪئي هئي.

جج صاحب واري ٿلهي تي، وڏي گنبذ هينيان، هڪ وڏي اڌ گول ميز رکيل هئي. ان جي پٺيان هڪ ڏگهي، ٽيڪ واري ڪرسي، جنهن جي مٿان فضليت ماب جو فوٽو ٽنگيل هو. ميز تي وڏن وڏن ٿلهن ڪتابن جون ڍِڳيون ۽ پر وارن ڪٻٽن ۾ اڪيچار ڪتابن جون قطارون هيون. اوچتو چوبدار "خبردار" پڪاريو۔ ۽ هڪ ننيڍڙو سنهڙو جج هڪ ننيڍڙي بند دروازي مان نڪري، وڃي ڪرسي ۾ پيو. جڻ ته ڪرسي ۽ ميز سندس بدن کي ڳٽڪائي ويون هيون. ۽ ڪتابن ڪٽي ڳتڙ ڪان جهليو هئس. هن اکيون مچڪائي، هيڏي هوڏي نهاريو ڪجهه ڪاغذ اٿلايا ۽ " پِشُو " کي مخاطب ٿيو " چا، توسان ناحق آهي؟ چا قاسايو ويو آهي؟" پِشُوءَ کي جڻ ته باهه وٺي ويئي. ٽپو ڏيئي اٿيو۔ چي، " ناحق آهي توسان. قاتل آهين تون!" جج صاحب کان ڏرڙي نڪري ويئي، جڻ ته سندس راز فاش ٿي پيو هو. واڻڙو ٿي جوابدار ڏانهن ڏٺائين، ڪتابن ڏانهہ ڏٺائين، فضيلت ماب جي فوٽوءَ ڏانهن ڏٺائين، عدالت جي ڏگهين ديوارين ڏانهن ڏٺائين، ۽ ان ننيڍڙي دروازي ڏانهن ڏٺائين جتان پاڻ ڪُڪئي وانگر نڪتو هو.

پِشُوءَ جي اها نندي هوندي کان ئي عادت هئي، جيڪي چئبو هوس، سو وري ڦڪائي ڏيندو هو ۽ وري ان جي ابتڙ ڪري ڏيکاريندو. نندي هوندي کيس چوندا هئا، "تون شڪر گنج واري چوٽيءَ تي اصل ڪونہ چڙهي سگهندين!" بس پِشُو چٽنگ ٿي ويندو۔ چي، "تون ڪونہ چڙهي سگهندين!" پوءِ ته سيني جي ڏني، ڇلانگ ڏيندو، ريڙهيون پائيندو لٽڪندو وڃي چوٽيءَ تي پهچندو هو. وري سهڪندو لهندو لهڻ سان لُوهہ ڪيو ان ماٺوءَ تي ڪاهيو ايندو. پائيندو ته کيس دسي، ڪيرائي، گُهٽا ڏيئي، چوي ته "ڏٺئه! تون ڪونہ چڙهي سگهندين!"

سندس اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پهرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ ڪهرو هو. جيڪي آيس، منهن تي وهائي ڏيندو. مڙڻ وارو مڙس ئي نہ هو. هڪ دفعي، هتو ٿتو رئيس گل خان جي اوطاق وٽان لنگهيو. اُڃ کان ساهہ ٿي ويس. نہ ڪيائين هم نہ تم، سڌو وڃي رئيس جو گلاس کنيائين. سيني گهٽو ئي "متان! متان"! ڪيس، پر هيءُ يار ٻہ ٽي گلاس چاڙهي ويو. اتي ئي گلاس اونڌو ڪري چيائين ته"ادا چو ڪو ڇُهڙي جو گلاس هو ڇا؟"

پِشُو قدرت جي هڪ اڻ گهڙيل تخليق هو. نندي هوندي کان ئي ڇيڳرو الڙ ۽ ارڏو هوندو هو. هو ٻهاڙن ۾ جائو ۽ ٻهاڙن ۾ پليو بس ٻهاڙ هئا، ٻتر هئا، ۽ پِشُو هو. اُيا اُيا جيئرا جاڳندا پَهڻ. رڍون ۽ پِشُو ٻہ جڻ ته چرندڙ پرندڙ ٻهڻ هئو. ٻهڻن جي پيٽ مان نڪتل تازا ٻچڙا! ٻهڻن جي اوٽ ۾ ۽ ٻهڻن جي مٿان

وتندا هئا ڀوڙيندا ۽ ٽپندا. ائين ٽي معلوم ٿيو تہ پهڻ، پِشُو ۽ ريڍون هڪ ئي شيءِ هئا، هڪ ئي هوا هئي، هڪ ئي زمين، ۽ هڪ ئي پاڻي- جنهن هزارن ورهين کان هن ماٿريءَ ۾ ماڻهو مال ۽ اَن پئي پيدا ڪيا.

پِشُو ائين وڏيو جيئن ڪو خشڪ جابلو ٻوٽو پٿرن مان ڦاٽي نڪتو هجي. ڳاڙهو ڀُوريلو رنگ، ڀورا جهنڊولا وار. گليليءَ سان وتندو هو پٿر ڇُٽيندو ۽ ٻتير ماريندو. هڪ جيڏن سان وڙهندو ليٽندو ليٽڙندو ڀڄندو ۽ ڀوڙيندو. ڏسندي ڏسندي، جوان ٿي ويو تہ بہ جهڙو ٻارا!

پِشُوءَ جي ذري ذري مان زندگيءَ جا آثار پيا ٽپڪندا هئا. اصل ماٺ ڪري نہ ويهندو. ڪنهن کي چَڪ، ڪنهن کي چهنڊڙي، ڪنهن کي رهڙ، ڪنهن کي ڇهڙ. پيو اڇلون ڏيندو ۽ چلڪندو. سندس اکيون پيون چمڪنديون هيون. پورهئي مان مزو پيو ايندو هوس.

رحمدل بہ هڪڙوئي هو. پاڻ ڏي مهڙ هونديس، تہ جهٽ پشيمان ٿيندو. هڪ ڏينهن ماءُ کي گهٽ وڌ ڳالهيائين. پوءِ تہ ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويو. سڄو ڏينهن گهر نہ آيو. وتيو لَڪن ۽ ٽَڪرن ۾ هلندو. لڙيءَ اڌ رات جو گهر آيو. ماڻس اوسيڙي ۾ چلهہ تي ويٺي هئي. چلهہ ٺري ويئي هئي. پِشُو ماٺ ماٺ ۾ چلهہ تيار ڪري، نڙ آڻي ماءُ کي ڏنو ۽ پير ۾ ويهي رهيس. ماڻس سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳي ۽ پِشُو سندس پاسي ۾ سمهي پيو.

پِشُوءَ پيار بہ ڪيو. رئيس جي نياڻيءَ گلناز سان. اکيون چار ٿي ويس. سندس لڱن ۾ سيسرات پئجي ويا. ڳلن ۾ ڪوساڻ ۽ وار وار ۾ لَهس. ٻت ٻنجي ويو. زندگيءَ وهڪرو جو سندس لڱن ۾ پيو سرڪندو هو يڪا يڪ بند ٿي ويو. هن جي طبعيت جو وٽ پڪڙ وارو طوفان ويڙهجي سيڙجي، ننيڙو ٿي، وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو. ڏينهن جا ڏينهن، اڪيلو ئي اڪيلو بستي کان ٻاهر سڪل وڻن هيٺيان خشڪ گاهہ لتاڙيندو وتيو. سياري جون ٿڌيون هوائون ۽ اجڙيل کيت ڪيس همدرد ۽ هم خيال معلوم ٿيا.

هڪ ئي ڏڪ سان جبلن جي چوٽين کان ٿيندو تارن جي دنيا ۾ اڏامڻ لڳو. چڻ تہ ڪو ازل جو آواز ڪيس اچا بہ اڳيرو سڏي رهيو هو. ماٿري ۽ نهر ۽ کيت ۽ خود پِشُو سڀ هيٺ پٿرن ۾ ئي اٽڪيا رهيا. پر سندس پيو ڪجهہ هوائن ۽ آسمانن ۾، ستارن کان ٿيندو متي ئي متي، اڏامندڙ رابيل وانگر، حسن جي طرف، بنا اٽڪ، لس ئي لس، ترندو ويو. پِشُوءَ جي هن اڏند کٽوليءَ کي سندس سنگتين چڪي هيٺ آڻي، حقيقت جي ڪنڌن سان زمين جي تهہ تي جڪڙي ڇڏيو. ڪيس بہ ٿي ٿڦون وهائي ڪڍيائون. چي، " گندي اوڍي وڃي گهر ويهہ!" پِشُوءَ جا نشا ئي ٽٽي ويا. ڳهر لهي ويس. ڪاوڙ مان وڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريندو، اچي رئيس جي حويليءَ وٽ نڪتو. وڃهہ وٺي گلناز جون ٻئي ٻانهون ڪٽي جهليائين. چي، " تون منهنجي آهين.گلناز جون پياسي اکيون، ڊگها ڊگها ساهہ ۽ ڏرو ڏرو بدن، پِشُوءَ جي هر سوال جو وڻندڙ جواب هئا. پِشُوءَ جي آسماني پيار واري اڏامندڙ رابيل پوبان پير ڪيا.

سندس سڳنڌ هوا ٿيندي وئي. سندس نرم ۽ نازڪ پکڙا ڪومائجي ڇڻندا ويا. باقي سڪل ڏانڊي اچي پٿرن ۾ پيئي، جنهن کي وقت جي ڳوري ۽ کهري چڪيءَ پيهي ماري دنيا جي ذرن ۾ ڳوهي ۽ ڳاري ڇڏيو. پِشُوءَ جي پٿريلي طبيعت وري اوج تي اچي ويئي. گلناز وٽان موٽي، ڪنهن جون ٻانهون مروٽيائين، ڪنهن کي جهلي ڌونڌاڙيائين ۽ ڪنهن کي ڪلهي تي ڪٽي ڦيريون پارايائين. پنهنجي سنگت سان وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي ڪليو سندس هڪ هڪ ٺهڪ سان جڻ ته غم جو هڪ جميل ٽڪرو اندر مان نڪري، ڦهڪو ڪري، وڃي ٿي پٽ تي پيو. رئيس جي، شروع کان وٺي، پِشُوءَ سان ڪانـ پيئي هئي. پِشُو هر وقت پيو پنهنجين سنهڙين پورين مڇن کي وٽيندو هو. رئيس کي ڏاڍا ڇڪ ايندا هئا. چي، " ياڙي بيڪار، تون ڪهڙي لاٽ جو پٽ آهين. جو وتين ٿو مڇون وٽيندو!" پِشُو پڙڪو ڏيئي اٿيو چي، "ياڙي آهين تون! بيڪار آهين تون!" پوءِ ته هنگامو مچي ويو. پِشُوءَ تي چڙهي ويا. پِشُو بہ ٻن ڄڻن کي ستيندو ڪٽيندو نڪري ويو.

رئيس هاٿي ڦوڪون ڏيڻ ۽ ڏنگ هڻڻ لڳو. ڪنهن کي ڀڏائڻ، ڪنهن کي مارائڻ ۽ ڪنهن کي لڏائڻ. آزار مچي ويو. صدين جي بيٺل سماجڪ پاٽيءَ ۾ رئيس جي ٿاڦوڙن ڏپ مچائي ڏني. پِشُوءَ پنهنجي ساٿين کي انهيءَ ڍونڍ کان ڪڍي ٻاهر ڪيو. چي "هڏ هڻون اسين، پنيءَ اگهاڙي رهون اسين ؛ پوءِ بہ اسين ڪميڻا ۽ رئيس چڱو مڙس؟ چڱا مڙس اسين آهيون. رئيس ناهي!" پِشُو نہ ڊڄڻو هو نہ سست. رئيس جيستائين سنيري ٿي سنيري، تيستائين پِشُوءَ ڪيترائي اڙٻنگ جوان پنهنجي پاسي ڪري ورتا. نئون خون ۽ نوان امنگ! چي، "ڪيت اسان جا آهن. ڪاريز اسان جا آهن. اسين سڀ ڪجهہ آهيون. اسان جي آڏو ڪو نہ اچي! "

رئيس ٻاهر ٿي ويو. پوڙها پوڙها واٽڙا ٿي ويا. هٿ ٺوڪي پئنچات گڏ ٿي. مُلا فتوا ڏني. چي، "اوهين ڪافر آهيو. توهان جي جنازي نماز جائز ناهي. توهان کي غسل ڏيڻ روا ناهي!" نوجوان سڀ اٿي کڙا ٿيا. چي، "ڪافر تون آهين. غسل تو کي نہ ايندو!" وڏيرڪي پئنچات پٽن جي ماڙيءَ وانگر ڊهي، وڃي پٽ پيئي.

رئيس ٻاهہ ٻاري ڏني. اناج کڄي ويا. گهر سڙي ويا. کيت اجاڙ ٿي ويا. مائون ۽ ٿيندڙ مائرون ٽڏيءَ ڇانو مان ڪڍي، لُڪ ۽ لوءَ جي حوالي ڪيون ويون. بس ائين ئي "نظام حيات" کي اکوڙيندڙ پنهنجي اکوڙڻ جو سامان پيدا ڪيو. انڊا ڏنڊ. تڪڙو تڪڙو- وڏي ٻي چيني‌ءَ سان. پوڙهن پِشُوءَ کي ناهہ لاءِ سمجهايو. پِشُو خفي ٿي، ٻئي هٿ ڪٽي کوليا. چي، "اجا بہ ٿا چئو تہ رئيس چڱو مڙس آهي؟ ڪنهن سان ناهہ ڪجي! ڇا تي ناهہ ڪجي!"

پِشُوءَ حڪومت جو سهارو وٺڻ چاهيو. سوچيائين تہ ڪا انڌير نگري تہ ڪانهي! نيٺ بہ تہ ملڪ ۾ قانون آهي. ڪيس اميد جو ڪرڻو نظر آيو. هن شهر وڃڻ جي پڪ ڪئي.

پِشُو پهريائين سڌو لالي محمد دين وٽ ويو. هُو حاجي هو ۽ حافظ هو. ڳوٺ وارن کان پيشگيءَ تي اناج ۽ مکڻ وٺندو هو. پِشُو کانئس قرض گهريو پر لالو صفا چڙي ويو. چي، ”اوهين لاهي پائي بي حياءَ تي بيٺا آهيو. نـ ننڍ وڏائيءَ جو ادب، نـ چڱي مڙس جو لحاظ. رڳو ڏنڊي جي زور تي ليڪو لنگهي ويا آهيو. ڪير اوهان چورن ڏاڙيلن کي پئسو ڏيندو!“ پِشُوءَ جا تاڪ لڳي ويا. اندر ئي سڙي ويس. ڏند ڪرٽي، لوڙهـ ڪٽي اپي ڪيائين. چيائين تـ ”چورا ڏاڙيل! بي حياءَ، تون جڏهن هتي آيو هئين تڏهن تو وٽ ڇا هو؟ “ لالو ڏڪڻ لڳو. جهٽ ڏهين ڏهين جا ٻـ نوٽ ڪڍي ڪٽي پِشُوءَ جي هٿ ۾ ڏنائين. پِشُوءَ نوٽن کي مروڙي سروڙي ڪٽي لالي جي منهن ۾ هنيو ۽ پويان پير ڪيائين. سوچيائين تـ هن ڪم ۾ پئسا پنهنجن کان ئي وٺبا، نـ ٻين کان. هڪدم ٻـ چار رڏون ڪاهي شهر روانو ٿيو.

پِشُو اتي پهتو جتي گند جا ڍير، ڪارخانا ۽ دونهان، شور ۽ غل لڳو پيو هو. گهٽيون ۽ رستا ايترا، جو پتو ئي نـ پوي تـ ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا. نـ وري ڪو پورو ڏس ئي ڏئي. هر ڪو پنهنجي شخصيت ۾ ئي وچڙيو پيو هو. سيڪو وٽ پڪڙ ۽ ڀيچ ڀڇان ۾ پورو. ائين ٿي ڏٺو تـ ڪنهن وڏي مڪار ۽ چالاڪ ڪيڏاريءَ ڪنهن خاص ۽ ناپاڪ مطلب ڪاڻ، هن سڄي شهر کي، انجڻ وانگر ٿي هلايو جنهن انجڻ جا پرزا ۽ ڪلون، هي موڳا ۽ بي جان ماڻهو هئا. انجڻ جي رٿ ۽ ڪٽ ڪٽ ۾ قري، جڏهن هي انساني نٽ ۽ بولٽ طاقت ڇڏي، ڳرگهلا ٿي پئي ويا، تـ مشين جي تيز رفتارمان ٽٽي، زور سان وڃي ٿي پٽ تي ڦهڪو ڪيائون. جتي ڇِٻا ٿي ڪٿجي ڪنا ٿي پئي ويا ... پِشُو اچي هڪ نامرڪنئي ليڊر وٽ نڪتو. ڪاڏيءَ جا ڪپڙا، ڪاڏيءَ جي صدري، ڪاري عينڪ ۽ لڪڻ هٿ ۾، فرينچ ڪٽ ڏاڙهي، ڇڻ تـ سرٽيفڪٽ تي مهر. مٿان ڪڇ ۾ ٿيلهو، ڇڻ منڊيءَ تي ٽڪ. ڪمرو سهڻو سينگاريل ۽ درتي ٽانگو هڪيو حاضر. پِشُوءَ ڀانيو ڪنهن غلط هنڌ اچي نڪتو آهيان. اجا اڳيرو وڌيو تـ ليڊر صاحب واڪو ڪري کيس ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو. نيٺ کيس اندر گهرايائين. حال احوال وٺي، کيس لمبو ليڪچر ڏنائين. چي، ”ميمبر ٿيو. شاخ قائم ڪيو. چندو گڏ ڪيو. ننڍن ڪاتيدارن سان نهي هلو. ڏسو نـ، اوهين سچا آهيو اڻ ڄاڻ آهيو بڪيا آهيو بي وس آهيو.. “ ۽ الائي ڇا ڇا چئي ويو. پِشُو ڪجهـ نـ سمجهي سگهيو. نيٺ ليڊر صاحب کيس دلداري ڏيئي، ٻاهر ترسايو. چي، ”درخواست لکائي وٺ. مڙيئي چڱي ٿيندي!“ پِشُو اچا ٻاهر ئي وينو هو تـ رئيس گل خان اچي نڪاءُ ڪيو. بنا هٽڪ سڌو اندر هليو ويو. ليڊر صاحب کيس ڪلي کيڪر ڪئي. ياراڻا ٺهڪ ڏنائون. رئيس سئو روپيہ چندو ڏنو جو ليڊر صاحب جي صدريءَ ۾ غائب ٿي ويو. پِشُو ست ڏيئي اٿيو ڏند ئي پيڪوڙجي ويس. چيائين، ”ياڙي! سچوا بڪيوا بي ايمان! “

پِشُو هڪ وڪيل وٽ ويو. وڪيل صاحب ننڍو نينٽو جوانڙو هو. پئي مشڪيو. چي، ”يار اسين تـ پيٽ جا پوڄاري آهيون. اميرن مان ٽڪا ڪونـ وٺينداسون. اڻ پڙهيل ۽ اڀوجهـ ئي اسان جو شڪار

آهن. هي گلم ۽ غاليچا سڀ نگيءَ جو ناهه اٿئي. ملڪ جي قائدي موجب تنهنجي ڪابه مدد ڪانه ٿي سگهندي. ڦي ڏين تہ ڪوڙو ڪيس ناهي ڏيانءِ. پوءِ ڪٽي تنهنجي قسمت. اوهان جي مصيبت، اسان جي ڪمائي. ٻي مدد مون وٽ ڪانه اٿئي. نڪو مان واندو آهيان!“ ڪيڏي نہ مڪاري هئي هن جي صاف گوئيءَ ۾! خود فريبيءَ جي انتها! جهل جو چيهہ! پِشُو چپ چاپ اٿي ڪڙو ٿيو.

ٻي دليو ڊيڪندو، رڙهندو اچي هڪ ٻئي وڪيل وٽ نڪتو. وڪيل صاحب اڌيڙ عمر جو هو. سندس ڪٻٽن ۾ قانون جي ڪتابن کان وڌيڪ مارڪس ۽ لينن جا ڪتاب هئا، فلسفي ۽ ادب جي ڪتابن جي ڍير. هن جا پرون البت مٿيرو چڪيل هئا. سندس نرڙ ۾ هر هر گهنج پئي پيا. سندس مٿو اڌ تائين گنجو هو. هو سنهو سڪڙو هو.

ڳالهايائين ٿي، تہ نظرون هيٺ تي ڪيائين. هر هر هٿ پئي مهٽائين. اندر جي اڻ تڻ ماس ئي ڪوري ويئي هيس. سندس ٿڪل ۽ گهنجيل اکيون نااميديءَ، بيوسيءَ ۽ موجهاري جا دٻا هئا. پِشُوءَ جي ڳالهہ ٻڌي، جڻ تہ خفي ٿي ويو. ڏگهيون سنهيون ٻانهون ڪري ميز تي رکيائين. ٻنهي هٿن ڪي موڙي، واڇن کي هيٺ پرو ڊيڪائي، ڪٽي سوال ڪيائين. ”پوءِ چا ڪجي؟“ گهڙي ڪن وات ڪليل ئي ڇڏي ڏنائين. ” پوءِ گهٽو ئي ڪجهہ چئي ويو. چي، ” اوهين اڻ پڙهيل آهيو. اڻ ڄاڻ آهيو. ڪجهہ نٿا ڪيو. پڙهڻ کان سواءِ چا ٿيندو؟ اوهين ناسمجهہ آهيو. اوهان تي ظلم ٿيندو رهندو. امير جو غريب تي، ڏاڍي جو هيڻي تي. هيءُ قاعدو آهي. اوهين مظلوم آهيو چريا آهيو هيڻا آهيو ...“ پِشُو ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو. سندس اکين ۾ شرارت پرجي آئي. ٻئي ترپون ميز تي ڪوڙي، ديو وانگر وڪيل صاحب جي مٿان ٿي بيٺو. وڪيل صاحب هيسجي ڪرسيءَ ۾ جهڪي ويو. اکيون مچڪائي پِشُوءَ ڏانهن ڏنائين. پِشُو ساٽس اکيون ملائي چيو تہ، ” چريو آهين تون! هيڻو آهين تون! ظلم آهي توسان! “ اديب صاحب جي نوڙهہ ۾ جڻ تہ ڪنهن متر ڪا هٽي ڪڍيا، هڪ... ٻہ... ٽي. هُو ڪرسيءَ ۾ ڊيڪندو ويو. ڪنڌ لوڏي لوڏي ڪتابن ڪي ڏنائين. ڏانديءَ جهڙين رڳن ۽ سڄيل ٻانهن ڏانهن ڏنائين، جڻ تہ خاطري ٿي ڪيائين. پوءِ اچا بہ ڪرسيءَ ۾ جُهڪي ويو.

پِشُوءَ کي ڏاڍي ٻچان آئي. هيانوَ تي تور ٿي پيس، جڻ تہ الٽي پئي آيس. گهڙيءَ ڪن لاءِ دل شڪستو ٿي پيو. خيال ڪيائين تہ هيءُ ليڊر، وڪيل ۽ آفيسر سڀ رئيس سان مليل آهن. دانهن ڪنهن کي ڏبي ؟ سوچيائين تہ، ” ٻين تي ٻاڙي اسين تہ پاڻ تي ظلم پيا ڪيون. ظالم اسين پاڻ آهيون ...“ پِشُو اهو سوچي ڏاڍو خوش ٿيو. جڻ تہ ڪو سچو هيرو لڌو هئائين. سندس دماغ تڪڙو تڪڙو ڪم ڪرڻ لڳو. ” هي رئيس ۽ ليڊر تہ رحم جوڳا آهن. پنهنجي ڪڏ پاڻ پيا کوٽين.“ پِشُو سوچيندي، سوچيندي، شهر جي ٻاهرئين حصي ۾ اچي نڪتو، جتي رڳو ڪارخانا هئا. هن شور ٻڌو، ڏنائين تہ هزارين غريب اٿي ڪڙا ٿيا هئا، سندس هٿن ۾ جهنڊا هئا، متر ڪا هئا ۽ پانا. هُو نعرا هڻي رهيا هئا.

سندس اڳواڻ هڪ ٽگڙيل پوش هو. هُو بلند آواز سان چئي رهيو هو ” هنن ڳلن جو ساهه اسين آهيون، هنن ڪارخانن جو روح اسين آهيون، اسان جو ڳگهر موتي ٿو ناهي. اسان جو پورهيو املهه جنس آهي. موڙي آهي، سرمايو آهي. اسان جي ڳڏيل طاقت اڻ کٽ آهي، جا ڪِن ڪچري ۽ اڻ پوريءَ ورهاست کي لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏيندي ... !“

پِشُوءَ جي ڇاتي ڦوڪجي ويئي. سندس نسون ڦنڊجي ويون. سندس اکيون چمڪڻ لڳيون. ڄڻ ته ڪو نئون ٽڏو نوراني ڪرڙو سندس بدن ۾ پيهندو جذب ٿيندو ويو. پِشُو اتي ڏينهن جا ڏينهن رهي پيو. نين اميدن ۽ نون امنگن سان ٽمٽار ٿي، هو ڳوٺ ڏانهن واپس وريو.

پوبون سچ پٽرن، ڪيتن ۽ ڳوٺن کي ڳاڙهو ڪري رهيو هو. پِشُو هڪ چپ تي چڙهي بيٺو. ڳوٺاڻن جا ڊنب سندس چوگرد بيٺا هئا. پِشُوءَ جو وار وار ڪڙو هو. چوڏاري ڦري ڏٺائين. سندس هٿ ۾ لٺ هئي. وٺي جو ان زور ڏٺائين، ته اڌ مان ڀڃي پيئي. ڄڻ ته اڏوهي کاڌل پراڻو نظام ٽڙڪو ڏيئي ٽٽي پيو. پِشُوءَ ٻئي منيون مٺي ڪنيون، ” ڇا اوهين هيٺا آهيو ڇريا آهيو ٻکيا آهيو بيڪار آهيو؟ ياد رکو اوهين انسان آهيو! اوهان درياهه موڙي ڇڏيا. اوهان ٽَڪر ٽاڪي ڇڏيا. اوهان پٽرن مان ان پيدا ڪيو. اوهان ٺوٺ زمين کي اکيڙي، ڪانئس زوريءَ گل ۽ ٻوٽا ڇٽايا. اوهان جبلن جي پيٽ مان پاڻي ڊوهي ڪڍيو. اوهان جنهن تي وار ڪيو تنهن ڪنڌ نوايو. فرشتن اوهان کي سجدو ڪيو. قدرت اوهان جي ٻانهي آهي. اوهان پورهيت آهيو پيدا ڪندڙ آهيو. پورهيو بادشاهه آهي. اٿو ته اسين واڳون وٺون. اُٿو ته وڻ ورڇ ڪريون. اچو ته سيني کي خوشحال ڪريون، اچو ته نار ۽ ٽڏڪار ڪريون، اچو ته اَن ۽ ميوي جا انبار لڳايون، اچو ته مائرن ۽ ٻچن کي بي اونو ڪريون. اچو ته انسانيت جي واڏاري جي ڏگ کي صاف ڪيون، ڪنڊا ۽ ڪرڙ پٽي اڇلايون. اسان جي آڏو ڪو نه ايندو. جيڪو ايندو ڪک پن ٿي ويندو. لڙهي ويندو. اسين ڪڏهن نه هٽنداسون. اسين ڪڏهن نه مرنداسون. چو ته اسين ماڻهو آهيون، پورهيت آهيون! “

ڳوٺاڻن ۾ سيءُ پئجي ويو. سندن رت ۾ وِلولو هو. پِشُوءَ جو هڪ هڪ جملو سندن بدن ۾ نئين نئين خون جي پچڪاري هڻي رهيو هو. ڪيترائي اڙٻنگ جوان اچي پِشُوءَ جا ٻانهن ٻيلي ٿيا. پِشُوءَ جي آڏو راهون کلي پيون. هيءَ نئين چٽنگ واچوڙي وانگر وچڙندي وئي. جابلو جوانن جا جٿا پِشُوءَ سان ملندا ويا. غارن ۽ چرن ۾ هٿيارن جي جهنڪار لڳي ويئي.

هڪ اونداهيءَ رات جو ڊگهي ۽ ور وڪڙ غار ۾ ساٿين صلاحون ڪيون. منجهائن هڪ الڙ جوان هو جنهن کي مس مڇن جي ساول ۽ ڏاڙهيءَ جي ريهه لٿي هئي. سندس هٿ ۾ ڳراٺ ڦر واري چمڪندڙ ڪهاڙي هئي. ڪنڌ هيٺ ڪيو هڪ ڀتيءَ ڪانيءَ جون ڇيتيون پئي لاٿائين. ٽيڏيءَ اک سان نهاري چيائين ته ”دير ڇاجي آهي؟ رئيس جي سسي...! “ ائين چئي ڪاني ڪپي ٻه اڌ ڪيائين.

چي، ” گھر ۾ گدام رڳو هڪ تيليءَ جو ڪاج آهن.“ سيني وٺي واهه واهه ڪئي. پِشُوءَ جي نرالي طبعيت ڪي اها ڳالهه اصل نه وڻي. چهڙ ڏيئي سيني کي چپ ڪرايائين. ڪڙڪو ڪري چيائين ته ، ”چا اسين ٻه رئيس آهيون، جو ڪيت ساڙيون ۽ ماڻهو ماريون؟ اسين نه خوني آهيون، نه ڏاڙيل آهيون. چو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻون؟“

پِشُو آرام سان ماڻهو گڏ ڪندو رهيو ۽ طاقت وٺندو رهيو. کين سمجهائيندو ۽ سيکاريندو رهيو. جدا جدا ماڻرين جا جوان پِشُوءَ وٽ ايندا رهيا ۽ نوان امنگ ۽ نوان خيال کڻي پکڙندا رهيا.

گلناز پانيو ته پِشُو بس سندس ئي پوڄا ڪندو. پر ويچاري تڙپندي رهي. ڏينهن جو اميد ۽ رات جو انتظار. هن پِشُوءَ تي حق ٿي پانيو. هن ئي ته پِشُوءَ جي ٺوٺ دل ۾ پيار پيدا ڪيو هو! هن نئي چاتو ته اهو پيار وڏي هڪ چشمو ٻڻجي چڪو هو جنهن مان ڪيترن ئي اجڙيل غنچن سرڪيون ٿي پريون. ويچاري نياپا موڪلي موڪلي ٿڪجي پيئي. پِشُوءَ نه اچڻو هو سو نه آيو. ڪيس پِشُوءَ جا اکر ياد پيا. ” نازو اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون!“ اهي اکر سندس ڪنن ۾ وڄڻ لڳا، ” نازو اڄ ته دنيا کي پيار ڪرڻ سيکاريون! نازو بيتاب ٿي، اٿي. واقعي ضرورت هئي دنيا کي پيار سيکارڻ جي! هوءَ وڃي پِشُوءَ ۽ سندس ساٿين سان ملي.

پِشُو ۽ نازو، عورتون ۽ مرد، اتساهه ۽ امنگ سان، ماڻرين ۽ گهرن کي گلزار ڪرڻ لڳا. گڏجي اپائڻ لڳا ۽ گڏجي کپائڻ لڳا. وڏيرپ ۽ وڏائي واءُ ٿي ويئي. پورهيتن جي پئنچات اڳتي وڌڻ لڳي. پئنچاتي دڪان ۽ پئنچاتي اسڪول کلي ويا. ڪٻتي ۽ ڪشتي، ملهه ۽ ونجهوٽيءَ جا مقابلا ٿيڻ لڳا. سندن چهرا چمڪڻ لڳا ٻارڙا کلڻ ۽ ڪيڏڻ لڳا. سادن سودن ماڻهن جي هڪ سادي سودي اڏاوت کڙي ٿي ويئي. پورهيتن وڏي اتساهه سان هيءَ اڏاوت جوڙي هئي، جنهن ۾ ٽڏيون هيرون ٿي لڳيون ۽ ڪنڊون ۽ ڪير ٿي ورهايا. هنن پنهنجن شخصي نفعن کي ڪٽي، ڏمڪ هڻي، هن اڏاوت جي پيڙهه کي پڪو ۽ پختو ڪيو هو. ان جو گارو، پگهر ۽ پيار سان ناهيو هو. انساني محبت ۽ ٻَڏيءَ جي هن سادي ۽ سهڻي ڪوٽ سان رئيسن گهٽا ٽڪر هنيا. پر ڳوناٽا پنهنجي هن تخليق جي بچاءَ ۾ سر ڏيڻ لاءِ تيار هئا. سچ ته تخليق مئي ته خالق مئو. نقش مُئو ته نقاش جي چا ڪندو؟ گهر ڊٺو ته سرون ۽ سروٽا ڪيئن رهندا. رهي چا ڪندا.

حيوانيت ڦٽڪڻ ۽ چڙبون هڻڻ لڳي. وڏيرن ۽ وياج خورن، نانگن ۽ سانڊن وانگر ڳوناٽن جي ٻڌل ڪوٽ ۾ ڏرڙ ۽ ڪوڙا ڪوٺڻ گهريا. پر پِشُو ۽ پئنچات سندن ڏند ٽوڙي چڏيا ۽ چنبا پچي وڌا. پلا ڪير پنهنجي بهشت مان نڪري پرائي دوزخ ۾ ويندو! رئيسن هٿ پير هلائي چيهه ڪيو ۽ نيٺ وڃي شهرن ۾ پناهه ورتائون. پِشُوءَ جي طاقت ويئي وڌندي ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ ويا سندس پيار پرئي پيغام جي

لپيٽ ۾ ايندا. ماٿريون سبز ۽ ساوڪون ٿي وينديون. اناج ۽ ميوا جام ٿي ويا. پيار ۽ امن جون هيرون ٿي لڳيون. انسانيت ٽڙندي رهي.

اخبارن وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. ماڻهن ’جابلو شينهن‘ جا ڪارناما وڏي دلچسپيءَ سان پڙهيا. اديب ۽ عوامي ليڊر ڪيس هيرو سڏڻ لڳا. رئيسن، سيٺين ۽ سندن حڪومتي ٻالڪن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو. چي، ”پِشُو باغي آهي، چور آهي، ڌاڙيل آهي، ڪافر آهي!“ رياست جو جاسوسي ڪاتو وٺ پڪڙ ۾ لڳي ويو. اڻين اچي مڙيا، جيئن مکيون ڍونڊ تي. نوس نوس شروع ٿي ويئي. هر خوشبوءَ کي خطرناڪ سڏيو ويو. ڪوڙيون رپورٽون موڪليون ويون. ويچارا رڳيو روز ڪٽندڙ سپاهي پلا چا ٿي ڪري سگهيا. چا ٿي ڏسي سگهيا. ڪاغذي رپورٽن جي ڍِڳين مان هڪ وڏي خيالي بدبدو ناهي، منهن بنائي، فوجي ڪارروائيءَ جو حڪم ڪيو ويو. مڪار ۽ ڪانئر نوابن پيار ۽ محبت جي ڪوٽ کي ڪيرڻ لاءِ ٻائرن کي ٻائرن سان ويڙهايو. پنهنجا پنهنجن سان ٽڪريا. وطن جا فوجي ٻائر هڪ هم وطن ڳوناٽي تي پلتجي پيا. بي ضمير اخبارن وري بہ وڏيون سرخيون ڏنيون ۽ فوجي ڪارنامن جي ساراهہ ڪئي.

پِشُو بي خبر نہ هو. هن ڪيت ۽ گهر ساڙائڻ نتي گهريا. هو ڪيتن جو ۽ ڦلن جو مائرن جو ۽ سندن ٻچن جو رکپال هو. هن ڳوٺ وچي مٿي لاهن تي ٻڌايا ۽ پوءِ پنهنجا ساٿي وٺي اڳيرو وڃي لڪ جهلي بيٺو. رات جو وڳڙو ڪاري ٻاٿ اونداهہ، ٻهاڙ ۽ ٻهڻ، پِشُو ۽ ڳوناٽا، صدين جا ساٿي ۽ پراڻا حال پائي، هڪ ٻئي جو ڏڍ ۽ اجهو ٿي هڪ ئي دشمن جي مقابلي لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. جبلن ۽ ماٿرين جا اپايل جوان، رائيفلون ڪٽي پهڻن کي ڍال بنائي ڇپي ويهي رهيا.

آڌيءَ رات جو رياستي فوج اچي لانگهائو ٿي. جابلو جوانن ڌوڙيو لائي ڏنو. انسانيت ۽ حيوانيت جو ٽڪر ٽيڙو هو سو ٿي ويو. صدين جا خشڪ پٿر رنڱجي لعل ٿي ويا. فوج ۾ ٻاڪر ڪٽو پئجي ويو. هو ٻِڱڙن وانگر پُڄڻ لڳا. انسانيت اڏول، بلند ۽ مٿاهين رهي. خريد ڪيل جسم، جسم جي ئي بچاءَ ۾ محو رهيا. لڪي ڇپي، پهڻن کي آڏ بنائي، سر جو سانگو رکي جوابي حملو ڪري ڏنائون. ڇتي ويڙهہ ڇڙي ويئي. فوجي بم پٿرن کي پٽون ڪري رهيا هئا. گولين جي بوڇاڙ ۾ دونهين جا ڪڪر هئا.

ڳوناٽي نازو ڀاڻيءَ جي ڪلي ۽ بارود جو ٿيلهو ڪنيو. پٿرن ۽ پهڻن تي ڊوڙندي ٿي رهي. هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، هر هر ڦري پِشُوءَ وٽ ٿي آئي ۽ وري ڪنهن زخميل جي دانهن تي پڳي ٿي ويئي. گولين جي مينهن ۾ سندس همت ۽ همدردي، سادگي ۽ سونهن، پيار ۽ فرض، ڪنوڻ وانگر تجلا ڏيئي رهيا هئا.

گهمسان جي لڙائي هلي رهي هئي. پوپون ڦهر ٿي چڪو هو. پورهيت پورهيتن سان وڙهي رهيا هئا. مزورن جو ناهيل بارود مزورن کي ساڙي رهيو هو. سندن مشترڪ دشمن، ڪارو ۽ ڪوجهو وڏين ڏائن وارو شيطان مثل، دونهي جي ڪڪرن ۾، ڪڳيون هٽي رهيو هو. نٽي جاتائين تہ ڪارائيندڙ ۽ ڍڪائيندڙ هٿ کي، نانگ وانگر ڏنگي رهيو هو.

پِشُوءَ پنهنجو بارود خلاص ٿيندو ڏٺو. هن پنهنجا مُٺ جيترا ماڻهو مرندا ڏٺا. ڪيس ڪيت بچائڻا هئا. مائرون ۽ آئندي جون اميدون بچائڻيون هيون. انسانيت جو جهنڊو اوچو رکڻو هو. نئون نياپو ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻو هو. انسانيت جا پيغمبر سلامت رکڻا هئا ۽ جنگ جاري رکڻي هئي. سڀ ڳالهيون ڳڻي، هن هٿڻ جو حڪم ڏنو. رڳو ٿورڙا ساٿي پري پري ڪري بيهاريائين، جي رائفلون ڇوڙيندا رهيا. جيئن دشمن دوکي ۾ رهي. ٻيا ساٿي، خاموشيءَ سان زخمين کي کڻندا، غارن ۽ چُرن ڏانهن روانا ٿي ويا. هاڻي اٺ نو جانباز وڃي بچيا. پِشُو اشارن سان هڪ هڪ کي واپس موڪليندو رهيو. نيٺ وڃي ٽي ڄڻا رهيا. پِشُو نازو ۽ سندن هڪ ويجهو دوست شيرل. ٽيئي ساٿي لاڳيتو جدا جدا هنڌن تان گوليون ڇوڙيندا رهيا. رات، دونهون ۽ بارود جي باهہ! ٺڪ، زخم ۽ اُڃ! پِشُو نازو ۽ شيرل وڙهندا رهيا ۽ هٽندا رهيا. اوچتو بارود ڦاٽو. چمڪات ٿيو ۽ پِشُو بولاٽي کائي ڪريو. نازو ۽ شيرل ڀڄندا ويا. سندن گوليون ڇُٽڻ بند ٿي ويون. فوجي سپاهي زور ۽ شور سان وڌڻ لڳا. پِشُوءَ جي زخمن مان رت ٽيندڙيون ڪري وهڻ لڳو. نازو وائڙن وانگر هيڏي هوڏي ڏسڻ لڳي. آڱرين سان وهندڙ رت کي روڪڻ لڳي. وقت تيزيءَ سان سُسي رهيو هو. پِشُو ٽيڪون ڏيئي اٿي وينو. هن آخرين نياپو ڏنو. چي، ”جنگ جاري رکجو ڪارخاني وارن سان ضرور ملجو. فوجن ۾ پنهنجو پيغام موڪلجو!“ فوجي سپاهي مٿي چڙهي رهيا هئا. باهہ جو درياهہ وهي رهيو هو. پِشُوءَ نستن هٿن سان بندوق کڻي پٿر جي ٽيڪ تي رکي. هو مشڪيو. چي، ”نازو تون وڃ!“ نازوءَ جي زبان بند ۽ نڙي خشڪ هئي. سندس اکيون ڦاٽل ۽ چپ ٿورا کيل هئا. هوءَ پئي سهڪي. ڪنڌ سان تڪڙو تڪڙو نه، نہ ڪيائين. پِشُوءَ رائفل کڻي نڪاءُ ڪيو. چي، ”مان بہ اچان ٿو!“ هو وري مشڪيو ۽ شيرل کي آڱر سان اشارو ڪيائين. شيرل، نازوءَ کي ڪرائيءَ کان جهلي، مٿي جبلن جي چوٽيءَ ڏانهن ڀڳو. پِشُوءَ جي روح کي جهٻي اچي وئي. پانيائين تہ سڌ ڪري نازوءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاري. نازو پٿرن تي گهلبي ۽ رهڙبي ويئي. سندس ڪنڌ پنتي هو ۽ اکيون پِشُوءَ ۾ هيون. وڃي چوٽيءَ تي پهتا. پِشُو پهڻ جي اوٽ ۾ گولي ڇوڙي رهيو هو. فوج ڪيس وڪوڙي ويئي هئي. سپاهي مٿس چڙهي ويا. نازوءَ هنيانءُ ڦاڙي دانهن ڪئي . . . . پِشُوا! . . . . جڻ تہ آسمان ڏري پيو. جبل ڦاٽي پيا ۽ مائرن ڪيهون ڪيون. نازو ست ڏيئي پوئتي پئجي. پر شيرل جو مڙداڻو هٿ ڪيس جبل جي ٻئي پاسي گهلي ويو. ڪنهن اونهي کوهہ ۾ پِشُوءَ کان ڏار، اوندهہ ۽ انڌڪار ۾. پٿرن ۽ پهڻن، گلن ۽ ٻوٽن، مائرن ۽ ٻچن هڪ گنڀير ۽ خاموش ماتم ڪيو. سون پگهرندو رهيو ۽ مَٺُ اپامندو رهيو. فوج دمبهو هنيو. يا علي! زخميل پِشُوءَ کي ڪنداڦن سان ڪُٽيو ويو. گهٽيل ۽ ٻوساٽيل پِشُوءَ پنهنجي آخرين چال ڪيڏي. چي، ”منهنجا سڀ ساٿي مارجي ويا!“ فوج پنهنجي فتح تي ناز ڪندي، دڦ وڄائيندي، پِشُوءَ کي گرفتار ڪري موٽڻ لڳي. وڏا وڏا ڀيانڪ پربت هزارن ۽ ڪروڙن سالن جي باهہ ۽ ٻاڦ کي وڏيڪ سانڍي نہ سگهيا. ڏند ڪرٽي اکيون ڦوٽاري فوجي دڦ ۽ دمبهي جي هر هڪ آواز جو

جواب وڏي سڏ، زور زور سان چار چار، پنج پنج دفعا ڏيڻ لڳا. غوغاءُ مچائي ڏنائون. سندن گجگوڙ ماڻرين ۽ غارن ۾ ڳوٺن ۽ بستين ۾ زلزلا پيدا ڪري وڌا.

رياستي فوج زلزلن کان بي خبر، ٿاڻن ڦونڊ ۾ پرجي، وڏي ٺاٺ ۽ اڊمبر سان اچي شهر پهتي. اخبارن وري به وڏيون وڏيون سرخيون ڏنيون. فوج ۾ انعام ورهايا. پِشُوءَ جي جسم کي قابو ڪري، ڄاتو ٿي ويو ته سندس لڳايل چٽنگ اجهامي ويندي. پر اها ته لباڙ هئي، لاف هئي، خود فريبي هئي. چريائي هئي. بس ڪرڪٽي ٽيل سماج جي ڏڏندڙ ٽوٽيءَ کي چار ڏينهن جيئندان مليو. اڄ نه ڪِري سڀان ڪِري!

پِشُوءَ کي ڦاسائڻ لاءِ خاص جج ۽ آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪيني جو ناٽڪ هلي پورو ٿيو. ڪارن جبن وارن پنهنجون تقريرون ڪيون. جج صاحب وڏي ڪرسيءَ ۾ ڪٺڙي جي پنيان وڏين ڊگهين پٽين جي وچ ۾ وينو هو. سندس چوڌاري ڪتابن جون ٿهيون هيون. چوبدار سندس مٿان بيٺو هو. هو اکيون مچائيندو رهيو. هن گهوريندڙ ڪتابن ڏانهن ڏٺو، ڪارن جبن وارن ڏانهن ڏٺو، پوليس ڏانهن ڏٺو ۽ ڪورٽ جي ڊگهن وڏن ساڳ جي درن ڏانهن ڏٺو، هن مجرم وانگر اکيون جهڪايون ۽ فتوا ڏني.

”تون ڏوهي آهين. توکي ڦاسي ڏني ويندي!“

پِشُو ذرو به نه لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اٿي بيهي رهيو. ڏاڍي ٺڏائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين ته ”ڏوهي تون آهين، ڦاسي توکي ايندي، مان ڪڏهين نه مرندس!“

ٻاهران وڏي زور سان نعرو لڳو، ” پِشُو پاشا زنده باد!“ عدالت عاليه جو لوهي جهنگلو ڄڻ ته ٽڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ نڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڄي مٽيءَ ۾ ملي ويا. انساني جوش جو اٻرندڙ سمنڊ وڏا ڪر کڻي، ٽڪر هڻندو، عدالت عاليه جي ڪنڌرن مٿان ورائجي ويو.

ڦاسي گهاٽ مان سوين ۽ هزارين پِشُو اڏامندا نظر آيا. سندن سر ترىءَ تي هئا. سندن ڪپڙا رڱجي لعل ٿي ويا هئا. ويا گڏ ٿيندا. ڪارخانن ۾، فوجن ۾، کيتن ۽ جبلن جي ماڻرين ۾ ۽ غارن ۾. سندن هٿيارن جي جهڻڪار ۽ نازوءَ جا الاپ هوائن ۾ واچوڙا پيدا ڪري رهيا هئا. تکا ۽ تيز واچوڙا ، جن هر ٻُٽيءَ اڏاوت کي اکوڙي ٿي وڌو، وڏا ۽ اوچا واچوڙا، جن زمين جي ذرن کي آسمانن تائين پهچايو.

# پاشا

روز صبح سان گُگهوءَ جو ٻُوائتو آواز لهرون هڻندو رانيات ڪندو. مزورن جي بستيءَ تي چانئجي ويندو هو. گرِي ۽ تيل هاڻي فضا کي جڙ تہ وکوڙي ڪٽي مٿ ۾ ڪندو هو. سڄو ڏينهن هڏ هڻي، مزور بہ گودڙين ۾ اونڌا ابتا ٿيو ڪنڌن ۾ ڪِريا پيا هوندا هئا. ننڊ ئي تہ سندن ٿڪل لڱن جي خوراڪ هئي! گُگهوءَ جو بي وقتو ۽ بي هودو حڪم کين اڌ ننڊ مان اٿاريندو هو. اکيون مهٽيندا، ٽيڙ ڪائيندا، ڦيريون پائيندا اٿندا هئا. بس جڙ تہ ڪُتا ٻِرن مان نڪتا. اوندهہ، پوسلو ۽ ٽڏ_ ڪُرڪندا، گاريون ڏيندا، رئي اڏائيندا، گهٽيءَ مان گڙڪندا ايندا هئا. پيا هڪ ٻئي جي مٿان ڌڪندا ۽ ٿاٻڙندا هئا. ڪارخاني جون بي خوف ٽِتيون لاپرواهيءَ سان جبل ٻٽيون بيٺيون هونديون هيون. مزور ويندا هئا گڏ ٿيندا. گپ سندن پيرن هيٺيان پئي چڪ چِڪ ڪندي هئي. گوڙ ۽ شور ويندو هو وڌندو. ڦِٽ لعنت ۽ گارين جو ڌوڙيو لڳايو بيٺا هوندا هئا. لوهي پرزن جي کٽ کٽ ۽ ٻاڦ جو ڦرڙاٽ ويندو هو زور وٺندو. دونهي جا ڪڪر اٿندا وڌندا، ديو وانگر سڄي ڳوٺ تي چانئجي ويندا هئا.

پاشا بہ اتي ئي رهندو هو. سندس سڄو بدن شوخ گُهنڊيدار وارن سان ڀريو پيو هوندو هو. سندس ٿلهن وڏن پرن هيٺيان ننڍڙيون اکيون پيون چمڪنديون هيون. هن جي شڪي نگاهن مان نفرت پئي اُڇلون ڏيندي هئي. اکيون اهڙيون تيز جو جڙ تہ ڪِرڻا پيا نڪرندا هئس. ڪاڏِي ۽ چَپ مٿي ڪري، ٻوٿ ٻچڙو ٻڻائي، حقارت مان ٿُڪ ڪٽي اڇليندو هو ۽ چوندو "ڪُتي جو ڦرا!"

هُو رانوڙ لڳو پيو هو. ٽنگون جڙ تہ ٿنڀا، ٻانهون وڏيون ۽ وار ٿلها. ڪاريگر بہ واهہ جو هو. سڄو ڏينهن پيو وهندو. شوخ ۽ ڪَڙڪ. سيني کان ڏاڍو هو. مالڪن کي بہ ڪُتيون ٻڌائيندو هو. ڊِٺ هڻندو تہ ڪم کان جواب! پيسي جي وٽس جهٽ ٻاڙائي ٿيو وڃي. پوءِ خار ۾ هٿ پيو مهٽيندو ۽ پيو هيٺ مٿي ٿيندو.

ڪنهن کي ڪو نہ وڻندو هو. سڀ ڪائنس چرڪندا هئا، جي ڪٽي ڪو خار باز جوان سامهون ٿيس، تہ عمر لاءِ سبق سکي ويندو هو. موڪلن ۾ تہ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن سان وڙهي ويهندو. هڻي هڏ گڏ پچي رکندس. ٻَڌي ڪري، تولا ناهي ساڻس وڙهندا هئا. پاشا کي بہ جيڪي ست ۾ آيو. ڪٽي بيهي رهندو. وڏو شاهي پٿر يا لوهو ڏنڊو مٿي ڪري، ٽنگون ڦاڙي، اُيو تي بيهي رهندو. وارن سان سَٽيل، مروٽيل سروٽيل ٻانهون، ٿلهي ٻي ڊولي ڏاڙهي، وڏو اُيو منهن. ڊِگي وانگر ويڙهہ لاءِ هر وقت تيار، ڦوڪون پيو ڏيندو. ڳِڦ پيئي وهنديس. نظر اهڙي تيز جڙ تہ ڪو جهنگلي جانور چِتو ٿيو ڪاٽڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. اوچتو وني رانيات ڪندو ٿُڪ اڇليندو ۽ چوندو "ڪُتي جا ڦرا!" سندس

وڏا ٻيلا ڏند ڪڙڪندا، ڏاڙهيءَ مان ظاهر ٿي پوندا هئا. ازغيبي پؤ چانئجي ويندو. سڀ وني پڇندا. پري ٻيهي ڪيس گاريون ڏيندا. سندس نڙيءَ مان گڙ گڙ جو آواز نڪرندو. زور سان ڪٽي ٽُڪ ڦِٽي ڪندو ۽ چوندو ”ڪتي جا ڦرا!“ سندس اکيون پيون ٻرنديون هيون. ڏندو مٿي جهلي، اڳتي وڌندو ۽ ڀڪوڙيل ڇپن ۾ چوندو. ڪير آهي جو اڄ مرندو؟ ڀلا ڪهڙو سر تان تتو هوندو! سڀ ٽڙي پکڙي ويندا.

هُو اصل ڪو نه ڳالهائيندو هو. پوليس لاءِ، ڪامورن لاءِ، ڪارخاني وارن لاءِ – بس وٽس اهو ئي هڪڙو جملو هو. ”ڪتي جا ڦرا!“ زال کي به چوندو هو ته، ”ڪتي جي ڌيءُ! ڏسين نه ٿي منهنجي ستڻ ڦاٽي پئي آهي!“

ڪيس هڪڙو چوڏهن سال جو پٽ هو. وارن کان وني، ڪٽي مٿي ڪندو هوس. پٽس به هڪ ڏينهن سٽ ڏيئي، هٿوڙو ڪٽي ٻيهي رهيو. چي، ”اڳتي وڌندين ته خير نه هوندءِ!“ پاشا دنگ ٿي ويو. چُپ ڀڪوڙي، اکيون چنجهيون ڪري، هوريان وک کنيائين. پٽس به هٿوڙو تيار ڪري چيو ته، ”متان آيو آهين، مون گهٽو ئي سَنو آهي. هاٽي نه ڇڏيندو سانءِ!“ پاشا ٻيهي رهيو. رِڇ جهڙا هٿ ڪٽي پنيان ڪيائين. پاسيريون اکيون ڪري پٽ کي ڏنائين. ساهه روڪي ٻيهي رهيو. نرڙ ۾ گُهنج وجهي ڪنڌ لوڏيائين. جڻ ته ڪا ڳالهه سمجهي ويو! وني ٿهڪ ڏنائين. چي، ”واقعي تون ڪُتي جو ڦر آهين!“

انهيءَ ڏينهن زال کي چيائين ته، ”مون کان هاٽي پائي به نه گهرجانءِ. پُٽهين تو کي پاٽهي پاليندو!“

جوٽس ويچاري چئي ويني ته، ”باقي تون سو سيئي پئسا نشي ۾ وڃائيندين!“

”ڪُتي جي ڌيءُ، مان ڪٽي يار کي ڏيان، تنهنجو ڇا؟“

پاشا ڪا به يار ڪانه رکي، پر پُٽ جو ڪڏهين به اونو ڪو نه ڪيائين، مرڻ گهڙيءَ تائين ڪانئس ڪجهه پڇيائين، نه ساٽس ڳالهايائين.

ڪيس هڪڙو ئي دوست هو. سندس وڏو ڪتو! پاشا جهڙو ئي بي ڊولو ۽ شوخ. ساٽس گڏجي ڪارخاني ڏي ويندو هو ۽ سڄو ڏينهن در تي سندس انتظار ڪندو هو. شام جو اُٿي، ڪَرَ پڇي، اکيون پيو مِڇڪائيندو. جيستائين پاشا ٻاهر نڪري، چُپ چاپ پاشا جي پنيان لڳي پوندو. پاشا نه ڪڏهين گار ڏني، نَڪو ڏڪ هنيو ۽ نه وري ڪڏهين مٿانئس پيار جو هٿ گهمايائين. ٻئي خاموش هئا ۽ هڪ ٻئي جي طبيعتن کان چڱيءَ طرح واقف.

موڪل جي ڏينهن پاشا وتندو هو ڍِڪا ڪائيندو. ماٺ ميٺ ۾ هڪ ڳُتي کان ٻئي تائين. پنهنجي ليکي ايندڙ ويندڙ جي منهن کي پيو جاچيندو. جڻ ته ڪنهن کي ڳولي پيو. ڪُتو به سندس

پنيان ٽلهو وارن وارو پڇ لٽڪائيندو، سَهڪندو، نوسيندو ايندو هو. ماڻهو نفرت مان چوندا هئا ته ”ٻئي ڪتا!“

پاشا، شام جو نشي ۾ تاٽ ٿي، ٿڪجي ٽٽجي، اچي مانيءَ تي ڪِرندو. ڪتي کي به پنهنجي ٿانوَ مان گڏ کارائيندو. ويندو هو گرهه ڳڙڪائيندو. هٽي ڏاڙهي مڇون پري ڇڏيندو. جوڙس، جي ذرو به دير ڪئي ته ٿانوَ کڻي اُڇليندو. ڇُري پُري، سولو ٿي، ڦاٽل سوٽ جي کيسي مان دارونءَ جي بوتل ڪڍي، کڻي اڳيان رکندو. ٽنگون تيڙي، پِٽ کي ٽيڪ ڏيئي، اکيون بند ڪري، وٺي راڳ شروع ڪندو. سندس ٽلهو ۽ گگهو آواز مٿي ۾ سُور وجهي ڇڏيندو. بي سُرا ۽ بي وقت آواز سندس منجهيل ڏاڙهيءَ ۾ پيا اٽڪندا هئا. سندس ڳتيل ڏاڙهيءَ مان مانيءَ جا ڀور ڇنڊجي وڃي پري پوندا. ٽلهين ۽ کهرين آڱرين سان ڏاڙهيءَ کي ڇنڊ ڪو ڏيئي، وري کڻي راڳ شروع ڪندو. سندس راڳ جا اکر اصل سمجهه ۾ نه ايندا هئا، جڻ ته سياري ۾ گدڙن جون اونايون. ڪتو به سندس پرسان اکيون بند ڪيو پيو ڍڪر ڪائيندو هو. پاشا جي اوچتي ۽ ڏاڍي آواز تي وٺي زور سان پڇ لوڏيندو. بس، جيستائين بوتل داورن هوندو، تيستائين سندس راڳ پيو هلندو ۽ پوءِ ويندو هو ڍرڪندو. ٻئي ڄڻا اتي ئي سمهي پوندا. پاشا جو موت تِلي ڦاٽڻ ڪري ٿيو. سڄا سارا پنج ڏينهن پئي هنڌ ۾ لڇيو. منهن ڪاراٽجي ويس. اکيون بند، ڏند پيو ڪرٽيندو هو. ڪڏهن ته منيون پڪوڙي، زال کي چوندو هو ته، ”ڪجهه سنکيو ڏينم. زهر ڏينم، ڪتي جي ڏيءُ!“

ڊاڪٽر مٿائنس پلستر رکيو. چي، ”آپريشن ٿيندي، کيس اڄ جو اڄ اسپتال ۾ آڻيو!“ پاشا ٻڌي ورتو. چيائين ته، ”اسپتال ۾ يا توسان گڏ جهنم ۾!“ وٺي ڏند ڪُرٽيائين. چي، ”تون اُلڪو نه ڪر، مان پاڻهي مري ويندس!“ ڪنڌ ڦيرائي چيائين، ”ڪتي جو ڦر!“ ڊاڪٽر هليو ويو. جوڙس کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. کيس آپريشن لاءِ منٿ ڪيائين، پر پاشا هنڌ مان ئي نونشو ڪڍي ڏيکاريس. چي، ”مان چڱو ڀلو ٿيس ته توسان وڏيڪ تعدي ٿيندي!“

صبح جو پاشا مري ويو. نيڪ انهيءَ وقت جڏهن گُگهو وڳو! هُو سفيد ڪفن ۾ سڌو سنئون پيو هو. سندس وات کُليل هو ۽ نرڙ ۾ اڄا به بي آراميءَ وارو شور ۽ گُهنج لڳا پيا هئا. سندس جنازو کنيو ويو. هن جي جنازي سان گڏ سندس زال هئي، پٺ، سندس ڪتو ۽ ڳوٺ جا ٻه چار پينو فقير ۽ هڪ پراڻو چور ۽ شرابي جنهن کي ڪارخاني مان نيڪالي ملي هئي. سندس زال ماٺ هئي. پٺس اصل ڪو نه رنو. جنهن جنازي نماز کي ڏٺو بيهي رهيو. چي، ”جوڙس جي جند ڇٽي. جهڙو هو اهڙو ڪتو ٿي مئو!“

پاشا کي قبر داخل ڪيو ويو. سڀ هليا ويا. سندس ڪتو ٻيٺو رهيو. تازي نڪتل مٽيءَ تي ويهي رهيو. خاموشيءَ سان قبر کي پيئي سنگهائين. ڪنڌ مٿي ڪري ڪُوڪر ڪيائين. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ڪتي کي بہ ڪنهن ماري وڌو!

(اصل مئڪسم گورڪيءَ جو روسي زبان ۾ لکيل. انگريزي ترجمي تان سنڌي ۾ ورتل)

ادا اياز !

لکڻ ڇڏي ورهيہ ٿيا. توهان جي چوڻ نئون امنگ ڏنم. سچ ٿو چوان تہ توهان جي هر ڳالهہ، توهان سان گهاريل گهڙي، مون لاءِ تاريخي اهميت جي حامل آهي.

امنگ تہ توهان ڏنم پر ڏات ڪيئن وري، ڏات نہ رڳو ڏنگ هٽي تي پر ڏنگ ۽ ڏاگهہ گهري ٿي. اهي ڪٿان آڻيان؟ نہ ماڻهن سان ميل، نہ سندن پيڙا جو پتو، نہ سندن دفاعي ۽ جاري لاڙن سان عملي رشتو. انهن کان سواءِ فنڪار ڪوڪلو.

مٿان منهنجو ڏُڏو هٿ. ٻئي هٿ ڪم آڻيان تڏهن قلم ڏڪندو ڪنبدو هلي. صورتخطي ئي ڪٽي ئي ڏسوم. هي ست صفحا، مون لاءِ جبل چڙهڻ مثل هئا، اتي لکڻيءَ جي رواني ۽ جولان ڪٿان ايندم.
جيڪي رنڊا روڙيا اٿم. حاضر آهن. شل خوش هجين،

# سِينڌ

ڪپري شهر جي سرڪاري اسپتال جي لاش گهر ٻاهران مٽيءَ ۾ ڏڏڙ ۾ ڪارا ڳُنڌيل وار. چوٽيءَ سينڌ سميت. ڌوڙ ۾ جهڪ ۾ پيئي ليٽڙيا. اندر پينگي ۾ ڊاڪٽر، مکين جي پُون پُون. ننگو لاش اگهاڙي ڇاتي. سنڌ جي ڇاتي. ڪنهن جي لڄ. سڀ جو ننگ. ست ڏارين آڌو ننگي پئي هئي. هٿ رونڊڙا. پير ڦٽل. اکيون حيرت. حسرت ۽ هيبت کان ڦاٽل. سباجهي. سدوري. سُگهڙ. ڪونئرو ڪُسٽي. پيار جي راهه ۾ هڪ ٻي قرباني. ڪُسڻ قبول ڪيائين. سينڌ جي پت نه وڃايائين. ٽهڪڙا ڏئي چار آڱريون سينڌ تي رکي انجام ٻڌائين. پر ٽهڪڙا ڪماڙين جي ڪڙڪن ۾ بدلجي آيا. آڱريون ڪپجي ويون. سينڌ ڪوڙجي وئي.

اتي ئي سندس ڀاءُ ٻاهر هو. ابي جائو امڙ جي رت مان ٺهيل ۽ ڪير تي تاتيل. جنهن لاءِ ننڍي هوندي کان ”الله ڏيندو ادل کي . . .“ ڳايو هئائين. ٻي غيرت ڀاءُ جنهن ’غيرت‘ مان پيٽ ماري هئي. هٽڪڙين هوندي ائين ڳاٽ جهليو بيٺو هئو جڻ ڪوٽ ڪٽيو هئائين.

امڙ هئي. جنهن جي رازدار ساٿڻ اڄ ڪماڙيون جهلي، ڇاتي سان ڇِيرجي رهي هئي. جنهن ڏيءَ جون ڪچيون ڦڪيون ساهه ۾ سانڍيون هيون. جنهن ور ور ڏيئي ڪيس سمجهايو هو ۽ سمجهيو هو. سندس ڏڦ پيرو مڙس، جو پين تي ٽيڙ کائيندو، لوٽا ڦيريندو هلندو هو. ڳالهائيندو هو ته ڳِگ وهندي هئس. ور ور ڪري لاش گهر ڏي تي ڏٺائين. رڙ پئي پيس، ’الا! منهنجي سٺي پنج هزار لهندي هئي.“

ڏِڳن جو جوڙو ٻه جريب زمين ۾ عورت جي جند. اها پنجوڙ جنهن ۾ نچڻي ٽپڻي تيرهن سال جي پدمڻيءَ جم کان موت تائين گوگهجي وئي. لِڪ لڪوٽي، ليٽ ڪبوتر، گهڻ گهڻ گهتو ۽ ڳيچ سهرا سڀ ان پنجوڙ جي ساهه نِپوڙ. سوڙهه ۾ گهٽ ۾ گهٽجي گم تي ويا.“ الله ڏيندو ادل کي!“ ... ۽ الله ادل کي ڏِڳا ۽ ٻه جريب ڏئي ڇڏيا ۽ اديءَ جي جند مڙس جو حق تي وئي، مُلهه ڳِڌو حق.

شاديءَ جا جوڙا، هٿن کي ميندي، چانديءَ جي ٻانهين، خوشيءَ مان هر هر ماءُ کي چنبڙي تي پئي. ٻاراٽي ٺهي، شاديءَ کي ائين تي ٻانيائين جڻڪ ڳُڏي ڳُڏيءَ جو وهانءُ. مڙس کي ائين تي سمجهائين جيئن سندس ڀاءُ يا پيءُ ۽ جڏهن وڃي ساٿس ستي ته آڏيءَ کان پوءِ ماڻهن سندس ڪِيڪون ٻڌيون ۽ ڇماٽن جا ڦهڪا.

ٽڪل ٽڪل، پيلي، زندگي ائين تي وئي جيئن آرهڙ جون ٻُٽون. هر صبح ۾ سانجهيءَ جي گُهٽ هئي ۽ هر سانجهيءَ ۾ صبح جو سُور هو. نار جي لوٽي هئي، ڳِچيءَ ۾ رسو. کوهه ۾ گهوٽا ۽ رات

جو رينگٽ، ٻي هزارين جي ٻانهي، سانجهڻ ڀهاري، ڏال، ڪار، گاهه، رونبو زور ۽ زوري، سندس زنانو حسن نه جاڳو نه مئو نه اسريو نه اپريو.

جڏهن ٻن سالن کان پوءِ ماءُ وٽ آئي ته هنيانءُ ڦِسي پيس. پار ڪيڊي رني. "ادا!" چئي ڀاڪُر ڪي چنبڙي پئي. ڀاءُ ۽ مڙس جي فرق جو شدت سان احساس ٿيس. ٻارڙن جون ٽوليون ڏسي ڀتا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي.

اباڻي گهر سندس ٻوساتيل روح کي آٿت، سندس جسم کي آرام ڏنو. جنهن گهر جي ڇپر ڇني ڪنڌيءَ ڪوٽ سان ٻالڪپڻو چنبڙيو پيو هو تنهن سان پاڻ به چنبڙي پئي. روح رلي ويس، ميخ لڳي ويس. ائين ئي محسوس ڪيائين ته وري ڳائي، "نم جي نموري پڪي، الله ڏيندو ابي کي، سو وجهندو ڏيئن کي، چنڊ ڏنو ڪير منوا!" سندس دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هلڪڙو آرس پيچڻ جي تمنا، نحيف ڪنوڻ وانگر اِنگڙ وِنگڙ اُڀري گُم ٿي وئي.

ڪارونڀار ڪرن ۾، هلڪڙي هير سندس سنهڙي چولي کي سندس سيني مٿان گسڪائي رهي هئي. عجيب انوکي ڪيفيت چولي منجهان، سيني منجهان، سندس دل ۾ سمائجي وئي. مينهن وسيو. هوءَ ڀيني رهي. ٻارڙن جا ٽولا ڳائڻ لڳا. "اکريءَ ۾ ڪڪڙو، مينهن آيو تڪڙو!" چولو ساڻس چُهٽي ويو. هن محسوس ڪيو ڄڻ ته هوءَ پاڻ ڪڪڙو آهي ۽ مينهن سندس جسم سان وڪوڙيو وجي، جنهن جي گستاخ آلاڻ ڪيس وَڏ ڦُٽڙي جي بشارت ڏني.

اگهاڙن پنن سان، سندس هم عمر جوڙ ۽ جيس ميهار، مينهن ٻڌجي ڪيس وڪوڙي ويو. سندس چَپ ڪليل رهجي ويا. خبر تڏهن پيس جڏهن ميهار اچي هٿ ڪان ورتس، چرڪ ڀري پيجي وئي.

سندس جنسي جذبو عين عورتپڻو حيات جو موجب، قدر جو عجيب ۽ منو ڪرشمو جو وحشانيت جي ڄَرُ ساڙيو هو سو پيار جي مينهن ۾ سائو ٿيو. جنهن کي چماٽن ۽ ڪيڪن ڀيڄاري ڍبي دساڙي ٽڏو ڪيو هو تنهن کي هٿ جي گرمائش جياري ڇڏيو. ڳلن ۾ تؤ تَنَ ۾ تونس، آگمجي رني. ڇٽگ هئي جا جلڻ ۽ جلائڻ لاءِ نسنگ نروار هئي.

لوڪ لڄا، ادي جي عزت، دل جي دل ۾، ساڳيو ميهار جڏهن اچا ڪپڙا اوڍي، وارن کي ڦٽي ڏيئي، اکين ۾ سرمو وجهي اچي لنگهندو هو ته اکيون هيٺ ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پوتي چڪي مٿو ڍڪيندي هئي. بس ميهار لاءِ اهو ڪافي نياپو هو. هن جو من به ٽِڙي پوندو هو ته هڪ مرد محض سندس لاءِ سينگار ڪري. سندس اکيون هڪ ٽِڪ دور افق جي پريان وڃي ڪُپنديون هيون. پنهنجيءَ باهه ۾ پسم ٿيڻ لڳي. جيئن روڪيائين تيئن ڀيڙ هئا. وري جو ڳنڍڙي مليس، خالي باڪس ۾ سُرخي، ڪجل، مصريءَ جي تَڙ، رک جي چپٽي، ميٽ جو ذرو ته ڪڙي تپي آيس. ويهڻ وِهُ ٿي آيس.

ماءُ سان سلهايئين. عورت جو عورت سان سلڻ جڻ خالق ۽ مخلوق جو ازلي راز سلڻ ۽ سمجهڻ. ماڻس چنبا هڻي ڪڍيس. ويڙهن سان وڍيائينس. نيٺ ٻِٽ تي بيٺس. ڏيءُ ۽ ماءُ جو ميلاپ. چا نه تي جاتائون! چا نه تي سمجهيائون! حياتيءَ جي سُڪي سرءَ ۾ پَنَ چاڙهيندي ڪڏهن ڪا سُرور جي گهڙي گهاري هئائون. سا به ڪهاڙين جي پاڇي ۾. گهڙيءَ جي معراج لاءِ ڪنڊ ڪپائڻ. ڪمڪڙا تاڪوڙا. جڻ ته جيڪي ڏنائون تي تنهن ڪان وڌ ورتائون تي.

ميهار سان ملڻ وئي ته هِيرون هئس هنج ۾. ڏرتي هندورو هئي; گل ٽڙيل هئس دل ۾. سڳند هئس ساهه ۾. سُڌ ٻُڌ پرائي تي چڪي هئي. سندس سڄي ڪائنات پرائي هئي. وٽس پهتي ته پاٽي تي پئي. هٿ وڌائينس ته هتي بيهي رهي. ڏيڻ آئي هئي، ڏيئي نه سگهي. واسطا وڌائين. پلؤ پاتائينس. هٿ لائڻ نه ڏنائينس.

موتي اچي ماءُ کي ليلڙات ڪيائين. "پلؤ آجا ڪرائينم!" امڙ کي ٻاڏايائين. جڳ کي دانهن ڏنائين. ٻارڪاريائين. چگن منن جا در کڙڪايائين. جنهن سندس جسم کي نپوڙيو هو تنهن سان جسم ڪيئن ملائي! منوءَ کي چڏي ڏينيوءَ ڪان ڪيئن ڏنگائي. ڏنگ ۾ ڏنپ هئس ڏاج ۾. نڪاح جي ... سان. يا نڪاح ٽتي يا ڪنڌ ٽتي.

جتي ٻنيءَ ۽ ونيءَ تي سر ڏجن ٿا. اتي نينگرين جو سودو به ٿئي ٿو. آملهه جو مُلهه ٿئي ٿو. هتي نينگرين جو نيلام. ست قرآن. ڪوڏين جي دام. اتي ڪير ڏئي طلاق! ڊپ پيرو چوي، "ڪُهي وجهو نڪاح نه چڏيان. پلي عمر کائي وڃي. ٻني ۽ ونيءَ ڪنهن چڏي آ!" به به هٿ پيو اڏامي. ڪوٽ جي آڙ ۾ بيغيرت جي نگاهه لڄ تي نه. لڄ جي قيمت تي. دڙڪا ، دهمان. ڏنگايون ڏاڍ. بي فرمان– ۽ هيڏانهن ڪچي تند. نياڻي نينگري. سَرءَ جي ساڙيل سڪل پيلي وَل. جنهن جي من ۾ پهريون پيرو پيار جي رس پري هئي. اڏول. پنهنجي حق تي قائم. سائي ٿيڻ جو حق. گُلن جي ڪيڙڻ جو حق. ڪچيءَ تند ۾ حق چڪڻ جي ايڏي قوت ! پر ايجاب ۽ قبول جو ڏاڳو ٻن هزارن روپين ۾ ٿلهي موتي سنگهر تي چڪو هو.

نياڻي نينگري ڪچي تند. پر جڏهن سندس نحيف تنتن ۾ عورتپڻي جي آفاقي حق گهرڻ جي برقي قوت پهتي ته وڄ ٻڻجي وئي. چمڪا. چڻنگون ۽ ٽانڊا جن سندس مڙس جي اڏاري مردانگيءَ کي ڪنبائي چڏيو. هو طلاق ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن لاءِ رڳو به اکر چوڻ جي دير هئي. پر جنهن ڪان عورتپڻي جو حق کسيو تي ويو جنهن جان جي بازي لڳائي هئي. جيڪا اهڙوئي انسان هئي جهڙو مڙس. جا پاڻ مظلوم هئي. سا بس فقيرياڻين وانگر خيرات جي محتاج هئي. سندس لفظ ۾ ارادي کي ڪو وزن ڪو نه هو. چا ته توازن هئو! نڪاح ٻن ڌرين جي هڪجهڙي قبوليت هئي. هڪ ٽوڙي سگهيو تي ان کي ٽاڪئين نڪر وانگر ۽ ٻئي لاءِ ڳَٽ هو ڳچيءَ جو.

نقصان ڪنهن کي ٿي ٿيو. بازاري اگهہ ڪنهن جو ٿي ڪريو. جسماني باغ ڪنهن جو لٽيو ويو تہ بہ معاوضي جي گهر مڙس ڪئي ڪئي ۽ سڄي دنيا سندس انهيءَ حق جي تائيد ڪئي. اهو حق ايڏو تہ ڪو اٽل هو جو سندس ماءُ ۽ پاءُ بہ هارجي ويا. قبوليت جو ڏاڍو رڳين جي بارهيٺ سوگهي سنگهر ٿي ويو. باغ جو گلستان جو ميوو ڏيندڙ شجر جو نيڪوعمر پر ٻن هزارن ۾! پيڻ جنهن پاءُ کان نماڻين نظرن سان صدقو گهريو. اڪئين آب جاري هو. پر سندس نير. نيئر کي ٽوڙي ڪو نہ سگهيا. پاءُ بہ فيصلو ڏنو تہ. "رن ڪميٽيءَ کي جُنڊن کان گهلي مڙس کي ڏيو!" جنهن بہ هزار مِنا ڪيا سو مڙس مان وارو ٻٽيو ۽ جنهن جي جسم جذبن ۽ جان جو نيلام ٿيو سو ڪميٽو.

اها آخري رات هئي. چيهہ نا اميديءَ سندس حِس ۽ حواس سلب ڪري ڇڏيا هئا. جڏهن ميهار اشارو ڏنس تہ چار آڱريون ڪٽي سينڌ تي رکيائين. سندس روح ۽ جسم هڪ قلب ٻڌجي ويا. جنهن کي اوڏو اچڻ نہ ڏنو هئائين. تنهن سان موڪلاڻيءَ جو انجام ٻڌائين. جسم ۽ روح جي آرتي ڪٽي پيار جي قربان گاهہ ڏانهن وڌي تہ پاڻس ڏسي ورتس. ڪماڙي ڪٽي وريو تہ ويچاريءَ جي جيئڻ جي سموري تمنا اجهڪو ڏئي موٽي آئي. پوتي لاهي پاءُ جي پيرن کي چنبڙي وئي. "ادا منهنجا. مون کي نہ مار!" ماڻس بہ پڳي. وچي قرآن کٽي آئي. "ابا! هي وسيلو ٿئي." مڙسس بہ رڙ ڪئي. "جهڙي آ منهنجي آ. مون کي ڪاري بہ قبول. متان منهنجيءَ کي ماريو اٿئي!"

"چُپ ڪر ڪميٽا ڪاري آ!"

"هل ڙي معتبر! تو گهٽيون ڪاريون ڪيون آهن؟"

تيسين ماڻس بہ قرآن آڻي آڏو جهليس. ماءُ کي ڌڪو ڏئي پري ٿيلهيائين. لت پيڻ جي ڪلهي تي ڏيئي سندس مٿو ڇڏائي پري ڪيائين. ڪماڙي ڪجي هيٺ ٿي. ڌپ ۾ ويچاريءَ هٿ آڏو ڏنو. اول چار آڱريون پوءِ ڪنڌ. ماءُ ۽ قرآن رتورت! پاءُ ۽ ماءُ گڏجي نياڻيءَ جو اڳٽ ڪولي سٿڻ لاٿي پاءُ دنبهو هنيو.

اسپتال جو لاش گهر. ڪپيل چوٽي. چاقن جي چر چر. پنگي. ڊاڪٽر. مکين جي ڀُون ڀُون. ننگي ڇاتي. ادي. پيڻ. نياڻي. ست قرآن.

# فرشتو

مان اسلام آباد ۾ هئس. هونئن تہ هر ڇيو جنتر، پسون پڪڻ، اسلام آباد ۾ آهي ئي، پر مان اسلام آباد ويو هئس ۽ اسلام آباد هوٽل ۾ رهيل هئس. ٿڌو ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو، رنگين ٽي وي، ڦولدار پڙدا، فون، گهنٽيءَ تي چانهہ حاضر. ٽيئي وقت مفت مانيون. سٺا سهڻا دوست. آرام ئي آرام. ڪم ڪو بہ نہ، سواءِ تقريرون ٻڌڻ جي.

ليٽئي پيٽئي، اوچتو منهنجي طبيعت غير ٿي وئي لوچ پوچ اندر ۾ آنڊ مانڊ. دل تي بار، بوجهہ ، مونجهہ ۽ ڦٿڪو. ساهہ تي نڪتو. پريو ناشاد. جو ھاڻي ليٽي پيٽي نفيس شيخ ٿي پيو آهي، ڪي فون ڪيم. پنهنجي سپاجهي ساليءَ سان گڏ ڊوڙندو آيو. گهبرائجي ويو. مڙس مچڏو آهي سو هڪدم وريو. چي ، ”ڏاهي ڪي ونيون ٿو اچان!“ اسين ماڻهو ڊاڪٽر کي ڏاهو چئون.

گهڙي دير ۾ آيو. چئي، ”قاسمي صاحب اچي ٿو!“ مون ڪان چرڪ نڪري ويو. ننڍي هوندي تاريخ جي ڪتابن ۾ محمد بن قاسم جي تصوير ڏٺي هئم. اگهاڙي ترار هٿ ۾، لوهو ٽوپ، گهوڙي تي سوار جنهن جون ٻئي ٽنگون مٿي هوا ۾. ائين ڪندي هُو صاحب اچي ويو. ڏاڍو پيارو ماڻهو. نديم تي چيائون يا نادم. پر نادم وڌيڪ ٿي لڳو. چڱي طرح سان ڏٺائين حال احوال ٻڌائين. چيائين، ”ادبي دٻاءُ وڌي ويو آهي!“

چيم، ” ڊاڪٽر صاحب توهان جو مطلب آهي تہ خون جو دٻاءُ وڌيل آهي. پر مان تہ سالن کان خون جي گهٽ دٻاءُ جو شڪار رهيو آهيان. بس خاموش چپ ئي چپ آهيان!“ مِٺي مرڪ سان چيائين، ”خون جو دٻاءُ نہ، ادبي دٻاءُ وڌيل آهي!“

مون کي اطمينان نہ ٿيو. چيم، ” اهو وري ڪو نئون ايڊس جهڙو مرض نڪتو آهي ڇا؟“

”نہ نہ پاڪستان ۾ هيءَ بيماري اڄڪلهہ عام آهي!“ ڪجهہ ترسي چيائين، ”ان جو علاج آهي، لکو نہ ٿا تہ ڳالهايو. خوب ڳالهايو. زور زور سان ڳالهايو!“

چيم، ”مان تقرير باز ناهيان!“ گنڀير ٿي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ويو هليو. ويندي ويندي پريوءَ کي چيائين، ”پاڻهي ڦاٽندو!“ پريوءُ جو منهن سُسي ويو. چيائين، ”اسلام آباد جو وڏو ڊاڪٽر ٿو آڻيان!“

ٿوري دير ۾ شور متو تہ وڏو ڊاڪٽر اچي ويو. هڪ وڏو جڳادري قسم جو ڊاڪٽر اندر آيو. نهن کان چوٽيءَ تائين اڇو جبو جهڙو فرشتو ڪلندو مشڪندو آيو. اچڻ سان ڳراٽڙي پاتائين. منيون منيون

ڳالهيون ڪيائين. آڻت اطمينان ڏنائين تہ خير خيريت آهي چوڌاري امن امان، مٺ محبت ۽ موسم خوشگوار آهي. چيائين، ”اتو ڪِلو ڳالهايو. هتي هرڪا آزادي آهي، هر حاجت پوري ٿيندي آهي!“

مون سيني ۽ گلي تي هٿ ڦيرايا ۽ مٿي جي وارن کي چِڪي ڪيفيت بيان ڪئي. چيائين، ” سٺو گهر، موٽر ڪار، وظيفو وغيره ميسر ٿي سگهي ٿو!“ چيم، ”الله جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي!“

”ڪهڙا ڪتاب پڙهندا آهيو؟“

”تاريخ، ادب، فلسفو سياست ...“

”گندا ڪتاب ساڙي ڇڏيو. قرآن پڙهو!“.

”ڪيئي دفعا معنيٰ سان ۽ باتفسير پڙهيو اٿم!“

”الله الله ڪيو. نماز پڙهو!“

”پنج ئي وقت باقاعدگيءَ سان پڙهندو آهيان، بلڪ شب خيز آهيان!“

”حج تي موڪلي سگهجي ٿو!“

”ڪيو اٿم!“

”سير ڪيو ... سوات، ڪاغان زيارت وڃو!“

”هندوستان پاڪستان بلڪ ٻاهريان ملڪ بہ گهمي ڏٺا اٿم، روس بہ ويو آهيان!“

ڊاڪٽر صاحب جو موڊ خراب ٿي ويو. چيائين، ”وڏي ڪا گڙٻڙ آهي، چڱيءَ طرح معائنو ڪرڻو پوندو!“ ائين چئي ٻئي هٿ مٿي ڪنيائين. مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هٿ نہ پر چنبا هئس ۽ هيٺيان وردي پيل هيس. مون کان زورسان ڇيخ نڪتي،

”عزرائيل!“

# ماءُ جي جهولِي

اسين مڙوئي پراڻين خيالن وارا آهيون. بيگم صاحب تہ نون سالن جي عمر کان پڙدو ڪيو ۽ در کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪانہ نڪتي. سنڌي وچولي طبقي جي ڪلچر ۾ رچيل. اخلاقيات کي آسماني مذهبي درجو. مجال جو ڪو هان! چا؟ يا چو؟ چوي. جيءُ! ۽ حاضرا! پئي پوندي. حجاب اهڙو جو زبان بند اکيون هيٺ. شاديءَ کان پوءِ سچو سارو مهينو خود مون کي اکيون کولي ڪو نہ ڏنائين.

هڪ ويري ٻاهر اڱڻ ۾ مان دوستن سان ويٺو هئس. جيپ اچي اندرئين دروازي وٽ بيٺي. بيگم صاحب لهي ئي نہ. اٿي ويس. برقعي ۾ ويڙهيل پر لهي ئي ڪانہ! چئي، ”ماڻهو ويٺا آهن ڪيئن لهان؟“ مان ڪيس سرڪار سڏيان چيم، ”سرڪار مان اوٽ ڪري ٿو بيهان. توهان اڳيان ٿي لنگهي وڃو!“ اندر ٿيا سون تہ پگهر ۾ شل پريشان ڪرسيءَ ۾ اهلي پئي. پڇيم، ”سرڪار خيرا!“ ائين چئي مون کي لڳو جڻ ڪپڙا ئي ڪو نہ هئم. ڪراچيءَ ۾ تہ سيڪو سُڌري ٿو وڃي. چِلمن جي پنيان ٻيهڻ وارا ۽ ڪنيز جي معرفت ”ڪهہ دوا“ چوڻ وارا ٺئست ۽ راڪ اينڊ رول ۾ ٿڙڪندا ڏناسون. پر اسان سنڌ وارن جي مٽيءَ ۽ ڪلچر سان اهڙي ڪا وابستگي آهي جو ڇڄي بہ نہ ٿا ڇڄون. پرنس ڪريم آغا خان ۽ بيگم آغا خان گورنر طرفان ڊنر جي دعوت اسان کي بہ ملي. شوق ۽ اشتياق هوندي بہ ڪو نہ وياسون. سرڪار جو خيال هو تہ ”هيترن سارن مڙدن ۾ گهبراهٽ ٿيندي ۽ مزو نہ ايندو.“

وري اچو صفائيءَ تي. صفائي سترائي اهڙي جو مک پئي ترڪندي. فرش پيا ڌوپندا ۽ اگهبا. ٻار اهڙا جهڙا گلڙا. ميرائي گدلائي اصلي نہ. گند ڪچري يا رڳو مئل ڪاڪروچ تي نظر پئي تہ دل پئي ڪچي ٿيندي ۽ آت اجهڪا ايندا.

اسان وٽ بنگلي ۾ بہ سرونٽ ڪوارٽر آهن. هڪ ڏينهن هڪ مائي ٻارن جو ٽولو وٺي اندر هلي آئي. ”او بيگم صاحب غريب ٻچڙوال هان! نڪي نڪي ٻچي هِن. بُک پيي مرندي هِن. سارا ڪم ڪرسان!“ هڪ مائي پاڻ گدلي ميري، ٻيو ٻار ڪارا ڪلوٽا. ميرا سِنگهر. بيگم صاحب ڪٽي نڪ تي ڪپڙو ڏنو. هڏي مان چيائين، ”نڪر ٻاهرا!“ مائي ”هاءِ الله!“ چئي جيڪي سو پلٽي ماري ويهي رهي، ”ڪٿي جاوان ڪي ڪران! جهنگل ٻيل جهڙا شهر. رُل ويسان. مرويسان! معصوم ٻچان نون ويک!“ بيگم صاحب ڪرب ۽ ڪراهت مان نهاري اٿي آئي. مان وچ ۾ پيس، ”سرڪار. ڏکن ماري، ٻچن واري آهي. پئي هوندي ڪوارٽر ۾... ماني الله جي آهي. ٻچو سچو ٽُڪر پور پيا کائيندا!“

” پر هي منهنجي سامهون نہ ايندا! گهر ۾ اندر بہ نہ گهڙندا!“ مائيءَ هڪدم عملي مظاهرو ڪندي ٻارڙن کي ڪُتي ٻاهر ڪڍيو. بيگم صاحب شوخ ٿي چيو ”تون بہ نہ ايندينءَ. ٻاهر باغ ۾ ايوان ۾ صفائي ڪندي ڪر!“ مائي ۽ ٻار نڪري ويا تہ چيائين. ”اجا بانس پئي اچي!“ اٿي خوشبوءِ دار فلٽ هنيائين. ”پڪ ڀنگياٽي آهي!“

مهينا گذري ويا. ڪراچيءَ کي الائي ڪهڙي نظر لڳي وئي. هت تہ بهاري, پنگي, بنگالي سڀ خوش رهندا هئا. هي هنگاما ڪنهن آندا. گوڙ فساد, بم, باهيون, قتل, نفرتن جا ديو ڪلفتن ۽ ڪدورتن جا ڪارونيار ڪٽان ڪر ڪٽي, چنبا ڪڍي گرڻ, پونڪڻ ۽ ڏاڙهڻ لڳا هئا. مان آفيس کان گهر ڪار ۾ هوندي بہ ڊنل ۽ هيسيل هئس. گهر پرسان پهتس تہ چڪا چٽي ويا. گيٽ جي ٻاهران ڪيئي گندا گدلا ماڻهو گهيرو ناهيو بيٺا هئا. ڏاڙيل, مُڇر, وڏا وار منجهيل چيڙهہ پريل, نيزا, لٺيون, ڏنڊا. وچ تي هڪ ننڍڙو ميرو ڪچيلو ڇپين پريل, سِنگهر ٻار بيٺو هو. اندران اوزار آيو ”او ويرا ! نِڪا اي, معصوم اي!“ ڇڻ تہ ٻاهہ تي گاسليٽ پيو. لنيون اپيون ٿيون ۽ ڪنهن رڙ ڪئي, ”سپ تار....!“ ائين نَڪاءُ ڏيئي لوهي در ڪليو. هڪ بيگم صاحب, مٿو اگهاڙو, پير اگهاڙا, سَٽ ڏيئي نڪتي ۽ وچي ٻار کي ڪڇ ۾ ڪنيائين. نيٺ سڏيءَ ۾ چيائين, ”شير شاهہ جو شِڪرو گهر جا ڪُڪڙ ماري, حياءُ نٿو اچيوا!“ ماڻهن کي اعتبار نہ آيو ”هي تنهنجو ٻار آهي؟ تون هن جي ماءُ آهين؟“

”ڇو؟ مان ماءُ نہ ٿي لڳان!“ مون کي بہ داءُ تي لڳايائين. چي, ’هي فلاٽي جو گهر آهي, شرم ڪيوا‘ اتي مان بہ ماڻهن کي ڏڪي اندر ٿيس. عجيب تشڪر ۽ اطمينان سان مرڪندي سندس ٻانهن ۾ هٿ وڌم. چيم, ”سرڪار اندر هلو!“

ڏنم تہ ٻار کي ڇاتي سان چنبڙائي ڇڏيو هئائين. چيم, ”سرڪار پنگياٽيءَ جو ٻار!“

”پنگياٽي هجي ڪ پنجاٻڻ, پناهگير ... ماءُ جي جهولي تہ خالي ٿئي ها نہ؟“ مون ڏٺو سندس اکين ۾ لڙڪ هئا ۽ مائيءَ جا ڳوڙها تہ اڻ ڳڻيا اڻ جهليا پي وهيا. مون باغ جي مٿي ڪٽي چيو ”سنڌ جي مٽيءَ کي سلام, سنڌوءَ جي مٿيالي پاڻيءَ کي سلام, گهوگهاري ۽ گَتگهڙ جي سڳداسين کي سلام!“

# لاٽ

اکين مان وهندڙ نشو. ڪارا هڙٻاٽيون لڳ. ڦڏيون ٽَنگون. ڇپو مُنهن ۽ گهُٽڻون آواز. بڇان وٺيو وڃي. هيءَ ڪاري نوٽ جهڙي زندگي. توبہ !

جڏهن انهي ساڳيءَ دونهاٽيل ۽ ڪاراٽيل انسان جي پونگيءَ اڳيان روز شام جو تن مارنگن وچ ۾ باهہ جي لاٽ ڏسبي هئي تہ ائين محسوس ڪبو هو ڄڻ نج زندگيءَ جي لاٽ جرڪي اٿي. ان زندگيءَ جي لاٽ کي جرڪائڻ لاءِ هُن ڇا ڇا نہ ڪيو هو.

لاڙ جي ڏير ۽ ٻن مان پريل تلاوَن ۾ تڙڳندي، هي بہ ڄڻ هڪ ڪارو ڪُم پيدا ٿي پيو هو. ساوا، ڪني پاٽيءَ جا پريل تلاوَ تن ۾ زندگيءَ جو هيءُ ڦهلاءُ! ڄڻ ڪوٽيسر جو نسرجڻ. ننڍڙو ئي هو تہ پڪي رستي تان لارين جي تيز رفتاريءَ سندس ذهن کي مائٽاٽي ذهن تي فوقيت ڏئي ڇڏي. ڪاني جي گهوڙي رتي سوار ٿي، وات سان ٻون! ... ٻون! ... ڪري ٻاتيلي ٻولي ۾ سُر سان چوندو. "جاٽي دوس!" ... ۽ زندگي 'جاٽي دوس' جو مظهر بڻجي وئي.

هو ڪُنڊيون ۽ چار ڇڏي ڪلينر ٿيو. خاڪي پراٽي سوٽ جا وٽيل پاچا، هِپ تي چتي لڳل، ٻيڙيءَ جو اڌڙ وات ۾، هينڊل هٽي هن زندگيءَ ۾ "جاٽي دوس!" جو نعرو شروع ڪيو ۽ سندس رڳ رڳ ۾ ڪاميابي ۽ اميد جو تررورو چمڪي ويو. بنا پگهار صرف پيٽ تي، استاد کي زور ڏيندي، لاريءَ جي ڇِت تي سمهندي، نتهڻ اُس ۽ وڇيندڙ پاري ۾، لاريءَ جي در تي لڙڪندي لڙڪندي هن کي سٽيئرنگ جهلڻ اچي ويو ۽ خود استاد بنجي ويو. ڇا تہ زندگيءَ جي برق ڊوڙي هئي، هن جي ڪاٺ جهڙن هڏن ۾! استاد بڻجڻ سان گڏو گڏ 'جاٽي دوس' جو نعرو ٻين جي هٿ لڳي ويو. جڏهن ڏڏڙ جي طوفانن ۾ ٻيڙيءَ جي خوراڪ تي، سندس ڦِقڙ دق سان کنئون کنئون ڪرڻ لڳا، تڏهن دنيا ئي متجڻ لڳي. سندس ٻالڪو شيرو، جو سؤ سؤ دفعا کيس 'استاد! استاد!' چوندو هو سو بہ چوي تہ "استاد آرام ڪر! ... ڪميٽو رڳو مطلبي، منهنجا ٻچا وري پٽس پاليندوا!" يارن چيس، "هيچ نہ ڪر. پئسا ڪمر نہ ايندءِ! ... باقي هي ڪم ايندا!" ۽ سندس منهن تي زهر آلود مرڪ اچي ويندي هئي ... ۽ وڏي ڪشادي دل سان چوندو هو "جاٽي دوس!" ائين چوڻ سان ڄڻ تہ سيني مخالف قوتن کي معاف ۽ مات ڪري ڇڏيندو هو. سندس پنهنجي زندگيءَ لاءِ تڙپ ٻين جي تڙپ ڏسڻ کان انڌي هئي ۽ پنهنجي مات ڏسڻ کان قطعي انڪاري.

پوءِ جڏهن سندس ڳِل پيهي ويا. پريل ٻانهون ڏانڊين جهڙيون ٿي ويون. دم گُهٽجڻ لڳو. تڏهن هن سمجهيو تہ علاج ڪرڻو ئي پوندو ... ۽ ويچاري چا چا نہ ڪيو ... چڪاس، فوٽو سئي. پهرئين ڏينهن پنجاهہ رپيا ڏئي موٽيو تہ هٿ ۾ نسخي وارو خالي پنو. هڪ واري دل لاهي ويٺو پر زال ۽ ٻارڙن جون ٻوليون ٻُڌي سندس زندگيءَ لاءِ پيار تازو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن جڏهن نسخي موجب دوائن جون مجموعي قيمتون ٻڌائين تہ سُن ٿي ويو. ڪا گهڙي تہ بازار ۾ بُت بڻيو بيٺو رهيو. سندس اکيون ڦُوٽيون ويون. منهن گنيپر ٿيندو ويو ۽ هوريان هوريان سندس وجود تي انسانيت جي لات تجلا ڏيڻ لڳي. چيائين. ”جاڻي دوس!“ اها تياڳ ۽ قربانيءَ جي ’جاڻي دوس‘ هئي.

بنا علاج سندس زندگي لاريءَ جي تيل سان گڏو گڏ ٻرڻ لڳي. چِتاياڻونس. ”ميان حياتي آڏو پئسو ڪجهہ ناهي ... ٻچن جو اجهو آسرو بہ تون!“ پر هُو انهن سپني کان سياڻو ٿي چڪو هو ’زندگيءَ کي زندگيءَ جو تيل کتو ٿي. يا ڪيس ٻرڻو هئو يا ٻارن کي!‘.

جڏهن ڪيس بيڪار سمجهي جواب ڏنو ويو تہ هن لارين. مسترين. استادن. ڪلينرن جي سموري برادريءَ کي پري کان ڏنو. اها ئي گهما گهمي. تيزي. وٺ وٺان ۽ ’جاڻي دوس‘ ... پاڻ هڪ ڪٽيل. گرگهلو ٿيل. اچليل نَٽُ هو پنهنجي سموري گرگهلائي ڪٽي اچي چُلهہ تي ويٺو.

ساران جا هڪ ڊليور (ڊرائيور) جي سکي ستابي زال هئي. ہہ ٻچا جن نائلان جي چيدي ۽ بُشرٽ پائي ڏني هئي. سي گهر جي سُئي ڌاڳي سميت سلامت هئا. هي سڃو ماڻداڻ جو پاڻ بنايو هئائين. ان ۾ ڪيس حيات ۽ زندگي. زندگي ۽ حيات جو ڏنڌلو جلوو نظر آيو. حيات جي زنجير ۽ سندس جند جي گرگهلي ٿيل ڪڙي جنهن ڪڙيءَ جي جاءِ تي نئين پختي لوهي ڪڙي پوٽي هئي. سندس هيڻن هڏن هي نئون سَڏ ٻُڌو. چندڙي جرڪڻ لڳي. تن مان تاؤ آيو. سندس ساهہ جي سگهہ ڏسڻ وٽان هئي. هن انقلاب جو نعرو هنيو. چا تہ نعرو هو ”مَربو پر پورهيو ڪبو!“ هُو ڊرائيور مان هاري ٿي ويو. چيدي بشرٽ مان گوڏ ٿي وئي ۽ ساران گاهہ جون پنارڪون ڍوئڻ لڳي. عجيب منظر هو. انساني همت ۽ محنت جو زندگيءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ. حيات کي قائم رکڻ لاءِ. صدين کان ساڳيو.

دق ورتل هيڻن هڏن پگهر وَهايو. زمين پنهنجي مادري شفقت سان چاتي چلهيارائي رت جي خوراڪ پهچائي. سج پنهنجي پوري قوت سان هڏي جهڙي ٻج ۾ ساهہ پريو ۽ پلاري مهراڻ پنهنجي رڳ ڪولي پاڻي پهچايو. چا تہ قوتون ڪنيون ٿيون هيون! حيات ۽ زندگيءَ جي اوسر ۽ اوپر واسطي. ڪٽي مان ڪاسو ۽ ڪاسي مان انبار ٿيو. ساران ۽ هن اهڙو آنند محسوس ڪيو ڄڻ هنن ٿيون ٻچو تخليق ڪيو هو. ڌرتي. سج. سنڌو ۽ ساران جي مڙس کان سواءِ ٻيو بہ هڪ پيدا ٿيو جو انبار جو

انبار ڪٽي، ٻه ڳوٺيون چڙي ويو. ساران مڙس کي چوڪو ڏنيون، ”وڏيرن کي ڪجهه چئو منٿ ڪرين!“ هُو خاموش رهيو. گهڙيءَ لاءِ خيال آيس ته ’جيئن وڏيرو پنيرو پيو وجي، ڪياڙيءَ واري لٺ وهائي ڪڍانس!‘ ... ’ڪيڏو نه بيهودو خيال! مان جيل ۾، ٻچا بکن ۾...“ ۽ وري به هُو غيرت جو ذخيرو سلامت سنڀاري واپس وريو.

پنهنجا پکا ڦٽا ڪري، ڪرٽا ئي پيس، اڇي ڄَرَ جي پيٽ مان رزق جي تلاش ڪيائين. شفاف پاڻيءَ ۾ چرندڙ متاري مڇي، فطرت جو انعام، لاڙ جي ٻُڪئي ۽ ڏکئي عوام لاءِ! پکي، بدڪون ۽ تتر هن ويچاري پورهيت لاءِ هي به چند ڏينهن جو چٽڪو. مڇي ٺيڪيدار ڦري رکي ڇڏي ۽ ڦاسايل بدڪون شڪار جي محافظ ضبط ڪيون. جڏهن ڪيس چيلهه ۾ رسو وجهي ڪورٽ وٺيون ٿي ويا ته ٻر واري ڏنڊ ۾ سوين پکي بندوقن سان ڍير ڪيا پي ويا.

هڪ ڏينهن جيل ڪاٽي، اوسيئڙي ۾ ويٺل ساران وٽ موٽي آيو. بدن ٻِل، ساهه نپوڙيل، رڳو پساهه پيو کٽي. ساران جي هٿ ۾ هٿ ڏنائين. ڇڻ ته پورهئي، اميد ۽ محنت جي امانت سپرد ڪيائينس. ساران جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. اها چمڪ جنهن جي تحت انساني عزم جي قوت هوندي آهي.

ڇا ڪمزور جِيو ڇا آفتون ۽ ڇا مقابلو! هر وقت اميد جي ڏياٽي هٿ ۾ اڳيرو. زندگي لوچ پوچ ۽ ڳولهه جو ڪُن! نا اميديءَ جو دونهون ۽ ڪوهيڙو ور ور ڪيو ويڙهيو وجي ۽ هي بار بار خالي هٿن سان دونهين ۽ ڪوهيڙي جا ڪڪر دور ڪيو ڇڏي. ڇا ته زور هو ڪمزور هٿن ۾. ”جڏهن هٿ هٿن ۾ ملندا تڏهن اهي دونهان ۽ ڪوهيڙا، هميشه هميشه لاءِ لهي ويندا!“ هن سوچيو.

ٻر ۾ ٺهندڙ رستي تي مٽيءَ جو ڪم پئي هليو. لاڙ ملڪ ۾ جِت چوري ۽ ٻنگ جي عام ۽ کلم کلا بازار لڳندي هئي، اتي چند غيرتمند انسان تغارين ڍوئي مزدوري ڪري رهيا هئا. ساران ۽ هُو ساڻن شامل ٿي ويا. ڪوڏر جي هڻ هڻان، تغاري جي ڊوءِ ڊوئان، مڙس شَل ٿي رهيا هئا. ٺيڪيدار صاحب ڪٽ تي ويهي، حقي جي گڙ گڙ ۾، ”شاباس! شاباس!“ جي اهم سخاوت نڇاور ڪري رهيو هو.

هڪ شام جو تغاري کڻي ڊوئيندي ڊوئيندي هُو مري ويو. مزورن ڪم ڪٽي بند ڪيو. ڪٽي ڪيس پونگيءَ پيڙو ڪيائون.

سندس لاش ڇڻ خاموش نياپو ڏئي رهيو هو ته ”مون حياتيءَ جو مقصد ڄاتو ۽ پاتو ... جو ڪجهه تو ۾ بهترين آهي، ان کي اُجار ۽ سڀ خرچي ڇڏ!“ زندگيءَ جي ڳجهارت جي ڪيڏي نه سولي پيچٽي. جم کان موت تائين هڪ وات هڪ ڇلانگ، بيو سڀ، ”جاٽي دوس!“

صبح جا حيات آفرين ڪرڻا. گاهڪ جي هر ٿيلهي ڪي پورو راشن ڏيندا. گمنام انسان جي قبر کي منور ڪندا. تلاءَ جي پيٽ کي قوت جا ٻڌار ڏيندا. هلندا ويا. اهو ئي ڪيچڙ ڀريل تلاءُ جتي اڌ صدي اڳ هڪ ڪمزور ميرانجهڙو ڪوڙيسر ايريو هو. اڄ اُتي به سفيد ڪنول ڪڙيا بيٺا هئا.

.